ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

68 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) چنچر 06 جون 2026ع 20 ذوالحج 1447هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيا شمارو (290)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ ۾ ڪڻڪ جي قيمتن ۾ هٿرادو واڌ ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي جو حڪم

وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڪڻڪ جي سرڪاري امدادي قيمت ۽ اوپن مارڪيٽ جي اگهن ۾ وڌندڙ فرق ۽ قياس آرائي تي ٻڌل ذخيرو اندوزي جي خطرن جو جائزو ورتو ويو

سنڌ ڪابينا جي فيصلي جي روشنيءَ ۾ سال 26−2025 جي فصل لاءِ ڪڻڪ جي خريداري جو آغاز 1 اپريل 2026 کان ٿيو جنهن جو هدف 10 لک ميٽرڪ ٽن هو: آگاهي

گهٽ خريداري جو بنيادي سبب سرڪاري امدادي قيمت ۽ مارڪيٽ جي اگهن ۾ فرق هو. ڪڻڪ موجود آهي پر ڪجهه ذخيرو اندوز مصنوعي کوٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا

ذخيرو اندوزي سڌي ريت صوبائي خوراڪ جي تحفظ ۽ قيمتن جي استحڪام کي نقصان پهچائي ٿي. ڪڻڪ جي دستيابي، سستي ۽ محفوظ هجڻ ضروري آهي: مراد علي شاهه

ڪڻڪ صرف اسان جي ماڻهن جي بنيادي خوراڪ آهي حڪومت آبادگارن، ملرن، واپارين ۽ وفاقي اختيارين سان گڏجي، مستحڪم، سپلائي ۽ منصفاڻي قيمتن لاءِ هر ضروري قدم کڻندي

سنڌ جا ماڻهو اسان مان فوري ۽ ذميوارانه عمل جي اميد رکن ٿا. اسان کين مايوس نه ڪنداسين. هٿرادو کوٽ ذريعي عوام جي حقن کي نقصان پهچائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪڻڪ جي مارڪيٽ قيمتن ۾ هٿرادو واڌ ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي جو حڪم ڏيندي صوبائي اختيارين کي مارڪيٽ کي منظم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ته جيئن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ خوراڪ ۽ زراعت کاتن جي ڪارڪردگي بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

امن خراب ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش سان قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي: آزاد ڪشمير حڪومت

ڪراچي(م ڊ) آزاد ڪشمير حڪومت جي ترجمان جو چوڻ آهي ته جوائنٽ پبلڪ ايڪشن ڪميٽي عوامي مسئلن جي نالي تي گمراهه ڪندڙ ۽ بي بنياد بيانيه پکيڙي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير محسن نقوي جي ايراني هم منصب سان ملاقات، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

بشڪيڪ (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي شنگهائي تعاون

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ارڙهين ترميم جو وڏيڪ فائدو پنجاب کنيو پر ان جو دفاع نٿا ڪن، صدر زرداريءَ کان بهتر ڪو نمائندو ناهي: بلاول ڀٽو

گلگت بلتستان جي عوام کي فيصلو ڪرڻو آهي ته موجوده حالتن ۾ سندن نمائندگي ڪير ڪري سگهي ٿو، هن ڀيري توهان کي فارم 45 جو بندوبست ڪرڻو پوندو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ايٽم بم ۽ شهيد بينظير ڀٽو ميزائل ٽيڪنالاجي جو تحفو ڏنو، پاڪستان دفاعي طور تي مضبوط آهي، ان جو سبب قائد عوام آهي

پاڪستان جي خودمختياري سي پيڪ کان به وڏي آهي، صدر زرداري پاڪ-ايران گئس پائيپ لائين جو بنياد رکيو ۽ پاڪستان مان پرڏيهي اڏا بند ڪرائي کين خدا حافظ چيو

خطي ۾ جنگ جهڙيون حالتون آهن. اسان جو فيلڊ مارشل امن لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. جيترو جلد امن جي ڪوشش ڪامياب ٿيندي، اوترو جلد عوام کي رليف ملندو

گذريل عام چونڊن ۾ توهان جي ووٽ تي ڌاڙو هنيو ويو هو پر هن ڀيري اسان ڪنهن کي ناانصافي ڪرڻ نه ڏينداسين. جيڪڏهن اسان جي حڪومت نهي ته ملڪيت جي حقن بابت قانون لاڳو ڪيو ويندو

پي ٽي آءِ جا ماڻهو ڪي پي ۾ ڪم نٿا ڪن. اهي چون ٿا ته اسان کي قيدي نمبر 420 کي آزاد ڪرائڻو آهي. هتي اسان جي حڪومت نهي پئي اتحادي دوست اسان جي قافلي جو حصو بڻجن

گلگت (مانٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته گلگت بلتستان جي عوام کي فيصلو ڪرڻو آهي ته موجوده حالتن ۾ سندن نمائندگي ڪير ڪري سگهي ٿو هن ڀيري توهان کي فارم 45 جو بندوبست ڪرڻو پوندو. گلگت شهر جي رائل پولو گرائونڊ ۾ هڪ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته هن ڀيري اسان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان پاڪ سعودي بزنس ڪائونسل جي چيئرمين منصور بن محمد السعود کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڏوهاري مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمز جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن: محسن نقوي

اسان جي خطي کي دهشتگردي سميت سنگين ۽ پيچيده سيڪيورٽي چئلينجز درپيش آهن

دهشتگردي، منظم ڏوهه، منشيات اسمگلنگ، سائبر ڪرائيم خلاف گڏيل حڪمت عملي اٽل آهي

پاڪستان شنگهائي اسپرٽ جي اصولن، گڏيل اعتماد، برابري ۽ خودمختياري تي مڪمل عمل ڪري پيو

دهشتگردن جي مالي مدد روڪڻ پاڪستان جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي، بشڪيڪ ۾ خصوصي اجلاس کي خطاب

بشڪيڪ (اي پي پي)گهرو معاملن واري وفاقي وزير سيد محسن نقوي شنگهائي تعاون تنظيم جي ميمبر ملڪن جي گهرو وزيرن ۽ پبلڪ سيڪيورٽي جي خصوصي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اسان

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

انساني برابري جي نظريي لاءِ ڪارل مارڪس وڏيون قربانيون ڏنيون: جواد احمد

لاهور(م ڊ)مشهور ڳائڪ ۽ سياسي اڳواڻ جواد احمد سائنسي سوشلزم جي باني

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

مائونٽ ايورسٽ تي معجزو، مئل تصور ڪيل نيپالي گائيڊ 6 ڏينهن بعد زنده هٿ آيو

دنيا جي بلند ترين چوٽي سر ڪرڻ کان پوءِ واپسي تي 52 سالن جو گائيڊ داشيريا گم ٿي ويو

سندس ڪٽنب آخري رسمون ادا ڪري چڪيون، هو آئس فال تي ريڙهيون پائيندي هٿ آيو

کٽمنڊو (اي پي پي) دنيا جي بلند ترين

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

موسمياتي تبديلي خلاف جدوجهد انسانيت جي تحفظ جي جدوجهد آهي: بلاول

موسمياتي تبديلي عالمي چئلينج آهي، جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قدمن جي ضرورت آهي

موسمياتي تبديلي هاڻي مستقبل جو خطرو نه پر اڄ جي حقيقت بڻجي چڪي آهي

ڪراچي(بيورو رپورٽ)پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عالمي يوم ماحوليات جي موقعي تي پنهنجي پيغام

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سڄي ملڪ جي ماڻهن کي روزگار ڏئي ٿو، چاهيان ٿو هتي به اهڙو ٿئي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي غريب پرور شهر آهي ۽ مان چاهيندس ته هتي به ڪراچي جهڙو بڻجي

ليگي اڳواڻ هتي ۾ عوام کان پڇيو هو ته هتي کي لاهور جهڙو ڪجي يا ڪراچي جهڙو

سنڌ ۾ جڏهن ٻوڏ جي تباهي ايندي آهي ته حڪومت عوام سان گڏ بيٺل هوندي آهي

سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهر ناهي رهي آهي

ڪراچي(م ڊ)ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب نون ليگ اڳواڻ خرم دستگير جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ڪراچي غريب

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ناسا چنڊ تي مستقل انساني رهائشي منصوبي جو روڊ ميپ پيش ڪري ڇڏيو

مون بيس منصوبي لاءِ هڪ خاص ويب سائيٽ متعارف ڪرائي مرڪز جا تفصيل ڏنا ويا

پاڻي ۽ برف جا ذخيرا موجود هجڻ جو امڪان آهي، منصوبي تي مرحلي وار ڪم ڪيو ويندو: عملدار

واشنگٽن (اي پي پي)خلائي تحقيقاتي آمريڪي اداري ناسا چنڊ تي مستقل انساني رهائش جي منصوبي مون بيس جو روڊ ميپ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پيٽرول جي قيمتن ۾ 4 رپيا في ليٽر گهٽتائي، ڊيزل جا اگهه ساڳيا برقرار

اگهن ۾ واڌ کان پيٽرول جي نئين قيمت 377.78 رپيا في ليٽر مقرر ڪئي وئي

ڊيزل جي قيمت 380.78 رپيا في ليٽر برقرار رکي وئي، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ ايندڙ هفتي لاءِ پيٽروليم شين جي نئين قيمتن جو اعلان ڪيو ويو آهي پيٽروليم ڊويزن جو چوڻ آهي ته پيٽرول جي قيمت ۾ 4 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پاڪستان عالمي برادري سان گڏجي زمين جي تحفظ ۽ موسمياتي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي: اسحاق ڊار

زمين جي تحفظ ۽ موسمياتي بحران جي مقابلي لاءِ گڏيل ڪوششن کي مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

موسمياتي تبديلين سبب متاثر ٿيندڙ ملڪن ۾ شامل هجڻ باوجود پاڪستان ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو آهي

قومي سطح تي پاڪستاني حڪومت ماحولياتي تحفظ کي ترجيحات جو مرڪزي جز بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار موسمياتي بحران جي مقابلي لاءِ گڏيل ڪوششن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڀريندي چيو آهي ته پاڪستان عالمي برادري سان گڏجي زمين جي تحفظ ۽ موسمياتي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پرعزم

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

انيس قائمخاني جو بيان ايم ڪيو ايم جي سياسي زوال جي عڪاسي ڪري ٿو: مصطفيٰ بلوچ

ڪراچي جو عوام ڄاڻي ٿو ته ماضي ۾ ڪهڙن عنصرن شهر کي بد امني، لساني سياست ۾ ڌڪيو

ايم ڪيو ايم شهر جي وسيلن ۽ مسئلن کي به پنهنجي سياسي مفادن لاءِ استعمال ڪيو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان مصطفيٰ بلوچ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ انيس قائم خاني جي تازي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته سندس بيان حقيقتن کان پري ۽ ايم ڪيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان ارسلان شيخ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ايندڙ نسلن جي محفوظ مستقبل لاءِ ماحول دوست طرز زندگي کي هٿي ڏيڻ گهرجي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ لاءِ پاڪستان ۾ هڪ نئون مثال قائم ڪري رهي آهي

پهرين مرحلي ۾ اي وي بسون متعارف ڪرائي گرين ٽرانسپورٽ جو تصور لاڳو ڪيو ويو

ماحول دوست اي وي بسون ماحولياتي گدلاڻ ۾ جوڳي گهٽتائي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماحوليات جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

صدر ۽ وزيراعظم پاران فتنه الهندستان جي دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

پنجگور ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 6 هندستاني اسپانسرڊ دهشتگرد مارجي ويا: آءِ ايس پي آر

آپريشن دوران فورسز دهشتگردي جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي موثر طريقي سان نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ پڻ ٿي

مارجي ويل هندستاني اسپانسرڊ دهشتگردن وٽان هٿيارن، گولابارود، ديسي ڌماڪيدار مواد ۽ گاڏي پڻ هٿ آئي

نيشنل ايڪشن پلان تحت دهشتگردي جي خاتمي جي مهم پوري رفتار سان جاري رهندي: عملدار

اسلام آباد (اي پي پي)سيڪيورٽي فورسز 3 ۽ 4 جون 2026ع تي بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪيو جنهن ۾ هندستاني پراڪسي فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پاران بجيٽ ۾ ڪراچي ۾ جاري مختلف منصوبن لاءِ فنڊز رکڻ جو فيصلو

وفاقي حڪومت ڪراچي جي گرين لائين بس لاءِ هڪ ارب 98 ڪروڙ رپيا رکڻ جي تجويز ڏني: دستاويز

شهر ۾ روڊن، گهٽين، پاڻي جي نيڪال ۽ پاڻي جي مختلف منصوبن لاءِ به فنڊز تجويز ڪيا ويا

ضلعي ويسٽ ۾ انفرا اسٽرڪچر جي بحالي لاءِ 26 ڪروڙ رپيا، ناظم آباد ۽ لياقت آباد لاءِ 37 ڪروڙ رپيا رکڻ جي تجويز

اسلام آباد(م ڊ)وفاقي حڪومت بجيٽ ۾ ڪراچي ۾ جاري مختلف منصوبن لاءِ فنڊز رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. دستاويز موجب، وفاقي حڪومت ڪراچي جي گرين لائين بس لاءِ هڪ ارب 98 ڪروڙ رپيا رکڻ جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ايران جي زمين اندر رکايل يورينيم حاصل ڪري سگهون ٿا، پر في الحال ارادو ناهي: ٽرمپ

اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نتن ياهو ۽ حزب الله جي نمائندن سان لبنان جي صورتحال تي ڳالهه ٻول ڪئي آهي

آمريڪا وٽ ايران جي زمين اندر محفوظ رکايل يورينيم ذخيرا حاصل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي

لبنان ۽ اسرائيل وچ ۾ آمريڪا جي ثالثي ۾ ٿيندڙ جنگبندي کي حزب الله رد ڪري ڇڏيو

واشنگٽن(م ڊ)وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ دوران آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪا وٽ ايران جي زمين اندر محفوظ رکايل يورينيم ذخيرا حاصل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي پر في

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ روس وچ ۾ جوهري شعبي ۾ سهڪار لاءِ 25 ارب ڊالرن جو معاهدو

ايران ۽ روس 25 ارب ڊالرن جي ماليت وارو وسيع جوهري سهڪار وارو معاهدو طئي

جنهن جو مقصد تهران جي ايٽمي ڍانچي کي وڌيڪ وسيع بڻائڻ آهي

معاهدي ذريعي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اسٽرٽيجڪ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا

بوشهر ايٽمي بجلي گهر هن وقت فعال آهي، ان جو ٻيون ۽ ٽيون يونٽ تعمير هيٺ آهن

تهران(م ڊ)ايران ۽ روس جي وچ ۾ جوهري شعبي ۾ سهڪار لاءِ 25 ارب ڊالرن جي ماليت واري مفاهمتي يادداشت (ايم او يو)

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير فيض گنج ۾ عورت جي قتل جو نوٽيس ورتو، ايس ايس پي خيرپور کان رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيني قونصل جنرل کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

وفاقي حڪومت ننڍن دڪاندارن لاءِ فڪسڊ ٽيڪس اسڪيم جو اعلان ڪري ڇڏيو

اسڪيم انهن دڪاندارن تي لاڳو ٿيندي جن جي ساليانو سيلز 20 ڪروڙ يا ان کان گهٽ آهي: محمد اورنگزيب

دڪاندار جي ٽرن اوور جي مقدار وڌيڪ هوندي ته ان حساب سان هڪ سيڪڙو ٽيڪس هوندو: بلال اظهر ڪياني

ملڪ ۾ ٽيڪس شرح وڌائڻ بدران ٽيڪس نيٽ کي وڌائڻ جي ضرورت آهي: گڏيل پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت ننڍن دڪاندارن لاءِ فڪسڊ ٽيڪس اسڪيم جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪندي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

لاهور جي عدالت ۾ شاهه محمود قريشي جي ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 15 جون تائين ملتوي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير سردار محمد يوسف جي روضہ رسول صہ تي حاضري، ملڪي سلامتي لاءِ خاص دعا گهري

مدينه شريف (اي پي پي) مذهبي معاملن ۽

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ سان پنجاب جو اقليتي معاملن وارو وزير سردار رميش سنگهه اروڙا ملاقات ڪري رهيو آهي

سرد جنگ ڪانپوءِ هي سڀ کان خطرناڪ دور آهي، روس ڳاڙهي لڪير پار ڪري سگهي ٿو: برطانوي آرمي چيف

پهرين پنجن مهينن دوران روسي اسٽريٽجڪ جهازن طرفان برطانوي فضائي حدن جي ڀڃڪڙين جو انگ گذريل سال جيترو ٿي رهيو آهي

هي اهو سڀ کان خطرناڪ دور آهي جيڪو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي: جنرل رچرڊ نائٽن

ملڪ کي هاڻي سرد جنگ ڪانپوءِ سڀ کان وڌيڪ خطرن ۽ چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

لنڊن(م ڊ)برطانوي فوج جي چيف آف اسٽاف جنرل رچرڊ نائٽن چيو آهي ته ملڪ کي هاڻي سرد جنگ ڪانپوءِ سڀ کان وڌيڪ خطرن ۽ چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي برطانوي ميڊيا جي رپورٽ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ سخت زخمي ٿيل شخص جناح اسپتال ۾ علاج دوران فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي فيڊرل بي ايريا ۾ گلبرگ چورنگي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ سخت زخمي ٿيل هڪ شخص جناح اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو. پوليس اختيارين موجب حادثو خميس ڏينهن

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

مذهبي معاملن واري وفاقي وزير جو مدينه حج مشن ۽ مرڪزي ڪلينڪ جو دورو

مدينه شريف (اي پي پي)مذهبي معاملن ۽

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير ۾ عام چونڊون 27 جولاءِ تي ٿينديون، شيڊيول جاري

اليڪشن ڪميشن آزاد ڪشمير ۾ عام چونڊون 27 جولاءِ تي ڪرائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي سمورن تڪن ۾ پولنگ 27 جولاءِ تي صبح 8 وڳي کان شام 5 وڳي تائين ٿيندي

اميدوار 9 جون کان 19 جون 2026ع تائين ريٽرننگ آفيسرن وٽ پنهنجا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي سگهندا: نوٽيفڪيشن

مظفر آباد(م ڊ) آزاد ڪشمير ۾ عام چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪندي چونڊن جو شيڊيول به جاري ڪيو ويو آهي اليڪشن ڪميشن آزاد ڪشمير ۾ عام چونڊون 27 جولاءِ تي ڪرائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشميراسيمبلي جون 12 سيٽون ختم ڪرڻ جو مطالبو چونڊن کي نقصان پهچائڻ برابر آهي: خواجا آصف

پاڪستان ۾ ڪشمير جا تڪ پکڙيل آهن. هتي ڪشمير پناهگيرن جو انگ وڌيڪ جمون مان آهي

1947ع ۾ پناهگير 2 لک کان وڌيڪ جانين جي قرباني ڏئي سيالڪوٽ شهر ۽ تعلقي ۾ اچي آباد ٿيا هئا

اوهان پناهگيرن کي سندن حق کان محروم نٿا ڪري سگهو، ايڪشن ڪميٽي جي مطالبي تي رد عمل

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته 27 جولاءِ تي آزاد ڪشمير جي چونڊون ٿينديون ايڪشن ڪميٽي طرفان پاڪستان سان چونڊيل آزاد ڪشمير اسيمبلي جي 12

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪم جونگ ان جي ماءُ ڪير هئي؟ 15 سالن کان لڪل سچ ظاهر ٿي ويو

ڪراچي(م ڊ)اتر ڪوريا جي اڳواڻ ڪم جونگ ان جي چوڌاري پکڙيل ڪيتي ئي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ويرات ڪوهلي جي ڀارت ڇڏي لنڊن منتقل ٿيڻ جو اصل ڪارڻ سامهون اچي ويو

لنڊن(م ڊ)ڀارتي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان ۽ انڊين پريميئر ليگ جي فرنچائز

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي سان چيني قونصل جنرل يانگ ين ڊانگ ملاقات ڪري رهيو آهي

ن ليگ پاران گلگت کي اين ايف سي ايوارڊ ۾ حصو ڏيڻ جو واعدو

سيني پارٽين ۽ رياستي ادارن جي وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيڻ گهرجي ته سرمايو ڪيئن لڳايو ويندو: سعد رفيق

اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف گلگت ۾ روڊ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس دور ختم ٿي ويو

(ن) ليگ کي موقعو ڏنو ويو ته اها هن علائقي کي بهتر بڻائيندي، توهان کي اين ايف سي ۾ حصو به ملندو

اسڪردو(م ڊ)پاڪستان مسلم ليگ (ن) گلگت کي اين ايف سي ايوارڊ ۾ حصو ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي اسڪردو ۾ هڪ ريلي کي خطاب ڪندي خواجه سعد رفيق چيو ته پاڪستان جي سيني پارٽين ۽ رياستي ادارن جي وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيڻ گهرجي ته سرمايو ڪيئن لڳايو ويندو ۽ هتي وسيلن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

انتها پسندي واقعن کي روڪڻ لاءِ حڪومت ۽ عوام کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي: سمينا افضل

ڪراچي ۾ نالن تي قبضا ڪيا ويا، دنيا جو سڀني کان وڏو چيلنج ماحولياتي جي تبديلي جا اثر آهن

صفدر عباسي کي چوندس ته ڪراچي اچو هتي ماڻهن جا مسئلا ٻڌو: ارسلان اسلام شيخ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ ۽ ايم پي اي سميتا افضل ڪالهه ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪراچي پوليس چيف آزاد خان جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

مواصلات واري وفاقي وزير پاران سعودي عرب جي وفد کي موثر ويزا ۽ سيڙپڪاري جي خصوصي آڇ

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان سان سعودي پاڪستان بزنس ڪائونسل جي چيئرمين پرنس منصور بن محمد السعود جي قيادت

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو: اقليتي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي اقليتي شاگردن ۾ اسڪالرشپ جا چيڪ ورهائي رهيو آهي

ڄامشورو حڪومت سنڌ جي اقليتي معاملن واري کاتي پاران اسڪالرشپ چيڪن جي تقسيم

تقريب ۾ سام سندر آڏواڻي، جمشيد عالم ميمڻ، محمد اسلم ڪوسو ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت

سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي نوجوانن کي معياري تعليم ۽ ترقي جا برابر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: شام سندر آڏواڻي

ڄامشورو (ڊ ر) حڪومت سنڌ جي اقليتي معاملن واري کاتي پاران اسڪالرشپ چيڪن جي ورڇ سوين شاگرد ۽

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت، گهرو کاتي ۽ آمريڪي وفد پاران سهڪار وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

اعليٰ سطحي ورچوئل اجلاس ۾ صوبي ۾ امن امان، عوامي تحفظ ۽ پوليس جي صلاحيتن ۾ واڌ بابت غور ويچار

عوامي تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ شفاف پوليسنگ جي فروغ لاءِ گڏيل عزم جو اظهار ڪيو ويو

بدلجندڙ سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ بين الاقوامي سهڪار انتهائي اهميت رکي ٿو: آءِ جي جاويد عالم اوڍو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت، گهرو کاتي ۽ آمريڪي وفد جي وچ ۾ هڪ اعليٰ سطحي ورچوئل اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سنڌ ۾ امن امان، عوامي تحفظ ۽ سنڌ پوليس جي صلاحيتن ۾ واڌ بابت تفصيلي خيال ونڊيا ويا. اجلاس ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو کاتو سنڌ محمد اقبال

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پشاور: گرمي وڌڻ بعد هڪ نوجوان ٽيوب ويل تي وهنجي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا مقابلن دوران 6 زخمين سميت 9 ڌاريا گرفتار

مختلف ٿاڻن جي پوليس علائقن ۾ ڪارروايون ڪندي ڏوهن ۾ ملوث جوابدار سوگها ڪيا

جوابدارن وٽان هٿيار، چوري ٿيل موبائل فون، نقد رقم ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا مقابلي دوران پوليس 6 زخمين سميت 9 ملزمن کي گرفتار ڪيو. ڪارروائين ۾ هٿيار، چوري ٿيل موبائل فون، نقد رقم ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون. موچڪو پوليس هاڪس بي ابراهيم ڳوٺ ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ملزمن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

خانپورمهر ويجهو جوابدار ناري مٿان تيزاب هاري ڇڏيو، تي چهرو ۽ اکيون متاثر، ايس ايس پي جو نوٽيس

ڳوٺ ڪنڌو مهر ۾ مبينا طور جوابدار مياندادمهر گهر ۾ داخل ٿي 17 سالن جي شرمان تي تيزاب هاري ڇڏيو

واقعي جون خبرون ميڊيا اچڻ بعد ايس ايس پي نوٽيس ورتو، ايس ايڇ او ڳوٺ پهچي ناري کي اسپتال منتقل ڪيو

ناري کي اسپتال منتقل ڪيو اهي، واقعي بابت جاچ ڪئي پئي جوابدار جلد گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

خانپورمهر(ن ح) خانپورمهر ويجهو ناري تي تيزاب هارڻ جو الزام چهرو ۽ اکيون متاثر ايس ايس پي گهوٽڪي واقعي جو نوٽيس ورتو ناري اسپتال منتقل خبر موجب خانپورمهر ويجهو ڳوٺ ڪنڌو مهر ۾ مبينا طور جوابدار مياندادمهر پنهنجي مائٽ هزارو مهر جي گهر ۾ گهڙي سندس

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر: تيزاب سان ساڙيل ناري جنهن جون اکيون متاثر ٿيون

نٿو سمجهان ته پاڪستان چين جي مڪمل ڪنٽرول هيٺ آهي: پيوٽن

چين ڀارت ۽ پاڪستان ۾ سرحدي تڪرارن ۽ انهن سان لاڳاپيل پيچيدگين کان واقف آهي

آءُ نٿو سمجهان ته پاڪستان اهڙو ملڪ آهي جيڪو مڪمل طور چين جي ڪنٽرول هيٺ هجي

پاڪستان هڪ وڏو ملڪ آهي، جنهن جا دنيا جي مختلف ملڪن سان گهڻ رخا لاڳاپا آهن

ماسڪو(م ڊ)روسي صدر ولاديمير پيوٽن هڪ اهم بيان ڏيندي چيو آهي ته چين هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ سرحدي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

صاف سٿرو ۽ صحتمند ماحول سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: ناصر شاهه

ماحولياتي گدلاڻ جي خاتمي ۽ وڻڪاري جي واڌاري لاءِ اجتماعي ڪوششن جي ضرورت آهي

سنڌ حڪومت ماحول دوست پاليسين ۽ گرين قدمن کي هٿي وٺائڻ لاءِ پرعزم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صاف سٿرو ۽ صحتمند ماحول اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي جنهن جي تحفظ لاءِ هر فرد

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت

نارٿ ۾ گهر مان 62 سالن جي ناهيد عزرا زال سلطان عالم جو ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش مليو

ماڙيپور روڊ تي حادثي ۾ نوجوان معيز فوت، ايف بي ايريا مان نامعلوم پيرسن جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا فوت هڪ ڄڻو زخمي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حڪومت بجيٽ بابت معاملن تي اتحادي پارٽين سان رابطي ۾ آهي خدشا ۽ مطالبا حل ڪيا ويندا: دانيال چوڌري

سمورن اتحادي حصيدارن سان سياسي مشاورت ذريعي عوام دوست بجيٽ تيار ڪئي پئي وڃي

حڪومت بجيٽ سازي جي عمل ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۽ اتحادي جي تعميري تجويزن کي شامل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

اين ايف سي جي طريقيڪار کي موجوده معاشي حالتن ۽ قومي ضرورتن موجب جديد بڻائڻ جي ضرورت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءُ واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بيرسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته حڪومت بجيٽ بابت معاملن تي سمورن اتحادي پارٽين سان ويجهي رابطي ۾ آهي ۽ انهن جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 آزاد ڪشمير حڪومت

رهي آهي. ترجمان موجب حڪومت ڳالهين، رليف ۽ عملدرآمد جو رستو چونڊيو آهي، جي اي اي سي لچڪ جي بدران دٻاءُ ۽ گلي جي سياست کي ترجيح ڏني. آزاد ڪشمير حڪومت چيو ته 38 مان 35 مطالبا منظور ڪرڻ کان پوءِ به احتجاج تي اصرار ڪرڻ عوامي مفاد ۾ ناهي پر سياسي ضد آهي. پرامن احتجاج هڪ جمهوري حق آهي، پر قانون کي پنهنجي هٿن ۾ وٺڻ، رستا بلاڪ ڪرڻ ۽ عوامي زندگي کي مفلوج ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏني سگهجي. آزاد ڪشمير حڪومت جي ترجمان خبردار ڪيو ته جوائنٽ پبلڪ ايڪشن ڪميٽي کي عوامي مطالبن جي نالي تي پنهنجي مرضي لاڳو ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. جيڪڏهن ضد ڪري امن امان کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. ترجمان چيو ته آزاد ڪشمير کي مسلسل احتجاج جي ضرورت ناهي استحڪام، ڳالهه ٻولهه ۽ عملي حل جي ضرورت آهي. گلي جي دٻاءُ سان اسيمبلي جي فيصلن کي رد نٿو ڪري سگهجي اعلان موجب آزاد ڪشمير حڪومت کي قانون جي حڪمراني لاءِ مضبوط ۽ واضح موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. 9 جون تي چونڊ عمل ۾ رڪاوٽ عوامي حقن جو دفاع نه هوندو پر جمهوري عمل کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. عوام کي بندش هڙتال ۽ دٻاءُ جي سياست جي بدران روڊن، ڳالهين ۽ آئيني عمل تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. آزاد ڪشمير حڪومت پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته حڪومت دروازا بند نه ڪيا پر عوامي ايڪشن ڪميٽي ڳالهين جي بدران محاذ آرائي جو رستو چونڊيو ترجمان موجب آزاد ڪشمير ۾ امن ۽ استحڪام تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيڻ گهرجي عوامي زندگي کي يرغمال بڻائڻ جي ڪوشش کي قانون جي دائري ۾ بند ڪيو وڃي ياد رهي ته جوائنٽ پبلڪ ايڪشن ڪميٽي 9 جون تي هڙتال جو سڏ ڏنو آهي

بقايا 2 ڳالهيون

تنظيم جي ميمبر ملڪن جي گهرو وزيرن ۽ پبلڪ سيڪيورٽي جي خصوصي اجلاس جي موقعي تي پنهنجي ايراني هم منصب سڪندر مومني سان اهم ملاقات ڪئي. گهرو وزارت مان جاري بيان موجب ڪرغزستان جي گادي واري هنڌ بشڪيڪ ۾ ٿيل هن ملاقات ۾ پاڪ ايران لاڳاپن، داخلي سلامتي جي معاملن ۽ خطي جي تازه ترين صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي گهرو وزيرن خطي جي پائيدار امن لاءِ سفارتي ڪوششن تسلسل سان جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڀريو.

بقايا 3 بلاول ڀٽو

ڪنهن کي به توهان سان ناانصافي ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين. گذريل چونڊن ۾ توهان جي ووٽ تي ڌاڙو هنيو ويو هو. هن چيو ته پيپلز پارٽي ئي توهان جي بهترين نمائندگي ڪري سگهي ٿي ۽ صدر آصف علي زرداريءَ کان بهتر ڪو ٻيو نمائندو نٿو ٿي سگهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ايٽم بم ۽ شهيد بينظير ڀٽو ميزائل ٽيڪنالاجي جو تحفو ڏنو. پاڪستان دفاعي طور تي مضبوط آهي ان جو سبب قائد عوام آهي. هن چيو ته پاڪستان جي خودمختياري سي پيڪ کان به وڏي آهي، صدر زرداري پاڪ-ايران گئس پائيپ لائين جو بنياد رکيو ۽ پاڪستان مان پرڏيهي اڏا بند ڪرائي مهمانن کي خدا حافظ چيو پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته خطي ۾ جنگ جهڙيون حالتون آهن اسان جو فيلڊ مارشل امن لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي جيتري جلد امن جي ڪوشش ڪامياب ٿيندي اوترو جلد عوام کي رليف ملي سگهندو اسان دعاگو آهيون ته فيلڊ مارشل جون خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جون ڪوششون ڪامياب ٿين. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته 18هين ترميم جو وڌيڪ فائدو پنجاب کي ٿيو آهي اين ايف سي ۽ 18 هين ترميم کي تحفظ ڏيڻ نٿا چاهين هن چيو ته جيڪڏهن گلگت بلتستان جي ماڻهن کي وڏي اڪثريت سان مينڊيٽ ملي ٿو ته پوءِ جيالو وزير اعليٰ اچڻ کان پوءِ عوام کي زمينن جو مالڪ بڻايو ويندو اسان ڪنهن کي به عوام جو مينڊيٽ کسڻ نه ڏينداسين ۽ اسان گڏجي ان جي حفاظت ڪنداسين. بلاول ڀٽو چيو ته گلگت بلتستان ۾ ملڪيت جي حقن بابت قانون منظور ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي جيڪڏهن عوام اسان کي 7 جنوري تي وڏي اڪثريت ڏئي ٿو ته حڪومت ٺهڻ کان پوءِ ملڪيت جي حقن بابت قانون لاڳو ڪيو ويندو بلاول ڀٽو چيو ته جيڪڏهن اسان اليڪشن نه کٽياسين ته پوءِ ملڪيت جي حقن بابت قانون لاڳو نه ٿيندو هي قانون پيپلز پارٽي قانون ساز اسيمبلي مان به منظور ڪيو هو چيئرمين پيپلز پارٽي چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو ڪي پي ۾ ڪم نٿا ڪن اهي چون ٿا ته اسان کي قيدي نمبر 420 کي آزاد ڪرڻو پوندو اسان جا تمام سٺا اتحادي ۽ دوست به چونڊن ۾ حصو وٺي رهيا آهن اسان انهن کي ٻڌايون ٿا ته هتي اسان جي حڪومت ٺهي رهي آهي، توهان اسان جي قافلي جو حصو بڻجو ۽ گلگت بلتستان جي سيڪيورٽي جو دفاع ڪريو اسان کي وڌيڪ حق ملندا. بلاول ڀٽو مسلم ليگ (ن) جو نالو وٺڻ کان سواءِ مذاق اڏايو ۽ چيو ته 18 هين ترميم مان پنجاب کي سڀ کان وڌيڪ فائدو ٿيو پر هاڻي اهو پاڻ ان جو دفاع ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ته پوءِ اهي گلگت بلتستان ۾ ڇا ڪندا؟

بقايا 4 محسن نقوي

جي خطي کي سنگين ۽ پيچيده سيڪيورٽي چئلينجز درپيش آهن دهشتگردي، منظم ڏوهن، منشيات جي اسمگلنگ، سائبر ڪرائيم ۽ ٽيرر فنانسنگ خلاف گڏيل حڪمت عملي اڻٽر آهي محسن نقوي چيو ته ڏوهاري نيٽ ورڪس مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمز جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن. بدلجندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارن جي جديد رخ تي هم آهنگي ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان شنگهائي اسپرٽ جي اصولن، گڏيل اعتماد، برابري جي حصيداري ۽ خودمختياري تي مڪمل عمل ڪري رهيو آهي. گهرو وزير چيو ته پاڪستان دهشتگردي ۽ انتهاپسندي خلاف بي مثال قربانيون ڏنيون آهن هن چيو ته قومي ايڪشن پلان تحت انٽيليجينس ڪوآرڊينيشن، بارڊر مينيجمينٽ ۽ اينٽي مني لانڊرنگ قدمن کي مضبوط بڻايو ويو آهي. ايس سي او آر اي ٽي ايس تحت ڳجهي معلومات جي مٽاسٽا ۽ گڏيل خطرن جي تجزئي ۾ تعاون ۽ آن لائن انتهاپسندي جي ازالي لاءِ گڏيل قدمن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ وقت جي ضرورت آهي ان سلسلي ۾ پاڪستان ورڪشاپس ۽ ماهرن جي مٽاسٽا جي قدمن جي ڀرپور حمايت ڪري ٿو محسن نقوي چيو ته سائبر انٽيليجنس ۽ ڊجيٽل فرانزڪس ۾ علائقائي تعاون وقت جي اهم ضرورت آهي منشيات جي اسمگلنگ دهشتگردي جي مالي مدد جو وڏو ذريعو آهي. منشيات، آن لائن نيٽ ورڪس ۽ ڪرپٽو ٽرانزيڪشن خلاف گڏيل حڪمت عملي ضروري آهي، وفاقي گهرو وزير چيو ته پاڪستان جي اينٽي نارڪوٽڪس فورس ايس سي او سطح تي منشيات جي خاتمي وارن قدمن ۾ مڪمل متحرڪ آهي هن چيو ته بارڊر سيڪيورٽي علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ اهم حيثيت رکي ٿي گهرو وزير جعلي دستاويزن، واچ لسٽ، هم آهنگي ۽ انساني اسمگلنگ خلاف تعاون وڌائڻ جي ضرورت تي به زور ڀريو هن چيو ته دهشتگردن جي مالي مدد روڪڻ پاڪستان جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي پاڪستان اينٽي مني لانڊرنگ نظام ۾ سڌارا ڪيا آهن ۽ پاڪستان جو مضبوط اينٽي مني لانڊرنگ فريم ورڪ فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي محسن نقوي چيو ته دهشتگرد مالي نيٽ ورڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ مضبوط علائقائي تعاون اڻٽر آهي، اسان جا چئلينجز گڏيل آهن ان لاءِ اسان جون ڪوششون به گڏيل هجڻ گهرجن. هن چيو ته پرامن ۽ محفوظ ايس سي او خطو اسان جي گڏيل ڪوشش جو هدف آهي. اسان 2027ع ۾ اسلام آباد ۾ رٿيل ايس سي او سمٽ ۾ شرڪت ڪندڙن جي استقبال جا منتظر آهيون

بقايا 5 زنده هٿ آيو

چوٽي مائونٽ ايورسٽ تي 6 ڏينهن اڳ گم ٿي ويل 52 سالن جو نيپالي جبل چاڙهو گائيڊ دواشيرپا معجزاتي طور زنده سلامت حالت ۾ ملي ويو ميڊيا رپورٽن موجب مائونٽ ايورسٽ چوٽي سر ڪرڻ کان پوءِ واپسي تي 7 هزار 500 ميٽر جي قاتل بلندي تي گم ٿيل جبل چاڙهو دواشيرپا کي مئل سمجهي سندس ڪٽنب وارن آخري رسمون ادا ڪري ڇڏيون جڏهن ته هو شديد فراسٽ بائٽ باوجود بيس ڪيمپ ويجهو کمبو آئس فال تي ريڙهيون پائيندي ملي ويو ريسڪيو عملدارن ان کي تاريخ جو انوکو ترين "سيلف ريسڪيو" ۽ حقيقي معجزو قرار ڏنو آهي چاڪاڻ ته ايتري بلندي تي آڪسيجن جي شديد کوٽ باوجود 6 ڏينهن تائين اڪيلي زنده رهڻ ممڪن نه هو جبل چاڙهو کي هيليڪاپٽر ذريعي فوري طور تي کٽمنڊو جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي سندس علاج جاري آهي. ڊاڪٽرن موجب هو هوش ۾ آهي ۽ سندس حالت خطري کان ٻاهر آهي

بقايا 6 اسحاق ڊار

آهي. پرڏيهي کاتي مان جاري ٿيل بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن ماحوليات جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ ڪيو آهي ۽ نائب وزير اعظم چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪن ۾ شامل آهي ان جي باوجود لڳاتار ايندڙ ٻوڏ، گليشيئرز جي تيزي سان ڳرڻ، سوڪهڙي، شديد گرمي ۽ پاڻي جي وڌندڙ دٻاءُ جهڙن چيلينجز جي مقابلي لاءِ ثابت قدمي ۽ عزم جو مظاهرو ڪري رهيو آهي هن چيو ته زمين جي تحفظ ۽ موسمياتي بحران جي مقابلي لاءِ گڏيل ڪوششن کي مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته موسمياتي تبديلين حياتياتي تنوع ۾ گهٽتائي ۽ ماحولياتي تبدلي جهڙن عالمي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ عالمي سهڪار کي وسعت ڏيڻ تمام گهڻو ضروري آهي هن چيو ته قومي سطح تي پاڪستان جي حڪومت ماحولياتي تحفظ کي پنهنجي ترجيحات جو مرڪزي جز بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي ان حوالي سان هڪ اهم سنگ ميل صاف، صحت مند ۽ پائيدار ماحول جي حق کي شهرين جو بنيادي آئيني حق تسليم ڪرڻ آهي نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين سان هم آهنگ رهائشي منصوبن، صاف توانائي طرف تيز ترين منتقلي ۽ ماحول دوست ۽ پائيدار تعميراتي طريقن کي هٿي وٺائڻ لاءِ قدم کڻي رهيو آهي ۽ ان موقعي تي هن آذربائيجان جي حڪومت پاران ماحوليات جي تحفظ جي عالمي ڏهاڙي 2026 جي ميزباني تي شڪريو ادا ڪندي چيو ته پاڪستان عالمي ماحولياتي چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ عالمي سهڪار ۽ تعميري ڳالهين کي هٿي وٺائڻ ۾ آذربائيجان جي ڪوشش جي تعريف ڪري ٿو

بقايا 7 مصطفيٰ بلوچ

ايم جي سياسي زوال جي عڪاسي ڪري ٿو هن چيو ته انيس قائم خاني کي تنقيد ڪرڻ کان اڳ ڪراچي لاءِ پنهنجي پارٽي جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ گهرجي. ڪراچي جو عوام چڱي ريت ڄاڻي ٿو ته ماضي ۾ ڪهڙن عنصرن شهر جي بدامني، لساني سياست ۽ ٽڪراءَ ڏانهن ڌڪيو. ايم ڪيو ايم نه صرف ڪراچي جي امن امان ۽ ادارن کي نقصان پهچايو پر شهر جي وسيلن ۽ مسئلن کي به پنهنجي سياسي مفادن لاءِ استعمال ڪيو مصطفيٰ بلوچ چيو ته ڪراچي جو عوام هاڻي شعور وارو ٿي چڪو آهي ۽ هو نعرن ۽ الزام تراشي جي سياست جي بدران عملي ڪارڪردگي کي ترجيح ڏي ٿو جن ماڻهن ڏهاڪن تائين ڪراچي جي نمائندگي جو دعويٰ ڪئي اهي اڄ پنهنجي ڪارڪردگي جو جواب ڏيڻ بدران ٻين تي تنقيد ڪري رهيا آهن هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي جي ترقي لاءِ تاريخي قدم کنيا آهن شاهراهه ڀٽو سميت ڪيترائي ميگا ترقياتي منصوبا، فلائي اوورز انڊر پاسز رستا ٺاهڻ ۽ ٻيا انفراسٽرڪچر جا منصوبا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته پيپلز پارٽي ڪراچي جي ترقي لاءِ سنجيده ۽ عملي قدم کڻي رهي آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته ڪراچي ۾ امن جي قيام ۽ استحڪام لاءِ به پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اڄ ڪراچي ماضي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پرامن، متحرڪ ۽ ترقي يافته شهر بڻجي رهيو آهي. مصطفيٰ بلوچ چيو ته ڪراچي جو عوام نفرت، تقسيم ۽ ٽڪراءَ جي سياست کي رد ڪري چڪو آهي ۽ هو ترقي، امن ۽ عوامي خدمت جي سياست سان گڏ بيٺا آهن

بقايا 8 شرجيل ميمڻ

ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ماحول جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ۽ ايندڙ نسلن جي محفوظ مستقبل لاءِ اسان کي ماحول دوست طرز زندگي کي هٿي ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ لاءِ پاڪستان ۾ هڪ نئون مثال قائم ڪري رهي آهي ۽ ان حوالي سان ڪيترائي عملي قدم کنيا ويا آهن هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت پهرين مرحلي ۾ اي وي بسون متعارف ڪرائي گرين ٽرانسپورٽ جو تصور لاڳو ڪيو جڏهن ته پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ماحول دوست اي وي بسون ۽ اي وي اسڪوٽر پڻ متعارف ڪرايون ويون آهن هن چيو ته هي جديد ٽرانسپورٽ سسٽم عوام کي آرامده، محفوظ ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ماحولياتي گدلاڻ ۾ جوڳي گهٽتائي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته مستقبل ۾ سوين وڌيڪ اليڪٽرڪ بسن کي پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم جو حصو بڻائڻ جو منصوبو پڻ منظور ڪيو ويو آهي جيڪو نه رڳو شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪندو پر ماحول دوست ٽرانسپورٽ کي هٿي ڏيڻ ۾ پڻ مدد ڪندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ثابت ڪيو آهي ته جنادار ترقي ۽ ماحولياتي تحفظ گڏجي هلي سگهن ٿا. هن عزم ورجايو ته سنڌ حڪومت ماڻهن کي صاف، محفوظ ۽ پائيدار ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجيون ڪوششون وڌيڪ تيز ڪندي ۽ چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جي مطابق گرين ۽ جنادار ترقي جي سفر کي اڳتي وڌائيندي رهندي

بقايا 9 چيڪ تقسيم

شاگرديائيون مستفيد ڄامشورو: حڪومت سنڌ جي اقليتي معاملن واري کاتي پاران مالي سال 2025-26 لاءِ اقليتي شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ اسڪالرشپ چيڪن جي ورڇ جي تقريب لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس) ڄامشورو جي لطيف هال ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب جو آغاز تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن بعد قومي ترانو پيش ڪيو ويو. تقريب ۾ صوبائي وزير براءِ اقليتي معاملا سامر سندر آڏواڻي، سيڪريٽري اقليتي معاملا جمشيد عالم ميمڻ، ايڊيشنل سيڪريٽري محمد اسلم ڪوسو، وائيس چانسلر لمس پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ، وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري، وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر طها حسين علي، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي، رجسٽرار لمس حاجي محمد شيخ ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي اقليتي شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ 50 هزار رپيا في شاگرد جي حساب سان اسڪالرشپ چيڪ ورهايا ويا. شرڪت ڪندڙن ان قدم کي اقليتي برادري جي شاگردن لاءِ تعليمي سهڪار ۽ حوصلا افزائي جي هڪ اهم پيش رفت قرار ڏنو. صوبائي وزير براءِ اقليتي معاملا سامر سندر آڏواڻي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي نوجوانن کي معياري تعليم ۽ ترقي جا برابر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته تعليم ترقي ۽ خوشحالي جو بنياد آهي ۽ حڪومت مختلف فلاحي ۽ تعليمي پروگرامن ذريعي نوجوانن جي ڀرپور مدد ڪري رهي آهي. وائيس چانسلر لمس پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجڻ سنڌ حڪومت ۽ اقليتي معاملن واري کاتي جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته اهڙا قدم شاگردن کي پنهنجي تعليم جاري رکڻ ۽ تعليمي هدف حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ همت ڏين ٿا. هن چيو ته مختلف يونيورسٽين جي شاگردن جو هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ ۽ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ هڪ خوش آئند ڳالهه آهي. سيڪريٽري اقليتي معاملا جمشيد عالم ميمڻ شرڪت ڪندڙن کي بريفنگ ڪندي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت اسڪالرشپ اسڪيم 2025-26 تحت 37.5 ملين رپيا مختص ڪيا آهن هن اسڪيم لاءِ 2257 درخواستون وصول ٿيون جن مان ميرٽ جي بنياد تي 750 شاگردن ۽ شاگرديائين جو انتخاب ڪيو ويو جڏهن ته هر چونڊيل شاگرد کي 50 هزار رپيا اسڪالرشپ ڏني پئي وڃي. تقريب جي آخر ۾ چونڊيل شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ اسڪالرشپ چيڪ ورهايا ويا، جڏهن ته شاگردن سنڌ حڪومت ۽ اقليتي معاملن واري کاتي جو شڪريو ادا ڪندي هن پروگرام کي پنهنجي تعليمي ترقي لاءِ نهايت فائديمند قرار ڏنو.

بقايا 10 خصوصي آچ

۾ وفد ملاقات ڪئي ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي مختلف معاملن ۽ ٻطرفن لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وفاقي وزير پاڪستان ۾ موٽر ويز جي تعمير ۽ ٻين منصوبن ۾ سعودي بزنس ڪائونسل کي سيڙپڪاري جي آڇ ڪئي پرنس منصور بن محمد آل سعود چيو ته سعودي پاڪستان بزنس ڪائونسل مواصلات جي شعبي ۾ حصيداري ڪري سگهي ٿي وفاقي وزير سعودي وفد کي ايم 6، ايم 10 ۽ ايم 13 موٽر ويز ۾ سيڙپڪاري جي خصوصي آڇ ڪئي، هن چيو ته ڪراچي پورٽ ايم 10، سکر حيدرآباد ايم 6، ۽ ڪاريان راولپنڊي ايم 13 موٽر ويز سيڙپڪاري لاءِ موزون ترين منصوبا آهن سعودي بزنس ڪائونسل ايم 10، ايم 6 ۽ ايم 13 موٽرويز جي منصوبن ۾ سيڙپڪاري ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو آهي منصوبا مواصلات واري شعبي ۾ ڪمرشل نقط نظر سان وڏي اهميت رکندڙ آهن. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ پائيدار پختا ۽ آزمايل لاڳاپا آهن هر پاڪستاني جي سعودي عرب سان مذهبي وابستگي آهي. وفاقي وزير چيو ته سعودي سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ قابل عمل ۽ لاڀائتيون آڇون ڪيون آهن سعودي عرب کان پاڪستان لاءِ هميشه خير سگالي جي جذبي جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 11 اتفاق

ميمڻ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو، اسپيشل سيڪريٽري گهرو کاتو سعيد شيخ، ڊي آءِ جي فيض الله ڪوريجو ۽ بلال شيخ شرڪت ڪئي جڏهن ته آمريڪي حڪومت ۽ انٽرنيشنل نارڪوٽڪس اينڊ لا انفورسمينٽ (INL) جي نمائندن پڻ ورچوئل ذريعي اجلاس ۾ حصو ورتو اجلاس دوران سنڌ حڪومت، سنڌ پوليس ۽ آمريڪي حڪومت جي وچ ۾ جاري ڀائيواري ۽ مضبوط ڀائيواري کي ساراهيو ويو شرڪت ڪندڙن سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ درپيش سيڪيورٽي چئلينجن، ڌاڙيلن نيٽ ورڪن خلاف جاري قدمن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت خيال ونڊيا اجلاس ۾ جديد پوليسنگ، آپريشنل صلاحيتن ۾ واڌ ۽ پوليس جي نقل و حرڪت کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو ان موقعي تي سيڪريٽري گهرو کاتي چيو ته امدادي پروگرام جو مقصد صرف وسيلن جي فراهمي نه پر ادارن کي مضبوط بڻائڻ ۽ انهن جي استعداد ڪار ۾ اضافو ڪرڻ پڻ آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته بدلجندڙ سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ بين الاقوامي سهڪار انتهائي اهميت رکي ٿو اجلاس ۾ عوامي تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ شفاف پوليسنگ جي فروغ لاءِ گڏيل عزم جو به اعادو ڪيو ويو اجلاس جي پڄاڻي تي سنڌ پوليس، گهرو کاتي ۽ بين الاقوامي ڀائيوارن وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن سنڌ ۾ امن امان، عوامي اعتماد ۽ سيڪيورٽي جي صورتحال ۾ وڌيڪ بهتري اچڻ بابت اعتماد جو اظهار ڪيو ترجمان موجب اجلاس ۾ ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ويو ته گڏيل ڪوششن سان عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي وڌيڪ يقيني بڻايو ويندو

بقايا 12 گرفتار

کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ڇيپا عملدارن موجب زخمي جوابدارن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جن جي سڃاڻپ مزمل ۽ نبي بخش طور ٿي آهي پوليس موقعي تان هٿيار به هٿ ڪيا. شاهه لطيف پوليس پينس ڪالوني ريلوي گيٽ ويجهو ڪارروائي دوران مبينا مقابلي ۾ ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو جن ۾ هڪ زخمي به شامل آهي ڇيپا موجب زخمي جوابدار کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ بلال ۽ عبدالحڪيم طور ٿي آهي پوليس انهن جي قبضي مان هٿيار، چوري ٿيل پئسا، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون عزيز آباد پوليس بلاڪ 8 محمدي گرائونڊ ويجهو آپريشن دوران مبينا مقابلي ۾ ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو جن ۾ هڪ زخمي به شامل آهي. زخمي جوابدار روزي خان کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻئي جوابدار سهيل کي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ويو پوليس موجب ٻنهي کان هٿيار، چوري ٿيل موبائل فون ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو پريڊي پوليس صدر شاليمار بس اسٽينڊ ويجهو هڪ مبينا مقابلي کان پوءِ هڪ ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ۽ کيس سول اسپتال منتقل ڪيو ويو گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ 22 سالن جي نور علي جي نالي سان ڪئي وئي آهي نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا پوليس صبا سينيما ويجهو هڪ مبينا مقابلي ۾ زخمي هڪ سميت ٽن ملزمن کي گرفتار ڪيو ڇيپا اختيارين موجب زخمي جوابدار نعمان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻين ٻن جوابدارن احسان ۽ محمد افتخار کي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ويو پوليس ملزمن کان هٿيار، موبائل فون نقد رقم ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ جو دعويٰ ڪيو آهي

بقايا 13 نوٽيس

17 ورهين جي ڌيءَ شرمان تي تيزاب هاري ڇڏيو جنهن سبب ناري جو چهرو، اکيون، ڇاتي ۽ ٻانهون سخت متاثر ٿي ويون وارثن علاج ڪرائڻ کان ڪاتر مقامي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائي ناري کي گهر وٺي ويا ۽ واقعو ٿورو اڳ پيش آيو. واقعي بابت متاثر ناري شرمان مهر جي والدين ٻڌايو ته جوابدار کي گهر ۾ موبائل رکڻ تي اعتراض هو ۽ ان ئي ڳالهه تان هن اهو قدم کنيو. سندن چوڻ هو ته واقعي کانپوءِ هو ڌيءَ سميت خوف وچان پنهنجي مامي بشير مهر جي گهر ڳوٺ ساٽي مهر ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿيا. متاثر ناري جي مامو بشير ۽ ناري امڙ موجب هنن جوابدار کي سڃاڻي سندس گهر وڃي پاءُ کي دانهن ڏني پر ڪا به ڪارروائي نه ٿي هنن وڌيڪ چيو ته سندن پٽ پرڏيهه ۾ رهندو آهي تنهنڪري گهر ۾ موبائل رکيل هو جڏهن ته جوابدار کين موبائل نه رکڻ لاءِ چوندو رهيو پوليس جوابدار خلاف ڪارروائي نه ڪئي واقعي بابت خبرون ميڊيا اچڻ بعد ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران نوٽيس ورتو خانپور مهر پوليس ايس ايڇ او برڪت پٽي جي اڳواڻي ۾ متاثر ناري جي ڳوٺ پهچي وئي. ناري شرمان مهر کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو هوڏانهن پوليس جو چوڻ آهي واقعي بابت جاچ ڪئي پئي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي واقعي کانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ جي لهر ڦهليل آهي جڏهن ته متاثر خاندان جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 14 دانيال چوڌري

خدشن ۽ مطالبن کي ترجيحي بنيادن تي غور ڪري حل ڪيو ويندو مقامي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته هڪ عوام دوست بجيٽ سمورن اتحادي حصيدارن سان وسيع سياسي مشاورت ذريعي تيار ڪيو پيو وڃي، حڪومت بجيٽ سازي جي عمل ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۽ اتحادي پارٽين جي تعميري تجويزن کي شامل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته خدشا هر سياسي پارٽي جو جمهوري حق آهي ۽ کين مثبت انداز ۾ ڏسڻ گهرجي هن چيو ته حڪومت پنهنجي اتحادين جي موقف جو احترام ڪري ٿي ۽ سڀني سنجيده خدشن ۽ جائز مطالبن کي عوامي مفاد ۾ ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو اين ايف سي جي طريقيڪار بابت بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته موجوده فريم ورڪ جو جائزو وٺڻ ۽ ان کي موجوده معاشي حالتن ۽ قومي ضرورتن موجب جديد بڻائڻ جي فوري ضرورت آهي هن زور ڀريندي چيو ته ڪنهن به مشاورتي عمل ۾ سڀني سياسي ڌرين کي شامل ڪيو ويندو هن چيو ته حڪومت ۽ ان جون اتحادي پارٽيون ملڪ کي معاشي استحڪام، پائيدار ۽ عملي ترقي طرف گامزن ڪرڻ لاءِ پرعزم آهن گڏيل افهام و تفهيم ۽ تعميري رابطن ذريعي اهڙا فيصلا ڪيا ويندا جيڪي وسيع تر قومي مفاد ۾ هوندا. هن زور ڀريو ته حڪومت ڇڪتاڻ بدران ڳالهين، اتفاق راءِ ۽ سياسي مفاهمت تي يقين رکي ٿي. هن چيو ته سڀني اتحادي پارٽين سان گڏجي اڳتي وڌنداسين ۽ ٿي تعاون ۽ مشاورتي طرز عمل ترقي کي حاصل ڪرڻ ۽ جمهوري ادارن جي استحڪام لاءِ ضروري آهي. بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته اتحادي حڪومت ۾ ڪنهن به قسم جي ورهاست جو ڪو به سوال ئي پيدا نٿو ٿئي چاڪاڻ ته اهي پارٽيون حڪومت جو لازمي حصو آهن. هن چيو ته اتحادي پارٽين وچ ۾ اتحاد ۽ تعاون جو جذبو جاري رهندو ۽ سڀئي پارٽيون ملڪ ۾ سياسي استحڪام، معاشي ترقي ۽ موثر حڪمراني لاءِ گڏجي ڪم ڪري رهيون آهن

بقايا 15 فوت

ٿي پيو نارٿ ناظم آباد بلاڪ سي ۾ واقع جماعت خانا ويجهو گهر مان ڪيترائي ڏينهن پراڻو 62 سالن جي عورت ناهيد عذرا زال سلطان عالم جو لاش مليو آهي، ايڌي ايمبولينس جي ذريعي لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ناظم آباد نمبر 1 سر سيد ڪاليج جي ويجهو ڪم ڪرڻ جي دوران بلڊنگ جي 5 منزل تان ڪري اسرار نامي مزدور 17 سالن جو شاهه عالم ولد بشير فوت ٿي ويو فوتي جو لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪلري ٿاڻي جي حد ماڙيپور روڊ تي دعا هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 22 معيز فوت ٿي ويو ۽ فرحان ولد محمد رحيم زخمي ٿيو سمن آباد ٿاڻي جي حد ايف بي ايريا بلاڪ بي النور سوسائٽي جي ويجهو روڊ ڪناري تان 60 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو بن قاسم ٿاڻي جي حد پورٽ قاسم ويجهو فيڪٽري مان 59 سالن جي عمر زيادا ولد نيڪ محمد جو لاش مليو متوفي جي موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو لاش کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 16 ناصر شاهه

کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اهڙن خيالن جو اظهار مڪاني ادارن جي صوبائي وزير ناصر حسين شاهه ماحوليات جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ ڪيو صوبائي وزير ناصر حسين وڌيڪ چيو ته ماحولياتي گدلاڻ جي خاتمي ۽ وڻڪاري جي واڌاري لاءِ اجتماعي ڪوششن جي ضرورت آهي هن چيو ته ايندڙ نسلن کي محفوظ ۽ بهتر مستقبل فراهم ڪرڻ لاءِ ماحول جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت ماحول دوست پاليسين ۽ گرين قدمن کي هٿي وٺائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ ان سلسلي ۾ مختلف منصوبن تي عملدرآمد جاري آهي ناصر حسين شاهه عوام تي زور ڀريو ته هو پلاسٽڪ جي گدلاڻ ۾ گهٽتائي ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ حڪومت سان ڀرپور سهڪار ڪن مڪاني ادارن واري وزير چيو ته وڻ لڳائڻ نه رڳو صدقه جاريه آهي پر ماحولياتي تحفظ جو هڪ اثرائتو ذريعو پڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته ماحوليات جو عالمي ڏينهن اسان کي پنهنجي ڌرتي کي سرسبز صاف ۽ محفوظ بڻائڻ جي عزم جي ياد ڏياري ٿو ناصر حسين شاهه عوام کي اپيل ڪئي ته ماحوليات جي تحفظ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪن ته جيئن هڪ صاف، سرسبز ۽ پائيدار مستقبل کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 17 پيوٽن

ٽڪراءُ ۽ انهن سان لاڳاپيل پيچيدگين کان چڱي ريت واقف آهي هن واضع لفظن ۾ چيو ته هو اهو نٿو سمجهي ته پاڪستان اهڙو ملڪ آهي جيڪو مڪمل طور تي چين جي ڪنٽرول هيٺ هجي سينٽ پيٽرسبرگ ۾ عالمي خبرو ادارن جي سربراهن سان ڳالهائيندي پيوٽن چيو ته پاڪستان هڪ وڏو ملڪ آهي جنهن جا دنيا جي مختلف ملڪن سان ڳهرا لاڳاپا آهن سندس خيال موجب پاڪستان يقيناً چين سان ويجهي تعاون کي اهميت ڏئي ٿو پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ته پاڪستان پنهنجي پاليسين بابت آزاد فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت نٿو رکي پيوٽن پنهنجي گفتگو دوران هندستان ۽ چين جي لاڳاپن بابت پڻ ڳالهايو هن چيو ته هندستان ۽ چين جا لاڳاپا انتهائي حساس، پيچيده ۽ ڳهرا رهيا آهن. تنهنڪري ڪنهن ٽئين ڌر لاءِ انهن معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ مناسب نه آهي روس ٻنهي ملڪن سان دوستاڻا لاڳاپا رکي ٿو ۽ ماسڪو کي يقين آهي ته نريندر مودي ۽ شي جن پنگ باهمي ڳالهين ذريعي پنهنجا اختلاف حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جن ۾ سرحدي تڪرار به شامل آهن روسي صدر اهو به چيو ته روس جي هندستان ۽ چين ٻنهي سان ڊگهي عرصي کان قائم شراڪتون هڪ ٻئي کان الڳ ۽ خودمختيار آهن هن زور ڏنو ته روس جي چين سان ويجهڙائي هندستان جي نقصان تي ناهي ۽ نه ئي هندستان سان مضبوط لاڳاپا چين خلاف آهن سياسي مبصرن جو چوڻ آهي ته پيوٽن جو هي بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي جڏهن عالمي سطح تي پاڪستان ۽ چين جي ويجهن لاڳاپن تي بحث جاري آهي روسي صدر جي راءِ مان اهو تاثر ملي ٿو ته ماسڪو پاڪستان کي رڳو چين جي اثر هيٺ هلندڙ رياست طور نه پر هڪ خودمختيار ملڪ طور ڏسي ٿو جيڪو پنهنجي قومي مفادن کي نظر ۾ رکندي مختلف عالمي طاقتن سان لاڳاپا برقرار رکي ٿو هي بيان روس جي ان روايتي سفارتي پاليسي جي به عڪاسي ڪري ٿو جنهن تحت ماسڪو ڏکڻ ايشيا ۾ هندستان پاڪستان ۽ چين سان متوازن لاڳاپا برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

بقايا 18 سيما افضل

ڪانفرنس ڪندي چيو ته انتها پسندي جي واقعن کي روڪڻ لاءِ حڪومت ۽ عوام کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي هنن چيو ته گذريل دور ۾ ڪراچي ۾ نالن تي آباديون ڪيون ويون دنيا جو سڀني کان وڏو چيلنج ماحوليات جي تبديلي جا اثر آهن ڪراچي ۾ پاڻي جي لائن ۽ گٽرڪڻ ڪيترائي روڊ ٺهن پيا. هنن وڌيڪ چيو ته هن سال ۾ 55 ارب رپين جي سبسڊي ڦر جي هارين کي ڏني وئي حڪومت ۽ عوام جي خدمت ٽڪ ٽاڪ سان ناهي هلندي صفدر عباسي کي چوندس ته ڪراچي اچو هتي ماڻهن جا مسئلا ٻڌو ۽ اهو چوڻ ته سنڌ جا ماڻهو هٿ ٻڌي چون ٿا ته مريم نواز کي سنڌ ۾ وڏي وزير طور مقرر ڪيو وڃي هنن چيو ته اڍائي لک ماڻهن سنڌ ۾ مفت علاج ڪرايو 36 سيڪڙو ماڻهو پنجاب مان اچي علاج ڪرائي ويا آهن ساليانا 3 ڪروڙ ماڻهن جو علاج ايس آءِ يو ٽي مان مفت ۾ ٿيو جنهن کي سنڌ حڪومت وڏي گرانٽ ڏيندي آهي، بي بي بي آڳوڻن چيو ته اسانجو هڪڙو ڏوهه آهي ته اسان پنهنجو اڌ بجيٽ مارڪيٽنگ ۾ نه ٿا لڳائي سگهون 14 لک عورتون سرسو جي پليٽفارم ذريعي خودمختيار ٿيون آهن جن جي پراڊڪٽ ٻاهرين ملڪن تائين وڪرو ٿي ۽ نوان موٽروي نه ٺهڻ جي ڪري ڪيترائي ماڻهو حادثن ۾ فوت ٿي ويا، وفاقي نمائندا سنڌ اچي ماڻهن جا مسئلا ٻڌو ماڻهن کي بجلي گئس ڏيهاتن جي ماڻهن لاءِ ريلوي کي بهتر بڻايو هنن چيو ته بلاول ڀٽو پرڏيهي وزير هو ته ان پاڪستان جو دنيا ۾ نالو ڏاهيو سائو پاسپورٽ اڄ پاڻ سان گڏ کڻي آيو آهيان پهرين جي پاسپورٽ ماڻهو پوئين کيسي ۾ رکندا هئا اڄ هن پاسپورٽ کي سرعام ڪڍون ٿا، ٿا ان جو ڪريڊٽ فيلڊ مارشل عاصم منير ،اسسنجي قيادت ۽ وزيراعظم کي وڃي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته جيڪو ماڻهو هڪ چاچي جو ڀاڻو هجي ڪنهن کي ڪئپٽن صفدر چئجي يا صفدر شريف چئجي ان ماڻهو سنڌي ماڻهن جي ۽ سنڌ جي ثقافت جي توهين ڪئي آهي هن ماڻهو کي اسان کان پري رکيو وڃي نواز شريف صاحب ، مريم نواز اسان لاءِ قابل احترام آهن گلگت بلتستان ۾ غيراخلاقي تنقيد ڪئي پئي وڃي ڪئپٽن صفدر مايوسي ۽ پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي تي تنقيد ڪئي آهي ڪئپٽن صفدر کي هٿ ٻڌي سنڌ جي ماڻهن کان معافي وٺڻ گهرجي، سنڌ صوبي ۾ حڪومت خالص عوامي مينڊيٽ ذريعي هلي رهي آهي هنن چيو ته سڄي سنڌ گذريل 5 ڏينهن کان بجلي کان محروم آهي توهان کي هڪ وفادار ۽ فرمانبردار ماڻهو هجڻ گهرجي، جيڪڏهن توهان وٽ ايترا ماهر آهن ته توهان جي زال کي توهان جي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ گهرجي ها، هنن وڌيڪ چيو ته دنيا جي سڀ کان وڏي هائوسنگ اسڪيم بلاول ڀٽو سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ ٺاهي رهيو آهي جيڪي تباهه ٿي ويا هئا پاڪستان لاءِ سستي بجلي سنڌ ۾ ڪوئلي مان پيدا ڪئي پئي وڃي. ڪراچي نه صوبو ٺهندو نه ئي وفاق حوالي ٿيندو اها سياسي يتيمن جي خواهش آهي جيڪا ڪڏهن پوري نه ٿيندي

بقايا 19 واعدو

مان ڪيئن فائدو حاصل ڪيو ويندو خواجه سعد رفيق چيو ته نواز شريف گلگت ۾ روڊ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس دور ختم ٿي ويو جيڪڏهن هن اليڪشن ۾ مسلم ليگ (ن) کي موقعو ڏنو ويو ته مسلم ليگ (ن) هن علائقي کي بهتر بڻائيندي. هن چيو ته سڀ کان وڌيڪ ترقي مسلم ليگ (ن) جي دور ۾ ٿي آهي اسان کي اين ايف سي ۾ توهان جو حصو به ملندو هتي چشما، آبشار ۽ نالا وهن ٿا پر هتي بجلي ناهي هتي هوا هلي ٿي هڪ ونڊ مل لڳائڻ گهرجي ۽ سولر سسٽم لڳائڻ گهرجي

بقايا 20 پيش

پيش ڪيو آهي ميڊيا رپورٽن موجب ناسا مون بيس منصوبي لاءِ هڪ خاص ويب سائيٽ متعارف ڪرائي آهي جنهن ۾ چنڊ جي ڏکڻ قطب ويجهو مستقبل ۾ قائم ٿيندڙ قمري مرڪز جا تفصيل ۽ ترقي جا مرحلا بيان ڪيا ويا آهن ناسا موجب مون بيس آرٽيمس پروگرام جو هڪ اهم حصو آهي جنهن جو مقصد چنڊ تي انسانن جو پهريون مستقل بيس قائم ڪرڻ، سائنسي تحقيق کي هٿي وٺائڻ ۽ مستقبل ۾ مريخ تائين انساني مشنز لاءِ ضروري ٽيڪنالوجي ۽ تجربا حاصل ڪرڻ آهن. ناسا جو چوڻ آهي ته قمري مرڪز چنڊ جي ڏکڻ قطب ويجهو قائم ڪيو ويندو جتي انهن علائقن جي ڀيٽ ۾ دير تائين سج جي روشني دستياب رهندي آهي ۽ پاڻي ۽ برف جا ذخيرا موجود هجڻ جو امڪان آهي منصوبي تي مرحلي وار ڪم ڪيو ويندو پهريون مرحلو 2029 تائين جاري رهندو. ان مرحلي ۾ آٽو ميٽڪ ۽ انساني نگراني ۾ ڪم ڪندڙ روورز مون فال نالي ڊرونز مواصلاتي ۽ مشاهداتي سيٽلائيٽ ۽ قمري رات جي سخت ماحول ۾ ڪم ڪرڻ واري ٽيڪنالوجي جا تجربا ڪيا ويندا. 2032 کان پوءِ شروع ٿيندڙ مرحلي ۾ چنڊ تي مستقل انساني موجودگي جي هدف کي عملي شڪل ڏني ويندي ناسا ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن چنڊ تي مستقل انساني موجودگي قائم ڪرڻ ۾ مدد ملي ته مستقبل ۾ مريخ ۽ نظام شمسي جي ٻين حصن تائين انساني رسائي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندي

بقايا 21 مرتضيٰ وهاب

پرور شهر آهي ۽ مان چاهيندس ته هنزا به ڪراچي جهڙو بڻجي. گلگت بلتستان جي چونڊ مهم دوران ڪراچي ۽ لاهور جي ترقي بابت خرم دستگير جي بيان جو جواب ڏيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ليگي اڳواڻ هنزا ۾ عوام کان پڇي رهيو هو ته هنن کي هنزا لاهور جهڙو کپي يا ڪراچي جهڙو ۽ ڇا ايندڙ 5 سالن ۾ گلگت بلتستان کي پنجاب جهڙو بڻايو وڃي يا سنڌ جهڙو. هن چيو ته سنڌ ۾ جڏهن ٻوڏ جي تباهي ايندي آهي ته حڪومت عوام سان گڏ بيٺل هوندي آهي، جڏهن ته ڏکين حالتن ۾ پنجاب حڪومت نظر نه ايندي آهي پر پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين هميشه عوام سان گڏ هوندو آهي ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهر ٺاهي رهي آهي، جن مان 12 لک گهر متاثرن حوالي ڪري چڪا آهيون مرتضيٰ وهاب چيو ته لاهور جي ڀيٽ ڪراچي سان ڪئي وڃي ٿي، پر ڪراچي ته اهو شهر آهي جتي پاڪستان جي مختلف شهرن مان ماڻهو ايندا آهن ۽ هي شهر غريبن جي مدد ڪندو آهي هن وڌيڪ چيو ته ماڻهن کي ڪوڪلي دعوائن بدران درست حڪمت عملي ڏانهن وڃڻ گهرجي

بقايا 22 بلاول

۾ چيو آهي ته موسمياتي تبديلي خلاف جدوجهد دراصل انسانيت جي تحفظ جي جدوجهد آهي هن چيو ته موسمياتي تبديلي هڪ عالمي چئلينج آهي جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل عالمي قدمن جي سخت ضرورت آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بار بار ايندڙ ٻوڏون، ڏڪار شديد گرمي جون لهرون، پاڻي جي کوٽ ۽ ماحولياتي تباهي ان تلخ حقيقت جي ياد ڏيارين ٿيون ته موسمياتي تبديلي هاڻي مستقبل جو خطرو نه پر اڄ جي حقيقت بڻجي چڪي آهي. جيڪا لکين انسانن جي زندگين کي متاثر ڪري رهي آهي هن چيو ته بيشمار خاندانن لاءِ موسمياتي تبديلي هاڻي رڳو بحث يا اڳڪٿي نه رهي آهي، پر اها سندن گهرن، روزگار فصلن ۽ ڪيترين ئي صورتن ۾ پنهنجن پيارن کان وڇوڙي جو سبب بڻجي چڪي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته عالمي ڪاربن اخراج ۾ پاڪستان جو حصو نهايت گهٽ هجڻ باوجود ملڪ موسمياتي تبديلي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪن ۾ شامل آهي پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته دنيا کي موسمياتي تبديلي جي حوالي سان ڪلائميٽ جسٽس کي يقيني بڻائڻو پوندو چاڪاڻ ته اها وڏي ناانصافي آهي ته جيڪي ملڪ هن بحران جا ذميوار ناهن اهي ئي ان جا سڀ کان سنگين نتيجا ڀوڳڻ تي مجبور آهن هن چيو ته ترقي يافته ملڪن جي ڪاربن اخراج سبب لکين ماڻهو پنهنجين زندگين روزگار ۽ مستقبل جي قيمت ادا ڪري رهيا آهن بلاول ڀٽو زرداري عالمي يوم ماحوليات جي موقعي تي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي به ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته سندن ويزن سماجي انصاف، پائيدار ترقي ۽ ماحولياتي تحفظ جي وچ ۾ گهري لاڳاپي کي تسليم ڪندو هو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي موسمياتي مزاحمت، قابل تجديد توانائي ماحولياتي تحفظ ۽ قدرتي وسيلن جي بچاءَ لاءِ پرعزم آهي هن وڌيڪ چيو ته هي ڌرتي ايندڙ نسلن لاءِ اسان وٽ هڪ امانت آهي اچو ته اهڙو مستقبل تعمير ڪريون جيڪو غفلت ۽ ماحولياتي تباهي تي نه پر اميد، پائيداري انصاف ۽ فطرت سان هم آهنگي جي بنيادن تي استوار هجي

بقايا 23 حڪم

واهپيدارن کي اٽي جي قيمتن ۾ مصنوعي واڌ کان بچائي سگهجي ڪڻڪ جي مارڪيٽ ۾ استحڪام بابت هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير سرڪاري امدادي قيمت ۽ اوپن مارڪيٽ جي ريٽس جي وچ ۾ وڌندڙ فرق، ۽ ڪڻڪ جي قياس آرائي تي ٻڌل ذخيرو اندوزي جي خطرن جو جائزو ورتو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن مڪيش چاولا، سردار محمد بخش خان مهر، جام خان شورو، مخدوم محبوب زمان، صلاحڪار گيانچند ايسراڻي، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو سيڪريٽري فوڊ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي عملدارن وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 31 مارچ 2026 جي سنڌ ڪابينا جي فيصلي جي روشنيءَ ۾ سال 26—2025 جي فصل لاءِ ڪڻڪ جي خريداري جو آغاز 1 اپريل 2026 کان ٿيو جنهن جو هدف 10 لک ميٽرڪ ٽن هو حڪومت امدادي قيمت 3500 رپيا في 40 ڪلوگرام مقرر ڪئي هئي جنهن سان گڏ 50 ڪلوگرام جي ٻوري تي 60 رپيا باردانو ادائيگي به شامل هئيءَ اسڪيم سنڌ ويٽ گروئرس سپورٽ پروگرام 2025 جي 332090 مستحقن کي نشانو بڻائي رهي هئي ۽ 4 جون 2026 تائين خوراڪ کاتو 10 لک ميٽرڪ ٽن جي هدف جي مقابلي ۾ صرف 79835.66 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪري سگهيو آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته گهٽ خريداري جو بنيادي سبب سرڪاري امدادي قيمت ۽ مارڪيٽ ۾ هلندڙ ريٽ جي وچ ۾ فرق هو وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ موجود آهي پر ڪجهه ذخيرو اندوز مصنوعي کوٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن مراد علي شاهه چيو ته هيءَ قياس آرائي تي ٻڌل ذخيرو اندوزي سڌي ريت صوبائي خوراڪ جي تحفظ ۽ قيمتن جي استحڪام کي نقصان پهچائي ٿي اسان جي پهرين ذميواري سنڌ جي عوام سان آهي. ڪڻڪ جو دستياب، سستي ۽ محفوظ هجڻ ضروري آهي اسان ڪنهن به قياس آرائي ڪندڙن کي اسان جي شهرين جي بنيادي خوراڪ سان کيڏڻ جي اجازت نه ڏينداسين اجلاس جي پڄاڻي تي وڏي وزير مراد علي شاهه آبادگارن ۽ واهپيدارن ٻنهي جي مفادن جي تحفظ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو هن چيو ته ڪڻڪ صرف هڪ جنس ناهي - هي اسان جي ماڻهن جي بنيادي خوراڪ آهي ۽ سماجي استحڪام جو سنگ بنياد آهي منهنجي حڪومت آبادگارن، ملرن، واپارين ۽ وفاقي اختيارين سان گڏجي، مستحڪم سپلائي ۽ منصفاڻي قيمتن جي ضمانت ڏيڻ لاءِ هر ضروري قدم کڻندي قياس آرائي ۽ مصنوعي کوٽ کي اسان جي شهرين جي حقن کي نقصان پهچائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. وڏي وزير خوراڪ کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي ضابطن تي باقاعدگي سان اڳڀرائي جون رپورٽون پيش ڪن. وڏي وزير چيو ته سنڌ جا ماڻهو اسان مان فوري ۽ ذميوارانه عمل جي اميد رکن ٿا اسان کين مايوس نه ڪنداسين

بقايا 24 آءِ ايس پي آر

دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع مليو هو آءِ ايس پي آر موجب آپريشن دوران فورسز دهشتگردي جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي موثر طريقي سان نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کانپوءِ 6 هندستاني اسپانسرڊ دهشتگردن کي جهنم پهچايو ويو مارجي ويل هندستاني اسپانسرڊ دهشتگردن وٽان هٿيار، گولابارود، ديسي ڌماڪيدار مواد ۽ گاڏي پڻ هٿ آئي عملدارن جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ موجود ڪنهن ٻي هندستاني اسپانسرڊ دهشتگرد کي ختم ڪرڻ لاءِ صفائي جون ڪارروايون ڪيون پيون وڃن عملدارن موجب سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان نيشنل ايڪشن پلان تحت دهشتگردي جي خاتمي جي مهم سڄي ملڪ مان پرڏيهي اسپانسرڊ ۽ سپورٽ ڪندڙ دهشتگردي جي خطري کي ختم ڪرڻ لاءِ پوري رفتار سان جاري رهندي ٻئي طرف صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ ٻين بلوچستان جي ضلعي پنجگور ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنه الهندستان جي 6 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته آپريشن عزم استحڪام تحت دهشتگردي خلاف ڪارروايون منطقي انجام تائين جاري رهنديون جاري بيان ۾ چيو ويو ته ڀارتي پليپرائي ۾ سرگرم 6 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ ڪرڻ امن جي قيام لاءِ اهم اڳڀرائي آهي. هن چيو ته فتنه الهندستان ۽ ان جا سهولتڪار پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندا.

بقايا 25 فيصلو

تجويز ڏني آهي جڏهن ته شهر ۾ روڊن گهٽين پاڻي جي نيڪال ۽ پاڻي جي مختلف منصوبن لاءِ به فنڊز تجويز ڪيا ويا آهن. ضلعي ويسٽ ۾ انفرا اسٽرڪچر جي بحالي لاءِ 26 ڪروڙ رپيا، ناظم آباد ۽ لياقت آباد ۾ انفرا اسٽرڪچر جي بحالي لاءِ 37 ڪروڙ رپيا، لانڍي، زمان ڪورنگي ۾ روڊن پاڻي نيڪال پلي گرائونڊز لاءِ 35 ڪروڙ رپيا تجويز ڪيا ويا آهن دستاويز موجب، سينٽرل ضلعي ۾ روڊن گهٽين پاڻي نيڪال لاءِ 4 ڪروڙ 50 لک، ڪورنگي ملير ضلعن ۾ روڊن رستن نيڪال لاءِ 5 ڪروڙ رپيا تجويز ڪيا ويا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته وفاقي بجيٽ ۾ ڪراچي لاءِ ڪجهه نيون رٿائون به شروع ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جناح ميڊيڪل ڪمپليڪس اينڊ ريسرچ سينٽر لاءِ 40 ڪروڙ رپيا، نيشنل ريسرچ اينڊ فرٽيلٽي ڪيئر جي اپ گريڊيشن منصوبي لاءِ 39 ڪروڙ ۽ ڪراچي ۾ نيشنل يونيورسٽي آف نرسنگ جي قيام لاءِ 5 ڪروڙ رپيا جي تجويز ڏني وئي آهي فنڊز رکڻ جو فيصلو

بقايا 26 ٽرمپ

الحال ائين ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي صدر ٽرمپ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نتن ياهو ۽ حزب الله جي نمائندن سان لبنان جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهه اڳڀرائي به ٿي آهي ٻئي پاسي لبنان ۽ اسرائيل وچ ۾ آمريڪا جي نگراني ۾ ٿيندڙ جنگبندي کي حزب الله رد ڪري ڇڏيو آهي حزب الله جي سربراهه نعيم قاسم ان معاهدي کي شرم جوڳو قرار ڏيندي چيو آهي ته اهو اصل ۾ لبنان جي هڪ حصي کي تباهه ڪرڻ جو منصوبو آهي هن خبردار ڪيو ته جيستائين اسرائيل لبنان تي حملا جاري رکندو تيستائين اتر اسرائيل حزب الله جي نشاني تي هوندو ان کانسواءِ لبنان جي مختلف علائقن ۾ اسرائيلي فضائي حملن جو سلسلو جاري آهي، جن ۾ ڪيترائي ماڻهو مارجي ۽ زخمي ٿيا آهن لبنان جي صحت واري وزارت موجب، مارچ کان وٺي هيننر تائين اسرائيلي حملن ۾ هزارين ماڻهو متاثر ٿي چڪا آهن گڏيل قومن ڏکڻ لبنان ۾ هڪ اهڙي حملي جي جاچ شروع ڪري ڏني آهي جنهن ۾ گڏيل قومن جي امن فوج جو هڪ اهلڪار مارجي ويو جڏهن ته ٻيا به زخمي ٿيا. هوڏانهن اسرائيلي فوج جو چوڻ آهي ته ڏکڻ لبنان ۾ حزب الله جي ميزائل حملي ۾ سندس هڪ فوجي پڻ مارجي ويو آهي، جڏهن ته غزا ۾ به جنگبندي جي دعوائن جي باوجود اسرائيلي حملا جاري آهن گذريل 24 ڪلاڪن دوران اسرائيلي ڪارروائين ۾ گهٽ ۾ گهٽ 11 فلسطيني شهيد ۽ 32 ڄڻا زخمي ٿيا آهن فلسطيني اختيارين موجب، غزا جي انساني صورتحال مسلسل خراب ٿي رهي آهي. جڏهن ته عالمي برادري کان فوري مداخلت جو مطالبو ڪيو پيو وڃي وچ اوڀر ۾ جاري اها ڇڪتاڻ خطي جي امن ۽ استحڪام لاءِ وڏو چئلينج بڻجي چڪي آهي جڏهن ته ايران اسرائيل، لبنان ۽ غزا بابت اڳڀرائي تي عالمي طاقتن جون نظرون کتل آهن

بقايا 27 معاهدو

تي صحيحون ٿي ويون آهن ايران ۽ روس 25 ارب ڊالرن جي ماليت وارو هڪ وسيع جوهري سهڪار وارو معاهدو طئي ڪيو آهي، جنهن جو مقصد تهران جي ايٽمي ڍانچي کي وڌيڪ وسيع بڻائڻ آهي هن معاهدي ذريعي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. ماسڪو ۾ ٿيل آن لائن ڪانفرنس ۾ ايران ۽ روس جي سرڪاري عملدارن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ايران جي سفير ڪاظم جلالي خطاب ڪندي چيو ته هرمز معاهدو ۽ بوشهر نيوڪليئر پلانٽ جي توسيع، پرامن ايٽمي توانائي جي شعبي ۾ ايران ۽ روس جي وچ ۾ گڏيل سهڪار جا اهم ترين منصوبا آهن ايراني سفير ٻڌايو ته بوشهر ايٽمي بجلي گهر هن وقت فعال آهي. جڏهن ته ان جو ٻيون ۽ ٽيون يونٽ تعمير هيٺ آهن هن چيو ته 25 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري سان تيار ٿيندڙ هرمز منصوبو ايران جو سڀ کان وڏو ايٽمي منصوبو آهي، جيڪو ايران جي نجي شعبي ۽ روس جي سرڪاري ايٽمي ڪمپني روساٽوم جي سهڪار سان تيار ڪيو پيو وڃي سفير وڌيڪ ٻڌايو ته ننڍي پيماني جي ايٽمي بجلي گهرن بابت گڏيل منصوبن تي پڻ ڪم جاري آهي ۽ اميد آهي ته اهي منصوبا جلد عملي مرحلي ۾ داخل ٿيندا. هن وڌيڪ چيو ته روسي گئس جي ايران ذريعي منتقلي ۽ Eurasian Countries سان واپار ۾ واڌ، تهران ۽ ماسڪو جي وچ ۾ تيزي سان ترقي ڪندڙ سهڪار جي اهم شعبن مان آهن آخر ۾ ايراني سفير عالمي فورمن تي روس جي سياسي حمايت تي ٿورا مڃيا ۽ توانائي، ٽرانسپورٽ، جديد ٽيڪنالاجي ۽ معاشي ترقي سميت مختلف شعبن ۾ تهران ۽ ماسڪو جي وچ ۾ اسٽريٽيجڪ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا 28 اعلان

چيو ته ننڍن دڪاندارن جي مشاورت ۽ مطالبن سان اها اسڪيم آندي پئي وڃي، ٽيڪس ڏيندڙ ٽيڪس عمل ۾ آساني چاهين ٿا. ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو ته اسڪيم اهڙن دڪاندارن تي لاڳو ٿيندي جن جي ساليانو سيلز 20 ڪروڙ يا ان کان گهٽ آهي هن چيو ته هڪ صفحي جو فارم آهي جنهن تي دڪاندار پنهنجي سال جي سيلز جا تفصيل ڄاڻائيندا، دڪاندار کي گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار رپيا روڪ جمع ڪرائڻا پوندا. بلال اظهر ڪياني چيو ته جيڪڏهن دڪاندار جي ٽرن اوور جي مقدار وڌيڪ هوندي ته ان حساب سان هڪ سيڪڙو ٽيڪس هوندو ان ۾ هڪ سيڪڙو فڪسڊ ٽيڪس هوندو جيڪڏهن ود هولڊنگ ٽيڪس اڳ ۾ ڪٽيل آهي ته اهو ان ۾ ايڊجسٽ ٿي ويندو هن چيو ته مشاورت ۽ انجمن تنظيم تاجران جي مطالبن تي حڪومت اها اسڪيم آڻي رهي آهي، جيڪو به دڪاندار هن اسڪيم ۾ شامل ٿيڻ چاهي ٿو اهو فارم ڀري. بلال اظهر ڪياني چيو ته جيڪو دڪاندار هن اسڪيم ۾ ايندو ان کي ايف بي آر طرفان هڪ پليٽ ملندي، ان پليٽ تي دڪاندار جو نالو دڪان جو نالو ۽ ٻيا تفصيل هوندا، هن اسڪيم ۾ نان فائلر ۽ فائلر دڪاندار به شامل ٿي سگهن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته هن اسڪيم سان لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيڪس جي ادائيگي گهٽ ۾ گهٽ گذريل سال جيتري هجڻ گهرجي، جيڪي به دڪاندار هن اسڪيم ۾ ايندا کين پوائنٽ آف سيل (پي او ايس) کان ڇوٽ ملي ويندي ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ٽيڪس نيٽ ۾ واڌ، ننڍن دڪاندارن لاءِ فڪس ٽيڪس اسڪيم ۽ ٽيڪس نظام ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ حڪومتي قدمن تي روشني وجهندي چيو آهي ته معيشت کي پائيدار بنيادن تي آڻڻ لاءِ جامع سڌارن جو عمل جاري آهي. پاڪستان معاشي استحڪام کان معاشي ترقي طرف گامزن آهي ۽ قومي آمدني کي مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ واپارين ۽ واپاري تنظيمن سان مشاورت کانپوءِ هڪ نئين اسڪيم متعارف ڪرائي پئي وڃي ملڪ هن وقت معاشي استحڪام کان معاشي ترقي طرف وڌي رهيو آهي ۽ ان سفر ۾ قومي آمدني کي مضبوط بڻائڻ انتهائي ضروري آهي هن چيو ته هاڻوڪي ٻوڏ ۽ وچ اوڀر ۾ جاري ٽڪراءُ باوجود معاشي استحڪام عيوض حڪومت وٽ بفرز موجود رهيا جنهن سبب ٻوڏ ۾ ريسڪيو ۽ رليف ۽ درآمدي بلز خاص ڪري تيل جا خرچ پنهنجي وسيلن مان پورا ڪيا ويا ۽ ڪنهن کان به مالي مدد نه وٺڻي پئي هن ان کي پاڻ ڀري هجڻ جو اهم مثال قرار ڏنو ناڻي واري وزير چيو ته ٽيڪس نظام کي منصفاڻو متوازن ۽ پائيدار بنيادن تي اڳتي وڌايو پيو وڃي. وزيراعظم هن سڌاراتي عمل جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي، جڏهن ته ٽيڪس نظام ۾ بهتري ۽ واڌاري لاءِ سڌارا جاري آهن هن چيو ته ايندڙ هفتي ٽيڪس نظام بابت اي آءِ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل هڪ تجويز پارليامينٽ ۾ پيش ڪئي ويندي، سندس چوڻ هو ته ٽيڪس شرح وڌائڻ بدران ٽيڪس نيٽ کي وڌائڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته هن وقت معاشري جي مختلف طبقن تي ٽيڪس جو بار غير متوازن آهي، جنهن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

بقايا 29 ملتوي

ڪوڙ واري خصوصي عدالت 9 مئي تي باهيون ڏيڻ بابت ٻن ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي جي ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 15 جون تائين ملتوي ڪري ڇڏي جج منظر علي گل درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران شاهه محمود قريشي جو مرڪزي وڪيل عدالت ۾ پيش نه ٿيو جڏهن ته مددگار وڪيل دليلن جي تياري لاءِ مهلت گهري ورتي عدالت گذارش منظور ڪندي ٻڌڻي 15 جون تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ايندڙ ٻڌڻي تي پراسيڪيوشن کي ڪيسن جو مڪمل رڪارڊ پڻ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو شاهه محمود قريشي جيل کان مغل پوره ۽ جناح هائوس ويجهو پوليس جي گاڏين تي باهيون ڏيڻ بابت داخل ڪيسن ۾ ضمانت جون درخواستون داخل ڪري رکيون آهن عدالت کي ٻڌايو ويو ته شاهه محمود قريشي 9 مئي جي واقعن بابت 5 ٻين ڪيسن مان اڳ ئي بري ٿي چڪو آهي

بقايا 30 دعا گهري

بين المذهب هم آهنگي جي وفاقي وزير سردار محمد يوسف مسجد نبوي صلي الله عليه وسلم ۾ روضه رسول صلي الله عليه وسلم تي حاضري ڀري ۽ بارگاهه رسالت حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي بارگاهه ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان درود ۽ سلام پيش ڪيو. مديني منوره ۾ وفاقي وزير سردار محمد يوسف پهرين فرصت ۾ روضه رسول صلي الله عليه وسلم تي حاضري ڀري جتي هن مسجد نبوي جي مقدس ترين حصي رياض الجنه ۾ نفل ادا ڪيا. ان موقعي تي وفاقي وزير مسلمان امت جي يڪجهتي پاڪستان جي ترقي، ملڪي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعا ڪئي. جڏهن ته هن حاجين لاءِ آساني ۽ حج آپريشن جي ڪاميابي تي الله تعاليٰ جو خاص شڪريو ادا ڪيو

بقايا 31 برطانوي آرمي چيف

موجب، هڪ پروگرام ۾ ڳالهائيندي جنرل رچرڊ نائٽن چيو ته "هي اهو سڀ کان خطرناڪ دور آهي جيڪو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي" سندس چوڻ هو ته هن سال جي پهرين پنجن مهينن دوران روسي اسٽريٽجڪ جهازن طرفان برطانوي فضائي حدن جي ڀڃڪڙين جو انگ ايترو ٿي رهيو آهي جيترو گذريل سڄي سال دوران هو هن خبردار ڪيو ته ان ڳالهه جو خطرو موجود آهي ته روس ڳاڙهي لڪير پار ڪري سگهي ٿو برطانوي اعليٰ فوجي عهديدار جو بيان اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي، جڏهن دفاعي سيڙپڪاري بابت هڪ اهم دستاويز ايندڙ هفتي شايع ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ ڪيئي ڀيرا دير ٿي چڪي آهي هي دستاويز ايندڙ 10 سالن ۾ نئين فوجي سامان ۽ دفاعي ڍانچي جي خرچن جي مالي منصوبابندي کي واضح ڪندو

بقايا 32 شيڊيول جاري

ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، آزاد ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي سمورن حلقن ۾ پولنگ 27 جولاءِ 2026ع تي صبح 8 وڳي کان شام 5 وڳي تائين ٿيندي. نوٽيفڪيشن موجب، اميدوار 9 جون کان 19 جون 2026ع تائين ريٽرننگ آفيسرن وٽ پنهنجا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي سگهندا. نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ 20 جون تي ٿيندي، جڏهن ته اهل قرار ڏنل اميدوارن جي شروعاتي فهرست به ساڳئي ڏينهن جاري ڪئي ويندي نامزدگي ڪاغذن جي منظوري يا رد ٿيڻ خلاف اپيلون 21 جون کان 24 جون تائين اليڪشن ڪميشن ۾ داخل ڪري سگهبيون.

بقايا 33 خواجه آصف

سيٽن کي ختم ڪرڻ جو مطالبو چونڊ عمل کي نقصان پهچائڻ برابر آهي. ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ وفاقي وزير چيو ته جمهوري سوچ جي گهر آهي ته جيڪي ماڻهو اهو مطالبو ڪري رهيا آهن اهي 17 جولاءِ تي عوام آڏو رکن ۽ خلق خدا کي اهو فيصلو ڪرڻ ڏين ۽ نمائندگي جي شڪل جوڙڻ ڏين. هي جمهوري سوچ هوندي نه ته وري بليڪ ميلنگ تصور ٿيندي. هن چيو ته سيالڪوٽ شهر ۽ تعلقي مان ڪشمير اسيمبلي جي هڪ سيٽ آهي.

بقايا 34 ڪم جونگ ان

راڄن ۾ سندس ماءُ "ڪو يونگ هئي" جي سڃاڻپ بابت رازداري سڀ کان نمايان آهي. اقتدار ۾ پنهنجي 15 سالن جي دور دوران ڪم هڪ ڀيرو به سرڪاري يا عوامي سطح تي پنهنجي ماءُ جو نالو نه ورتو آهي اتر ڪوريا جي موروثي سياست ۾ "مائونٽ پيڪٽو" واري نسل کي مقدس سمجهيو ويندو آهي. ڪم جونگ ان جي ماءُ ڪو يونگ هئي جو تعلق جپان ۾ رهندڙ ڪوريائي خاندان (زائنيچي ڪوريئنز) سان هو جن کي اتر ڪوريا جي سخت سماجي درجي بندي واري نظام "سونگ بُن" ۾ غير مستحڪم يا شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي. برطانوي خبرو اداري جي رپورٽ موجب اهو پس منظر حڪمران خاندان جي تقدس لاءِ خطرو سمجهيو وڃي ٿو. ڪو يونگ هئي هڪ اعليٰ سطحي آرٽ ٽروپ جي رڪن هئي جنهن پنهنجي فن ۽ خوبصورتي ذريعي ڪم جونگ اِلِ جو ڌيان ڇڪائي ورتو جيتوڻيڪ هوءَ سندس باضابطا زال نه هئي.

بقايا 35 اچي ويو

رائل چئلينجرز بنگلورو جي اسٽار بيٽر ويرات ڪوهليءَ جي اڳوڻي ساٿي ليام ليونگسٽن، ڪرڪيٽر جي ڀارت ڇڏي لنڊن ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جو حقيقي ڪارڻ ٻڌائي ڇڏيو هڪ تازي انٽرويو ۾ ڳالهائيندي ليام ليونگسٽن چيو ته ويرات ڪوهلي ميدان کان ٻاهر انتهائي پرسڪون خانداني، سادو ۽ دوستاڻو مزاج رکندڙ شخص آهي پر ميدان ۾ قدم رکندي ئي هو نهايت جارحاڻو ۽ مقابلي وارو رانديگر بڻجي ويندو آهي ليام جو چوڻ هو ته ويرات ڪوهلي ڀارت ۾ ملندڙ غير معمولي شهرت ۽ هر وقت ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز بڻيل زندگي پسند نٿو ڪري، هو اهڙي زندگي گذارڻ جو خواهشمند ناهي جيڪا هو ڀارت ۾ گذاري رهيو هو. کيس اهڙو پرسڪون ماحول گهرجي جتي کيس ڪو خاص ڌيان نه ڏئي ۽ هو پنهنجي مرضيءَ سان آزاد گهمي ڦري سگهي. سندس چوڻ هو ته ويرات ڪوهليءَ کي شهرت جي ڪري گهر ۾ بند رهڻ بلڪل پسند ناهي. ليام ليونگسٽن موجب، ڪوهليءَ جي هر چرپر تي ڪيمرا جي نظر هوندي ۽ عوام جون نظرون هر وقت مٿس هونديون آهن ان ئي دٻاءُ ۽ پريشانيءَ سبب هن پنهنجي ڌيءَ جي پيدائش کانپوءِ پرڏيهه منتقل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو واضح رهي ته ويرات ڪوهلي هاڻي ڀارت ڇڏي مستقل طور لنڊن شفٽ ٿي چڪو آهي جتي هو پنهنجي گهرواري انوشڪا شرما ۽ ٻارن سميت پنهنجي ڪٽنب سان گڏ رهي ٿو.

بقايا 36 ساڳيا برقرار

نئين قيمت 377.78 رپيا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي. پيٽروليم ڊويزن موجب ڊيزل جي قيمت برقرار رکي وئي آهي ڊيزل جي قيمت 380.78 رپيا في ليٽر برقرار رکي وئي آهي. نوان اگهه رات 12 وڳي کان پوءِ لاڳو ٿيندا.

بقايا 37 جواد احمد

ڪارل مارڪس بابت تبصرو ڪندي چيو آهي ته هو دنيا ۾ انساني برابري جي نظريي جو سڀ کان وڏو علمبردار هو ۽ هن پنهنجي زندگي دوران ان مقصد لاءِ بي مثال ذاتي، مالي، سماجي ۽ سياسي قربانيون ڏنيون ميڊيا رپورٽ موجب برابري پارٽي پاڪستان جي چيئرپرسن جواد احمد سوشل ميڊيا تي پنهنجي بيان ۾ لکيو ته ڪارل مارڪس انساني برابري جي عظيم نظريي لاءِ ايتريون قربانيون ڏنيون.

بقايا 38 فوت

رات 10 وڳي پيش آيو. شروعاتي طور تي سخت زخمي شخص کي عباسي شهيد اسپتال نيو ويو جنهن کي بعد ۾ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 35 سالن جي ڪاشف جي نالي سان ٿي.

بقايا 39 دورو

بين المذهب هم آهنگي جي وفاقي وزير سردار محمد يوسف مديني شريف ۾ پاڪستان حج مشن جي ميڊ ڪوآرڊينيشن آفيس (ايم سي او) ۽ مرڪزي ڪلينڪ جو دورو ڪيو ان موقعي تي بريفنگ ڏيندي ڊائريڪٽر مدينه ٻڌايو ته هلندڙ سال 72 هزار کان وڌيڪ سرڪاري حاجين جي ميزباني ڪئي وئي جنهن مان 11 هزار 700 کان وڌيڪ حاجي هن وقت تائين مدينه منوره پهچي چڪا آهن.

بقايا 40 رپورٽ طلب

ضياءُ الحسن لنجار خيرپور جي علائقي فيض گنج ۾ عورت جي قتل واري واقعي جو نوٽيس وٺندي واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. گهرو وزير خيرپور جي ايس ايس پي کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ضياءُ الحسن لنجار هدايت ڪئي آهي ته واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

EXTENSION NOTICE

BID CLOSING & OPENING DATE

Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **20.01.2026, 19.02.2026, 12.03.2026, 28.03.2026, 14.04.2026, 28.04.2026, 12.05.2026** and **19.05.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SER-CB-STIM-322049758-2026	DRILL PIPE, TUBING CLEANOUT AND PIPE RECOVERY SERVICES	15.06.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-RM-308636654-2026	HIRING OF FIELD SUPPORT RESOURCES FOR DRILLING OPERATIONS	22.06.2026 AT 1030 Hrs

2. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
5. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3652

ogdcl.com
No.262/35

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

ايڊيٽوريل

وچ اوڀر ۾ نئين طاقت جي ڪشمڪش ۽ امن جا چئلينج

صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر

اهڙو جگر چيئرمين مائو ئي رکي سگهي ٿو!

صفحو 4

روزاني عبرت

بجيٽ ۾ عوام کي ڇا ملندو؟

محمد هاشم ملاح

صفحو 4

ايڊووڪيٽ الاهي

اولاد سڀني والدين کي پياري هوندي آهي!

صفحو 4

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب پاران سڄاول جو دورو، التوا ۾ پيل ڪيسن جي جلد نبيري تي زور

الطاف حسين لغاري پاران ڊپٽي ڪمشنر سڄاول زاهد حسين رند ۽ ايس ايس پي سڄاول عليزا راڄپر سان الڳ الڳ ملاقاتون

محتسب جو ادارو عوام کي سستو، ترت ۽ بنا معاوضي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل آهي: الطاف حسين لغاري

التوا ۾ پيل ڪيسن جي مؤثر پيروي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن عوامي شڪايتن جو بروقت ازالو ممڪن بڻجي سگهي

سڄاول ريجنل ڊائريڪٽر محتسب الطاف حسين لغاري، ڊي سي زاهد حسين رند ۽ ايس ايس پي عليزا راڄپر سان ملاقات ڪندي

سڄاول(ڊ پ) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب ٺٽو ۽ سڄاول الطاف حسين لغاري، سڄاول جو دورو ڪيو، ڊپٽي ڪمشنر سڄاول زاهد حسين رند ۽ ايس ايس پي سڄاول عليزا راڄپر سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون. ملاقاتن دوران روينيو ۽ پوليس کاتن سان لاڳاپيل محتسب آفيس ۾ التوا هيٺ شڪايتن ۽ ڪيسن بابت تفصيلي خيال ونڊيا ويا. ريجنل ڊائريڪٽر محتسب الطاف حسين لغاري لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته التوا ۾ پيل ڪيسن جي مؤثر پيروي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن عوامي شڪايتن جو بروقت ازالو ممڪن بڻجي سگهي ۽ شهرين کي فوري رليف فراهم ڪري سگهجي. ان موقعي تي هن چيو ته محتسب جو ادارو عوام کي سستو، ترت ۽ بنا معاوضي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل آهي ۽ سڀني لاڳاپيل ادارن جو فرض آهي ته اهي شڪايتن جي حل ۾ ڀرپور سهڪار ڪن. ان کان اڳ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب ڪائون ڪاميٽي سڄاول جو به دورو ڪيو جتي هن ملازمن ۽ سائلن جا مسئلا ٻڌا. هن آفيسرن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته عوامي مسئلن جي حل ۾ دير کان پاسو ڪيو وڃي ۽ شهرين کي بهتر سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي ڪجهه ملازمن جي غير حاضري تي الطاف حسين لغاري سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کي نظم و ضبط برقرار رکڻ ۽ دفتري معاملن جي بهتري لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون ڏنيون. هن چيو ته عوامي شڪايتن جي بروقت ازالي ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري لاءِ محتسب جو ادارو پنهنجو مؤثر ڪردار جاري رکندو. ان موقعي تي اسسٽنٽ رجسٽرار محمد حنيف پنهور پڻ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب سان گڏ هئا ۽ مختلف گڏجاڻين ۽ ملاقاتن ۾ شرڪت ڪئي

ميهڙ شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بجلي جي بدترين ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ، شهري پريشان

روزانو 12 کان 16 ڪلاڪن تائين بجلي جي بندش جاري رهڻ سبب معمول جي زندگي سخت متاثر ٿيڻ لڳي

بجلي جي ڊگهي بندش سبب پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي پڻ متاثر ٿي رهي آهي، مشڪلاتون پيدا ٿي رهيون آهن: رهواسي

جيڪڏهن بجلي جي مسئلي جو جلد حل نه ڪيو ويو ته شهري احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿي ويندا

ميهڙ (رپورٽ: نعمت الله مهيسر) ميهڙ شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بجلي جي بدترين ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب شهري سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ روزانو 12 کان 16 ڪلاڪن تائين بجلي جي بندش جاري رهڻ سبب معمول جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته سخت گرمي جي موسم ۾ ماڻهن لاءِ گهرن اندر رهڻ به ڏکيو بڻجي ويو آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته بجلي جي ڊگهي بندش سبب پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي پڻ متاثر ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته واٽر پمپ ۽ موٽرون نه هلڻ ڪري ماڻهن کي پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ٻئي طرف ڪاروباري سرگرميون، دڪاندارن ۽ ننڍن صنعتڪارن جو چوڻ آهي ته بجلي جي مسلسل بندش سبب سندن ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي ۽ روزانو هزارين رپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. سخت گرمي سبب ٻار، بزرگ، عورتون ۽ مريض سڀ کان وڌيڪ تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. اسپتالن ۽ ڪلينڪن ۾ ايندڙ مريضن جو چوڻ آهي ته بجلي نه هئڻ ڪري علاج ۽ ٻين سهولتن ۾ به مشڪلاتون پيدا ٿي رهيون آهن. شاگردن ۽ والدين پڻ شڪايت ڪئي آهي ته بجلي جي کوٽ سبب تعليمي سرگرميون متاثر ٿي رهيون آهن خاص طور تي امتحانن جي تياري ڪندڙ شاگردن کي رات جي وقت پڙهائي ۾ سخت ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. شهرين، سماجي اڳواڻن ۽ واپاري تنظيمن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ميهڙ شهر ۾ لوڊشيڊنگ جو دورانيو گهٽايو وڃي ۽ بجلي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هنن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن بجلي جي مسئلي جو جلد حل نه ڪيو ويو ته شهري احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿي ويندا. شهرين حڪومت، حيسڪو اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کان اپيل ڪئي آهي ته عوامي تڪليفن جو نوٽيس وٺي فوري طور بجلي جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي ته جيئن ماڻهن کي رليف ملي سگهي

لطيف آباد نمبر 2 جي وين ٽرانسپورٽر پاران سماجي اڳواڻ سڏائيندڙ تي بليڪ ميلنگ جا الزام

2022ع ۾ لطيف آباد 2 نمبر ۾ فهد ڪوچ جي نالي سان وين بڪينگ آفيس آر ٽي کان منظور ڪرايو: گهڻو خان قمبراڻي

لطيف آباد واسي پاڻ ٽرانسپورٽر ۽ سماجي اڳواڻ سڏائيندڙ اسلم ديسوالي ناجائز بليڪ ميلنگ تي لهي آيو آهي

نام نهاد سماجي اڳواڻ سڏائيندڙ اسلم ديسوالي اصل ۾ قبضا مافيا آهي جنهن هڪ بيواهه جي جائي تي قبضو ڪري پنهنجي آفيس کولي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)لطيف آباد نمبر2 جي وين ٽرانسپورٽر گهڻو خان قمبراڻي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پنهنجي پٽ واجد قمبراڻي سان پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته لطيف آباد واسي پاڻ ٽرانسپورٽر ۽ سماجي اڳواڻ سڏائيندڙ اسلم ديسوالي ناجائز بليڪ ميلنگ تي لهي آيو آهي 2022ع ۾ لطيف آباد 2 نمبر ۾ فهد ڪوچ جي نالي سان وين بڪنگ آفيس آر ٽي کان منظور ڪرايو جنهن تي اسلم ديسوالي عامر پرويز جي نالي سان 2024ع ۾ منهنجي وين بڪنگ آفيس خلاف ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد کي درخواست ڏني جنهن تي ڊي سي وين آڊر سيل ڪرايو جنهن تي مون ڊي سي کي ماسري جي جاچ لاءِ درخواست ڪئي جنهن جاچ بعد آڊر کولڻ جو حڪم ڏنو پر آر ٽي حيدرآباد پرميشن جاري نه ڪئي جنهن خلاف مان هائي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي جنهن تي عدالت آر ٽي کي جاچ ڪري 30ڏينهن اندر رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو پر ان وقت جي آر ٽي حيدرآباد عدالت ۾ رپورٽ داخل نه ڪرائي ۽ رٽائر ٿي ويو جنهن خلاف توهين عدالت جي درخواست عدالت ۾ داخل ٿيل آهي هن چيو ته اسان وين بڪنگ آفيس جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو هن الزام هڻندي چيو ته نام نهاد سماجي اڳواڻ سڏائيندڙ اسلم ديسوالي اصل ۾ قبضا مافيا آهي جنهن هڪ بيواهه جي جائي تي قبضو ڪري پنهنجي آفيس کولي آهي جڏهن هڪ اين جي اوز جي آڙ ۾ من پسند عورتن جي مدد ڪري پنهنجا فائدا وٺي رهيو آهي هن چيو ته اسلم ديسوالي انجاتل فون نمبر تان مونکي ۽ منهنجي ڪي ڪال ڪرائي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ان ڪري مونکي يا منهنجي اولاد کي ڪجهه به ٿيو ته ان جو ذميوار اسلم ديسوالي هوندو هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر ،ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته نام نهاد ٽرانسپورٽر، قبضا مافيا ۽ نام نهاد سماجي اڳواڻ اسلم ديسوالي جي ڪرتوتن جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

سکر ۾ مختلف يونين ڪائونسلن جي مستحق خاندانن ۾ هڪ سو سولر سسٽم تقسيم

سکر(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي مستحق عوام سان ڪيل واعدي تي عمل ڪندي مهانگائي ۽ سخت گرمي جي موجوده صورتحال ۾ سولر سسٽمن جي ورهاست جو سلسلو جاري رکيو پئي اچي ان سلسلي ۾ ڪائون نثار احمد صديقي جي چيئرمين طارق حسين چوهاڻ اين جي اوز جي سهڪار سان مختلف يونين ڪائونسلن جي مستحق خاندانن ۾ هڪ سو سولر سسٽم ورهايا. ان موقعي تي يونين ڪائونسل جي چيئرمين غلام شبير چوهاڻ ۽ عبدالمجيد ميراڻي پڻ موجود هئا. تقريب دوران اڳواڻن چيو ته موجوده مهانگائي ۽ بجلي جي وڌندڙ خرچن سبب عوام کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکندي مستحق خاندانن کي سولر سسٽم فراهم ڪيا پيا وڃن ته جيئن اهي بجلي جي متبادل ذريعن مان فائدو وٺي ڪجهه رليف حاصل ڪري سگهن.هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي خدمت تي يقين رکندي آئي آهي ۽ عوام سان ڪيل واعدن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي.بچل شاهه علائقي جي رهواسين هن قدم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته اهڙي قسم جا فلاحي منصوبا مستقبل ۾ به جاري رهندا.

دادو ضلعي جي ڇڻ ٿاڻي جي حدن ۾ مبينا پوليس مقابلا

ميهڙ (ن ع) ميهڙ دادو پوليس پاران هڪ ئي رات ۾ ڇڻ ٿاڻي جي حدن ۾ مبينا پوليس مقابلن ۾ چار جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي جڏهن ته پوليس مقابلي دوران قاضي عارف پوليس پوسٽ جو انچارج به معمولي زخمي، ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد قاضي عارف روڊ تي مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري علي گل ماڇي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته فرار ٿيندڙ ساٿي ڌوهارين جي گرفتاري دوران قاضي عارف پوليس پوسٽ جي انچارج سب انسپيڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي به معمولي زخمي ٿي پيو آهي زخمي پوليس اهلڪار ۽ زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل ڌوهاري کي تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو آهي، ٺرڙي محبت ٿاڻي جي حد ميهڙ ٺرڙي محبت روڊ تي مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري محمد صالم جمالي کي به زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي. ڪي اين شاهه ٿاڻي جي حد ڪندي چڪي روڊ وٽ مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري ذيشان گوپانگ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي. ڪڪڙ ٿاڻي جي حد چنبڙ موري وٽ به مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري راشد جمالي کي به زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هڪ موٽر سائيڪل به هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي هوڏانهن ايس ايس پي دادو رڪائر ڪيپٽن صدام حسين خاصخيلي پاران پوليس پارٽي کي شاباش ڏيندي زخمي پوليس آفيسر جي جلد صحتيابي ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار پڻ ڪيو آهي ايس ايس پي دادو موجب ته امن امان جي بحالي لاءِ پوليس ڪوششون ڪري رهي آهي دادو ضلع ۾ امن امان کي وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو جڏهن ته هڪ ئي رات ۾ ڇڻ هنڌن تي ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌوهارين سان حد جي ٿاڻن جي پوليس پاران مقابلو ڪري ڇڻ ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪي دادو ضلع سميت مختلف ضلعن ۾ سنگين ڏوهن ۾ ملوث آهن وڌيڪ رڪارڊ به چيڪ ڪيو وڃي پيو ۽ فرار ٿي ويل ساٿي ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ به مختلف هنڌن تي ڇاپا پڻ هنيا وڃن پيا

حضرت غوث لعل عيسن معصوم رح جي مهندي هال ڍاهڻ وارو معامرو حل نه ٿيو

مهندي هال ڍاهيندڙ شرپسندن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: خادم حسين ٻجيڙو

درگاهه جي حفاظتي ديوار جو ڪم پڻ اڻ پورو رهيل آهي، مهندي پڻ متاثر ٿي رهي آهي

آراضي(پ ر) سيوهڻ تعلقي جي جڳ مشهور اولياء حضرت غوث لعل عيسن معصوم رح جي مهندي هال ڍاهڻ وارو معامرو حل نه ٿي سگهيو آن سلسلي ۾ ميلا سرپرست خادم حسين ٻجيڙو ميڊيا کي ٻڌايو آهي ته عاشق ٻجيڙو درگاهه جو متولي ٿيڻ ٿو چاهي، سول ڪورٽ ۾ ڪيس هارائڻ بعد هاڻ سيشن ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي اٿس 1984ع ۾ مرحوم غلام محمد پاران خاص عورتن لاءِ ٺهرايل مهندي هال کي ڍاهي پٽ ڪيو ويو آهي. مهندي هال ڍاهيندڙ شرپسندن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، درگاهه جي حفاظتي ديوار جو ڪم پڻ اڻ پورو رهيل آهي، جڏهن ته هي مهيني جي 14هين تاريخ تي نڪرندڙ مهندي پڻ متاثر ٿي رهي آهي. اختيارين معاملي جو نوٽيس وٺن

آراضي حضرت غوث لعل عيسن معصوم رح جي درگاهه ٻئي طرف ڊٺل هال جو ڏيک

فريدآباد ۾ صحافي تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

بي آءِ ايس پي سينٽر ميهڙ جي انتظاميه خلاف قلم ڌڻين مظاهرو ڪيو

سينٽر ۾ حملو ڪري تشدد ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو وڃي: صحافي

فريدآباد(ن ع) فريدآباد بي آءِ ايس پي سينٽر ميهڙ ۾ سهولتن جي اڻهوند ۽ عورتن سان بدسلوڪي، تذليل ڪندڙ عملي جي وڊيو ريڪارڊنگ ڪرڻ ۽ مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ تان بسپ ملازمن پاران فريدآباد جي صحافي اقرار چانڊيو تي حملو ڪري تشدد ڪندڙجوابدار گرفتار نه ٿيڻ صحافي ۽ سندس وارثن کي ملندڙ ڌمڪين خلاف اڄ ٽئين ڏينهن به فريدآباد جي صحافين سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن احمد علي چانڊيو ميهر ڏيرو،لطيف بروهي، محمد اسحاق چانڊيو اقرار چانڊيو ايڊووڪيٽ مختيار کوسو،صابر سيدپوري،سينگار چانڊيو،زاهد چانڊيو،ايم جڙيل چانڊيو،محمد بخش چانڊيو ۽ ٻين سخت نعريبازي ڪندي چيو ته اقرار چانڊيو جو ڏوهه صرف اهو هو ته هن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP)سينٽر تي سخت گرمي ۾ بيٺل اسان جي غريب مائرن ڀينرن سان ٿيندڙ بدتميزي، بداخلاقي ۽ اٿي ويهڻ جي پاڻي ٽوڙي ويهڻ جي سهولتن جي کوٽ تي آواز اٿاريس عوام جو آواز بڻجندڙ قلم ڌڻي مٿان ڪوڙي اين سي داخل ڪرائي ۽ ان جي وارثن کي سنگين قسم جون ڌمڪيون ڏئي طاقت جو ناجائز استعمال ڪري سچ جو گلو دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪا سڌو سنئون کليل دهشتگردي آهي هنن مطالبو ڪيو ته صحافي اقرار چانڊيو مٿان بسپ سينٽر ۾ حملو ڪري تشدد ڪندڙ جوابدارن پرويز هالو،نثار ميمڻ سراج کوسو کي فوري طور گرفتار ڪري جيل موڪلي نوڪرين مان فارغ ڪري صحافي ۽ سندس وارثن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي طرف اڄ اقرار چانڊيو تي ٿيل تشدد واقعي بابت تعلقي ميهڙ جي صحافين جو گڏيل اجلاس نيشنل پريس ڪلب ميهڙ ۾ طلب ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ميهڙ ٽائون ڳوٺ، راڌڻ، ٺرڙي محبت،شاهه پنجو،قاضي عارف ۽ فريدآباد جا صحافي شرڪت ڪندا!

فريدآباد صحافي تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد سوڌو مختلف علائقن جي رهواسين جي ريلي

پاڪ ايران بارڊر جي بندش خلاف اولڊ ڪيمپس کان ريلي ڪڍي وئي

رستو بند ٿيڻ سبب مسلمان مقدس مزارن جي زيارتن کان محروم بڻيل آهن: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد سوڌو مختلف علائقن جي رهواسي ايران جي زائرين پاڪ ايران بارڊر جي بندش خلاف ڪالهه اولڊ ڪئمپس کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين غلام قادر ڪربلائي ،سليم جتوئي ،علي ظفر شر تواڻ قربان حيدري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پاڪ ايران سرحد گذريل هڪ سال کان پاڪستان سرڪار بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب هزارين زائرين ايران جي مقدس جائين جي زيارتين کان محروم آهن هنن چيو ته ايران عراق زيارت لاءِ وچولي طبقي جا ماڻهو روڊ رستي ذريعي ويندا آهن روڊ وارو رستو بند ٿيڻ سبب مسلمان مقدس مزارن جي زيارتن کان محروم بڻيل آهن هنن چيو ته پاڪستان سرڪار جلد پاڪ ايران روڊ کولڻ جو واعدو ڪيو هو جيڪو هن وقت تائين پورو نه ڪيو آهي جنهن سبب زيارتين ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر ڇانيل آهي هنن صدر پاڪستان ،وزيراعظم پاڪستان،پاڪ فوج جي سپه سالار ۽ فيلڊ مارشل کي اپيل ڪئي ته پاڪ ايران سرحد جلد کولي وڃي

سڪرنڊ ۾ پڻ ماحوليات جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

سي ڊي ايف پاڪستان جي سرپرستي ۾ هڪ آگاهي پروگرام

ماحولياتي مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ سنگين ٿيندا پيا وڃن: مقررين

سڪرنڊ (س ر) پوري دنيا جي ٻين حصن وانگر سڪرنڊ ۾ پڻ ماحوليات جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو ان سلسلي ۾ سي ڊي ايف آفيس سڪرنڊ ۾ سي ڊي ايف پاڪستان جي سرپرستي ۾ هڪ آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو.پروگرام جو مقصد نوجوان نسل ۾ ماحولياتي تحفظ ۽ ماحول دوست طرز زندگي بابت شعور پيدا ڪرڻ هو تقريب ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن ، سماجي ڪارڪنن اين جي اوز جي نمائندن ۽ معزز شهرين شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن ماحولياتي تحفظ، وڻ پوکڻ صاف ماحول ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرات بابت آگاهي حاصل ڪئي ان موقعي تي سي ڊي ايف پاڪستان جي چيئرمين عبدالحميد آرائين چيو ته ماحولياتي مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ سنگين ٿيندا پيا وڃن هيٺئر ڳالهائڻ جو وقت نه آهي پر عملي قدم کڻڻ جو وقت آهي هن چيو ته هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ وڻ پوکڻ پاڻي جي ضايع ٿيڻ کي روڪڻ ۽ پنهنجي چوڌاري ماحول کي صاف رکڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن تقريب کي محمد وارث نوناري ، اشفاق احمد، حذيفه ۽ ٻين پڻ ماحول جي حفاظت لاءِ اجتماعي ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته ايندڙ نسلن کي محفوظ، صحتمند ۽ سرسبز ماحول فراهم ڪرڻ اسان جي گڏيل ذميواري آهي آخر ۾ آگاهي واڪ پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن استادن سماجي ڪارڪنن ۽ مختلف تنظيمن جي نمائندن حصو ورتو جن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي عوام کي صاف ماحول وڻ پوکڻ ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ جي اهميت بابت تحرير ڏيل هئي

سڪرنڊ ماحوليات جو عالمي ڏينهن جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

روهڙي ۾ پيپلز پارٽي جي نئين چونڊيل باڊي جي حلف برداري واري تقريب

حلف برداري تقريب ۾ روهڙي ۽ سکر جا اڳوڻا سپاف جا تعلقي صدر پڻ شريڪ

چونڊيل عهديدارن پاران اتفاق راءِ سان شهيدن جي مزارن ڳڙهي خدابخش ۾ حاضري ڀرڻ جو فيصلو

روهڙي(ن ع) روهڙي تعلقي صدر نبي بخش جسڪاڻي جي صدارت هيٺ جسڪاڻي هائوس روهڙي ۾ ٿي گذري، حلف برداري تقريب ۾ روهڙي ۽ سکر جا اڳوڻا سپاف جا تعلقي صدر بابر کوکر ۽ ظفر ميراڻي خاص طور تي شرڪت ڪئي حلف برداري تقريب ۾ باڊي جي سينئر نائب صدر زبردست خان مهر جنرل سيڪريٽري ارشاد احمد لاشاري انفارميشن سيڪريٽري سهيل احمد ٻرڙو سميت تمام نئين چونڊجي آيل عهيدار شامل هئا، چونڊيل عهديدارن اڳين پاڪستان سان گڏوگڏ پارٽي منشور ۽ پارٽي جي قيادت تي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو چونڊيل عهديدارن پاران اتفاق راءِ سان شهيدن جي مزارن ڳڙهي خدابخش ۾ حاضري ڀرڻ روهڙي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي رابطي آفيس ۽ انهي سان گڏوگڏ هر پارٽي عهديدار جي علائقي ۾ پارٽي ورڪرن سان تعارفي گڏجاڻي رکڻ لاءِ چيو ويو

روهڙي پيپلز پارٽي جي نئين چونڊيل باڊي جي حلف برداري واري تقريب جو ڏيک

پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي پاران معذور ماڻهن لاءِ تقريب منعقد

سنڌ معذور ماڻهن جي بااختيار بڻائڻ واري ايڪٽ 2018 ۾ تصور ڪيو ويو آهي

PLUSهڪ جامع ۽ رسائي لائق انصاف نظام قائم ڪرڻ ۾ عملي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽ: جي ايم خاصخيلي) پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي (PLUS)معذور ماڻهن جي بااختيار بڻائڻ واري کاتي (DEPD)۽ سنڌ معذور ماڻهن جي تحفظ واري اٿارٽي (SPDPA)جي تعاون سان "مددگار ٽيڪنالاجيون ۽ رسائي لائق انصاف ان سنڌ" جي عنوان سان هڪ وڏي تقريب منعقد ڪئي تقريب جو مقصد معذور ماڻهن لاءِ هڪ جامع ۽ رسائي لائق عدالتي نظام کي فروغ ڏيڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ انصاف تائين برابر رسائي کي مضبوط ڪرڻ هو تقريب ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار مسٽر راجوير سنگهه سوڍا جي مهمان خاص طور تي شرڪت سان شرڪت ڪئي وئي ٻين معزز شرڪت ڪندڙن ۾ نويد احمد سومرو (ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج، سنڌ جوڊيشل اڪيڊمي)، ذوالفقار شاهه (ڊي ايس پي، سنڌ پوليس)، روبينا بروهي (چيئرپرسن سنڌ ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومين)، قانوني برادري جا نمائندا، مختلف سرڪاري کاتا، سول سوسائٽي تنظيمون ۽ راشد شيخ (ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر سينٽرل) شامل هئا. هي شروعات سنڌ امپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊسيبلٽيز ايڪٽ 2018 جي سيڪشن 18 ۽ 33، پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 25 ۽ گڏيل قومن جي ڪنوينشن آن دي رائٽس آف پرسنز ود ڊسيبلٽيز (يو اين سي آر پي ڊي) جي آرٽيڪل 9 ۽ 13 تي ٻڌل آهي. جيڪي معذور ماڻهن جي رسائي، قانون جي سامهون برابري ۽ انصاف تائين اثرائتي رسائي جي ضمانت ڏين ٿا. جيتوڻيڪ سنڌ 2019 ۾ هر ضلعي لاءِ خاص عدالتن کي معذور ماڻهن جي سهولت لاءِ نوٽيفڪيشن ڏنو هو پر انصاف جو شعبو اڃا تائين جسماني رسائي، رابطي ۾ رڪاوٽون، مددگار ٽيڪنالاجي جي عدم دستيابي ۽ ضروري طريقيڪار جي سهولتن جي کوٽ جهڙن چئلينجن کي منهن ڏئي ٿو نتيجي طور معذور ماڻهن کي قانوني ڪارروائي ۾ اثرائتي طور تي حصو وٺڻ ۽ بروقت انصاف تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو انهن چئلينجن کي ذهن ۾ رکندي، PLUSهڪ جامع ۽ رسائي لائق انصاف نظام قائم ڪرڻ ۾ عملي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جيئن ته سنڌ معذور ماڻهن جي بااختيار بڻائڻ واري ايڪٽ 2018 ۾ تصور ڪيو ويو آهي مسلسل وڪالت، آگاهي، صلاحيت جي تعمير ۽ عملي سهولتن جي فراهمي ذريعي هي شروعات عدالتن کي معذور ماڻهن جي ضرورتن لاءِ وڌيڪ اثرائتو ۽ جوابدار بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي تقريب دوران مختلف مددگار ڊوائيسز جن ۾ مصنوعي ذهانت (AI)سان هلندڙ سمارٽ چشما، ويل چيئر اچيون ليبون ڪيبليٽ ۽ ٻڌڻ جا اوزار شامل آهن ورهايا ويا ته جيئن معذور ماڻهو ڪي قانوني عمل ۾ وڌيڪ آزاد ۽ مؤثر طريقي سان حصو وٺڻ جي قابل بڻائي سگهجي اهي مددگار ڊوائيسز پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ جي حوالي ڪيا ويا ته جيئن پراسيڪيوٽر ڊپارٽمينٽ پاران ضلعي عدالتن ۾ استعمال ڪيا وڃن ۽ معذور ماڻهن لاءِ رسائي لائق انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي اميد آهي ته اهي ڊوائيسز رابطي، نقل و حرڪت، معلومات تائين رسائي ۽ عدالتي ڪارروائي ۾ شرڪت کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. مقررين زور ڏنو ته رسائي صرف هڪ فلاحي قدم نه آهي پر هڪ قانوني ذميواري ۽ هڪ بنيادي انساني حق آهي انهن سرڪاري ادارن، عدليه، بار ايسوسيئيشن، پراسيڪيوٽن وڪيل ۽ سول سوسائٽي جي ضرورت کي اجاگر ڪيو ته جيئن معذور ماڻهن لاءِ رڪاوٽون ختم ڪرڻ لاءِ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ۽ يقيني بڻايو وڃي ته انصاف غير امتيازي، برابري ۽ منصفاڻي انداز ۾ پهچايو وڃي هن تقريب هڪ اهڙو انصاف جو نظام ڏاهڻ جي اجتماعي عزم جي تصديق ڪئي جتي هر شهري، معذوري کان سواءِ وقار، خودمختياري ۽ برابري سان قانوني حقن ۽ انصاف تائين رسائي حاصل ڪري سگهي

ڪراچي پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي پاران منعقد معذور ماڻهن لاءِ تقريب جو ڏيک

عثمان شاهه هڙي ۾ حضرت عثمان غني رض جي يوم شهادت تي ريلي

سني رابطا ڪائونسل، راهِ حق پارٽي پاڪستان جي سڏ تي ريلي ڪڍي وئي

حضرت عثمان غني رض جي يوم شهادت تي عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي: مقررين

عثمان شاهه هڙي (ٿ ر) سني رابطا ڪائونسل راهِ حق پارٽي پاڪستان جي سڏ تي ڪيون خلوفت راشده امير المومنين حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي يوم شهادت جي حوالي سان شهر عثمان شاهه هڙي ۾ هڪ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي ريليءَ ۾ سني رابطا ڪائونسل عهديدارن ۽ ڪارڪنن سميت علائقي جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريليءَ کي سني رابطا ڪائونسل راهِ حق پارٽي جي مرڪزي ۽ مقامي اڳواڻن ڪليم الله قائم خاني نبي بخش عاقلاڻي، حاڪم عاقلاڻي، ڪريم بخش بلوچ ۽ مولانا عبدالمالڪ جمالي مولانا بلال مري اشفاق آرائين ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو اڳواڻن چيو ته حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي اسلام ۽ امت مسلم لاءِ ڏنل مالي ۽ جاني قربانيون تاريخ ۾ سدائين ياد رکيون وينديون مقررين پاران حڪومت پاڪستان کان پرزور مطالبو ڪيو ويو ته 18 ذوالحج (حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي يوم شهادت) تي سرڪاري طور تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي جيئن سرڪاري سطح تي کين ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪري سگهجي ريليءَ دوران شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي رکيا هئا جن تي شهادت عثمان غني رضي الله عنه تي سرڪاري موڪل جي منظوريءَ جا مطالبا ۽ کين خراج عقيدت جا نعرا لکيل هئا ريلي جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

عثمان شاهه هڙي حضرت عثمان غني رض جي يوم شهادت تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ ۾ پاڻي جو سخت بحران ٿي ويو، سرڪاري طور به 36 سيڪڙو کوٽ جي تصديق

سنڌ کي پاڻي معاهدي تحت 106,340 ڪيوسڪ پاڻي ملڻ گهرجي، پر هن وقت صرف 67,660 ڪيوسڪ پاڻي دستياب

گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن جي واهن ۾ به پاڻي جي فراهمي مقرر حصي کان گهٽ رهي، ڪوٽڙي ۾ سڀ کان وڌيڪ 51 سيڪڙو کوٽ رڪارڊ

موجوده صورتحال موجب ملڪ جي ڪنهن به درياهه يا بئراج تي وچولي يا وڏي درجي جي ٻوڏ جو خطرو موجود ناهي: آبپاشي ماهر

سکر پاڻي کوٽ خلاف شهري ٿانوءَ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪندي

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ پاڻي جو سخت بحران ٿي ويو سرڪاري طور به 36 سيڪڙو کوٽ جي تصديق ٿي وئي آهي. آبپاشي کاتي پاران جاري ڪيل رپورٽ موجب سنڌ کي پاڻي جي فراهمي اڃا به کوٽ جو شڪار آهي بليٽن مطابق سنڌ کي پاڻي معاهدي تحت 106,340 ڪيوسڪ پاڻي ملڻ گهرجي پر هن وقت صرف 67,660 ڪيوسڪ پاڻي دستياب آهي جنهن سبب صوبي کي مجموعي طور 36 سيڪڙو کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي گڊو سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن جي واهن ۾ به پاڻي جي فراهمي مقرر حصي کان گهٽ رهي جڏهن ته ڪوٽڙي بئراج واري نظام ۾ سڀ کان وڌيڪ 51 سيڪڙو کوٽ رڪارڊ ڪئي وئي آبپاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته پاڻي جي مسلسل کوٽ سبب سنڌ جي زرعي سرگرمين تي ناڪاري اثر پوڻ جا امڪان وڌي ويا آهن.سکر بئراج تي پاڻي جي آمد 53 هزار ڪيوسڪ کان وڌي وئي ۽ درياهن ۽ بئراجن تي وهڪرا نارمل قرارڏنا ويا آهن موسميات کاتي جي فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن (FFD) پاران رپورٽ موجب ملڪ جي سمورن وڏن درياهن بئراجن ۽ ڊيمز تي پاڻي جي وهڪري جي صورتحال نارمل رڪارڊ ڪئي وئي آهي رپورٽ مطابق سنڌو درياهه ۾ مختلف علائقن کان پاڻي جي آمد ۾ واڌ ڏسڻ ۾ آئي آهي جڏهن ته سنڌ جي اهم بئراجن گڊو سکر ۽ ڪوٽڙي تي به وهڪرا معمول مطابق رهيا. رپورٽ موجب گڊو بئراج وٽ پاڻي جي آمد 72 هزار 993 ڪيوسڪ ۽ نيڪال 53 هزار 238 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته سکر بئراج وٽ پاڻي جي آمد 53 هزار 610 ڪيوسڪ ۽ نيڪال 18 هزار850 ڪيوسڪ رهيو. ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جي آمد 12 هزار 785 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته نيڪال ٻڙي ٻڌايو ويو آهي سنڌو درياهه جي مٿئين حصي ۾ تربيلا ڊيم وٽ پاڻي جي آمد 157 هزار ڪيوسڪ ۽ نيڪال 129 هزار 600 ڪيوسڪ، ڪالاباغ وٽ آمد 153 هزار 645 ڪيوسڪ، چشمه وٽ 185 هزار 65 ڪيوسڪ ۽ تونسه بئراج وٽ 113 هزار 641 ڪيوسڪ پاڻي جي آمد رڪارڊ ڪئي وئي، جن کي فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن نارمل قرار ڏنو آهي ٻئي طرف تربيلا ڊيم جي موجوده سطح 1451.58 فوٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي جڏهن ته منگلا ڊيم جي سطح 1169.9 فوٽ آهي ماهرن موجب موجوده صورتحال موجب ملڪ جي ڪنهن به درياهه يا بئراج تي وچولي يا وڏي درجي جي ٻوڏ جو خطرو موجود ناهي جڏهن ته پاڻي جي وهڪرن تي مسلسل نظر رکي پئي وڃي فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن موجب ايندڙ ڏينهن دوران به درياهن ۽ بئراجن جي صورتحال تي ويجهي نگراني جاري رهندي ۽ ڪنهن به غيرمعمولي تبديلي جي صورت ۾ لاڳاپيل ادارن کي آگاهه ڪيو ويندو

سکر پوليس پاران ايس ايس پي جي هدايتن تي ڏوهارين خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري

اي سيڪشن پوليس جي هڪ ڪامياب ۽ بروقت ڪارروائي، چوري ٿيل موٽر سائيڪل هٿ، وارثن حوالي

پنڊ ٿاڻي جي ايس ايڇ او پنهنجي ٽيم سان گڏ اسنيپ چيڪنگ دوران ڪارروائي ڪندي جوابدار عابد علي ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس جوابدار عابد علي ڪوسو خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي: ترجمان

سکر پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس پاران ڏوهارين خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري آهي ٿانهه اي سيڪشن پوليس هڪ ڪامياب ۽ بروقت ڪارروائي ڪندي چوري ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪري اصل مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏي پوليس ترجمان موجب اي سيڪشن ٿاڻي جي لائچ موڙ چوڪي جي انچارج کي شهري جهانزيب ملڪ پاران اطلاع ڏنو ويو ته سندس موٽر سائيڪل گهر ٻاهران بيٺل هئي جنهن کي نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا. اطلاع ملڻ شرط ايس ايڇ او اي سيڪشن ۽ لائچ موڙ چوڪي جي انچارج فوري طور تي ڪارروائي شروع ڪئي.پوليس جي مؤثر حڪمت عملي ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ چوري ٿيل موٽر سائيڪل جلد ئي هٿ ڪري ورتي وئي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کانپوءِ موٽر سائيڪل ان جي اصل مالڪ جهانزيب ملڪ حوالي ڪئي وئي موٽر سائيڪل واپس ملڻ تي جهانزيب ملڪ سکر پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي پوليس ٽيم جو ٿورائتو ٿيو هن چيو ته پوليس جي بروقت ڪارروائي سبب سندس قيمتي سواري واپس ملي وئي ٻئي پاسي نيو پنڊ ٿاڻي جي ايس ايڇ او پنهنجي ٽيم سان گڏ اسنيپ چيڪنگ دوران ڪامياب ڪارروائي ڪندي جوابدار عابد علي ڪوسو کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان 1060 گرام چرس برآمد ڪئي وئي پوليس جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٺهڪ ٻي ڪارروائي ۾ ٽاٽو سي سيڪشن پوليس پنهنجي حدن اندر ڇاپو هڻي جوابدار آصف علي ٻگراڻي کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان 100 کان وڌيڪ پيڪٽ گٽڪو آداب ۽ ڇاليه برآمد ڪئي وئي جوابدار خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وئي آهي.سکر: سي سيڪشن پوليس جي ڪارروائي بدنام زماني منشيات فراهم ڪندڙ گرفتار، 3 ڪلو کان وڌيڪ چرس هٿ ڪيو ويو.هوڏانهن ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف جاري مهم دوران ٽاٽو سي سيڪشن پوليس اهم ڪارروائي ڪندي بدنام زماني منشيات فراهم ڪندڙ محمد انور گڏاڻي کي گرفتار ڪري ورتو.ترجمان پوليس موجب ايس ايڇ او ٽاٽو سي سيڪشن پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي جوابدار کي حراست ۾ ورتو جنهن جي قبضي مان 3015 گرام چرس برآمد ڪئي وئي برآمد ٿيل منشيات کي تحويل ۾ وٺي قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي گرفتار جوابدار خلاف ڪيس نمبر 202/2026 تحت سي اين ايس ايڪٽ جي قلم 9 (C/3)اهيٺ ٽاٽو سي سيڪشن تي داخل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ جاچ دوران حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جي بنياد تي منشيات جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ٻين عنصرن خلاف به ڪارروايون ڪيون وينديون سکر پوليس واضح ڪيو آهي ته شهر کي منشيات جهڙي سماجي برائي کان پاڪ ڪرڻ لاءِ بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون جاري رکيون وينديون ايس ايس پي سکر اظهر خان پوليس ٽيمن جي بهترين ڪارڪردگي کي ساراهيندي کين شاباشي ڏني ۽ هدايت ڪئي ته سماج دشمن عنصرن، منشيات فروشن ۽ ٻين غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا ڪنهن رعايت جي ڪارروايون جاري رکيون وڃن ته جيئن شهرين کي محفوظ ۽ پرامن ماحول فراهم ڪري سگهجي

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو مظاهرو

ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ سنڌي جي ڀاءُ جي اغوا خلاف مظاهرو ڪيو ويو

سعيد ميمڻ جي اغوا جو واقعو انتهائي ڳڻتي جوڳو ۽ مذمت جوڳو عمل آهي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سينئر مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ سنڌي جي ڀاءُ سعيد ميمڻ جي بلوچستان صوبي مان مبينا اغوا خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي سڏ تي ٽنڊو محمد خان ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا الفتاح چوڪ کان ٿيندي ٿليلي روڊ پهتي، جتي سوين ڪارڪنن پاران ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي ريلي ۾ ايس ٽي پي جي سوين ڪارڪنن کان علاوه مختلف سياسي، سماجي ڌرين شهرين ۽ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناري، ضلعي صدر اقبال حاجاڻو سيد سارنگ شاهه جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي ڊاڪٽر جي ايم گل، پير عاصم جان اعظم پلي، ايس يو پي جي عمران لغاري ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سعيد ميمڻ جي اغوا جو واقعو انتهائي ڳڻتي جوڳو ۽ مذمت جوڳو عمل آهي جنهن سبب سندس وارثن ۽ سنڌ واسين ۾ سخت بيچيني ڦهليل آهي هنن چيو ته ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ جي ڀاءُ سعيد ميمڻ جي اغوا سان انساني حقن جي ڀڃڪڙي ٿي آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو آهي ته سعيد ميمڻ کي فوري طور بازياب ڪري سندس وارثن سان انصاف ڪيو وڃي.هنن چيو ته جيڪڏهن سعيد ميمڻ کي جلد بازياب نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ ۾ وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي هنن چيو ته اسان سنڌ ۽ وفاق ۽ بلوچستان حڪومت کان مطالبو ڪيو ٿا ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ملوث عنصرن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي ۽ سعيد ميمڻ کي فوري طور بازياب ڪرائي وارثن ۽ عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

ٽنڊو محمدخان سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ ٿليلي روڊ تي لڳل ڌرڻي جو ڏيک

چوهڙجمالي ۾ صحافي، رائيٽر ۽ ڪالم نگار انجم ٻگهيو جي اوچتي رحلت تي تعزيتي ميڙاڪو

چوهڙجمالي(ن ع) سنڌ جي صحافت ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائي قلم ڌڻين کي منظم ۽ متحد بڻائڻ لاءِ پوري زندگي جاکوڙيندڙ سنڌ جي ناميازي صحافي، رائيٽر ۽ ڪالم نگار انجم ٻگهيو جي اوچتي رحلت تي چوهڙجمالي پريس ڪلب ۾ هڪ تعزيتي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مرحوم کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو،ان موقعي تي پريس ڪلب جي صدر ڊاڪٽر اقبال ڪٽي اسماعيل ميمڻ، قادر ڪيهر مصطفيٰ ميمڻ فضل الله فياض حبيب الله ميمڻ صديق نوراني، غلام علي صديقي، ناشاد ملاح، گل عمراڻي سلطان فاروقي، شاهد حسيني، قربان رند، شاهد ميمڻ فاروق آزاد ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته انجم ٻگهيو صحافتي دنيا جو هڪ اهم ڪردار هو جنهن هميشه حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪئي ۽ صحافين جي حقن لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي مرحوم پنهنجي قلم وسيلي معاشري جي مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ صحافت جي شعبي ۾ بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون سندس اوچتو لاڏاڻو سنڌي صحافت لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي جنهن جو خال شايد ئي ڪڏهن پرجي سگهي.تعزيتي گڏجاڻي ۾ مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ سندس پونئرن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ گهري وئي

بخشاپور ۽ ڀرپاسي جوا ۽ منشيات جو آزار وڌي ويو

بخشاپور (ن ع) بخشاپور ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ منشيات ۽ جوا جو آزار وڌي ويو آهي جوا سبب نوجوان نسل تباهه ٿي ڪنگال ٿي رهيو آهي جوا جا عادي بڻيل ماڻهو جوا کيڏڻ تي مجبور بڻيل آهن ان سلسلي ۾ علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي نوجوان نسل کي منشيات ۽ جوا جي آزار کان بچايو وڃي

روهڙي ڪئنال مان نڪرندڙ نولکي شاخ مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ

گمبٽ (ن ع) روهڙي ڪئنال مان نڪرندڙ نولکي شاخ مان نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي اطلاع تي ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي نولکي شاخ مان ٻاهر ورتو آهي جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ۽ حد جي پوليس جي چوڻ موجب لاش لاوارث حالت ۾ مليو آهي جنهن سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي

ماتلي ۾ 12 ورهين جو نينگر چينل واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت

ماتلي (ن ع) فضل آباد محلي جي رهواسي جاويد رحماني جو پٽ 12 ورهين جو ياسر رحماني چينل واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو آهي جنهن جو لاش هٿ ڪيو ويو آهي. ٻڌايو وڃي پيو ته گرمي سبب فوتي نينگر پنهنجي دوستن سان گڏ چينل واهه ۾ وهنجڻ ويو جتي هو پاڻي جي گهيري ۾ اچي ٻڏي ويو مقامي ڪوبن جي مدد سان ڳولا ڪان پوءِ سندس لاش هٿ ڪري تعلقي اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن طرفان سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي. هوڏانهن نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال ڇانئجي وئي آهي. ٻن ڏينهن کان پوءِ فوتي نينگر جي وڏي ڀاءُ جي شادي رٿيل هئي واقعي سبب شادي واري گهر ۾ خوشيون سوڳ ۾ تبديل ٿي ويون آهن

سيوهڻ ۾ خانگي اسڪول جي استاد تي حملو، احتجاج

نوجوان سهيل ڪوسو کي پسٽل جا بٽ هڻي نوجوان کي سخت زخمي ڪري فرار

سهيل ڪوسو جو پنهنجي پيرسن والد ۽ ڀاءُ سان گڏ نيشنل پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو

سيوهڻ(ن ع) خانگي اسڪول جي استاد تي جوابدارن پاران خنجر ۽ پسٽل سان قاتلاڻو حملو سخت زخمي، وارثن جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج. خبر موجب سيوهڻ جي ڪوسا پاڙي ۾ مسلح جوابدارن پاران هڪ خانگي اسڪول جي استاد نوجوان سهيل ڪوسو تي قاتلاڻو حملو ڪري ۽ ڇرين جا وار ڪرڻ سان گڏ پسٽل جا بٽ هڻي نوجوان کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا، جنهن بعد زخمي نوجوان کي سيوهڻ اسپتال پهچائي بروقت طبي امداد ڏني وئي، ٻئي طرف واقعي خلاف زخمي نوجوان ڪالهه پنهنجي پيرسن والد ۽ ڀاءُ سان گڏ نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي آهي، ان موقعي تي زخمي نوجوان سهيل ڪوسي جو چوڻ هو ته مان ڪم سانگي ٻاهر نڪتس ته جوابدارن سونمر ملڪاڻي، حمير ڳنڀير پنهنجي ساٿين جي مدد سان حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ۽ پسٽل جا بٽ هنيا ۽ ڇرين سان وار ڪري سخت زخمي ڪيو منهنجي مٿان هي ٽيون ڀيرو حملو ٿيو آهي ۽ ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي جوابدار کلي عام گهمي رهيا آهن جنهن ڪري سڄي خاندان کي انهن مان جان جو خطرو آهي هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي نامزد جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري کين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

سيوهڻ خانگي اسڪول جي استاد تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوسڪي شاخ تان هٽايل داروغو انتقام تي لهي آيو

پنگريو(ن ع) پنگريو پرسان ڪوسڪي شاخ جي آبادگار عابد لنڊ پريس ڪلب پنگريو ۾ ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته ڪوسڪي شاخ تان هٽايل داروغو محبوب لنڊ مٿن ناراض ٿي پيو آهي ته اوهان آفيسرن اڳيان شڪايتون ڪيون هيون ته هو سندن حصي جو پاڻي منڊ جي آبادگارن کي وڪرو ڪري ٿو جنهن تي ڪاروائي ڪندي ايس اي روهڙي ڪينال 31.5.2026 تي محبوب لنڊ کي ڪوسڪي شاخ تان هٽائي ڇڏيو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 06 جُون 2026ع

وچ اوڀر ۾ نئين طاقت جي ڪشمڪش ۽ امن جا چئلينج

ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ جا اثر عالمي معيشت، توانائيءَ جي منڊين ۽ بين الاقوامي سفارتڪاري تي به پئجي رهيا آهن. تازي سياسي ۽ فوجي پيشرفت ظاهر ڪري ٿي ته جنگبنديءَ جي دعوائن باوجود صورتحال اڃا تائين مڪمل طور تي مستحڪم ناهي ٿي سگهي ۽ ڪنهن به وقت نئون بحران جنم وٺي سگهي ٿو. آمريڪي ايوانِ نمائندگان طرفان صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي ايران خلاف وڌيڪ فوجي ڪارروائين کان روڪڻ لاءِ قرارداد جي منظوري ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته آمريڪا اندر به ايران بابت پاليسين تي اختلاف موجود آهن. 208 ووٽن جي مقابلي ۾ 215 ووٽن سان منظور ٿيل قرارداد ۾ ڪجهه ريپبلڪن ميمبرن به ڊيموڪريٽن جو ساٿ ڏنو جا ڳالهه جنگي پاليسين بابت وڌندڙ خدشن جي عڪاسي ڪري ٿي. آمريڪي قانون سازن جو هڪ وڏو حلقو اهو سمجهي ٿو ته ايران سان سڌي جنگ نه رڳو وچ اوڀر پر سڄي دنيا کي هڪ نئين بحران ۾ ڌڪي سگهي ٿي. ٻئي طرف صدر ٽرمپ قرارداد کي بي معنيٰ قرار ڏيندي پنهنجي سياسي مخالفن تي الزام هنيو آهي ته اهي سندس ڪاميابين کي تسليم ڪرڻ بدران ملڪ کي ناڪام ڏسڻ چاهين ٿا. ساڳئي وقت سندس اهو بيان ته 'جيڪڏهن ايراني حملن ۾ آمريڪي فوجي مارجي ويا ته جنگبندي ختم ڪرڻ تي غور ڪيو ويندو' صورتحال جي حساسيت کي وڌيڪ وڌائي ٿو. اهڙن بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جنگ جو خطرو مڪمل طور تي ٽريو ناهي ۽ ننڍڙي چُڪ به وڏي فوجي ويڙهه جو سبب بڻجي سگهي ٿي. ايران به پنهنجي موقف ۾ ڪنهن به قسم جي نرمي ڏيکارڻ لاءِ تيار نظر نٿو اچي. ايراني سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي دعويٰ ڪئي آهي ته دشمن کي فيصلائتو ڌڪ رسيو آهي ۽ آمريڪا توڙي اسرائيل کي ذلت جو منهن ڏسڻو پيو آهي. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو چوڻ آهي ته ايران جي فوجي پوزيشن جنگ کان اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي چڪي آهي. اهي بيان ظاهر ڪن ٿا ته تهران موجوده صورتحال کي پنهنجي لاءِ سفارتي ۽ فوجي ڪاميابيءَ طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جو سڀ کان وڏو اثر عالمي توانائي جي منڊي تي پئجي رهيو آهي. آبنائي هرمز دنيا جي اهم ترين سامونڊي واپاري گذرگاهن مان هڪ آهي، جتان عالمي تيل جي وڏي مقدار منتقل ڪئي ويندي آهي. ايران جي تيل سان ڀريل چار ٽينڪرن جو آمريڪي ناڪابنديءَ باوجود آبنائي هرمز مان گذرڻ نه رڳو ايران جي مزاحمتي صلاحيت کي ظاهر ڪري ٿو پر اهو به ٻڌائي ٿو ته عالمي واپار لاءِ اهو رستو ڪيترو اهم آهي. جيڪڏهن هن علائقي ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ٿو ته تيل جون قيمتون اچانڪ وڌي سگهن ٿيون. لبنان ۾ به صورتحال پيچيده آهي. حزب الله جي اڳواڻ نعيم قاسم واضح ڪري ڇڏيو آهي ته اهڙو ڪوبه معاهدو قبول نه ڪيو ويندو، جيڪو هٿيار ڦٽا ڪرڻ يا شڪست تسليم ڪرڻ جي برابر هجي. ايران سان ويجهو لاڳاپو رکندڙ قوتون اسرائيل کان لبنان ۾ جنگ کان اڳ واري پوزيشن تي واپسيءَ جو مطالبو ڪري رهيون آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته لبنان وارو محاذ به اڃا مڪمل طور تي پرسڪون ناهي ٿيو ۽ ڪنهن به وقت نئين ڇڪتاڻ جنم وٺي سگهي ٿي. ٻئي طرف گڏيل قومن جي جوهري توانائيءَ واري اداري طرفان ايران جي جوهري سرگرمين بابت خدشن جو اظهار به انتهائي اهم آهي. اداري ايران کان مطالبو ڪيو آهي ته هو پنهنجي افزوده يورينيم جي ذخيري بابت تفصيلي معلومات فراهم ڪري ۽ بين الاقوامي معائني جي مڪمل بحاليءَ کي يقيني بڻائي. عالمي برادريءَ جو خيال آهي ته جوهري هٿيارن جي ڦهلاءَ کي روڪڻ بابت عالمي معاهدن تي مڪمل عملدرآمد ضروري آهي. جيڪڏهن ايران ۽ عالمي ادارن وچ ۾ اعتماد جو فقدان برقرار رهيو ته اهو معاملو مستقبل ۾ هڪ نئين سفارتي بحران کي جنم ڏئي سگهي ٿو.

حقيقت اها آهي ته وچ اوڀر گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان عالمي طاقتن جي مفادن، علائقائي رقابتن ۽ سياسي تڪرارن جو مرڪز رهيو آهي. جنگين ۽ فوجي ڪارروايون ڪڏهن به مستقل امن آڻي نه سگهيون آهن. عراق، شام، ليبيا ۽ افغانستان جا مثال دنيا جي سامهون آهن، جتي فوجي طاقت سان مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش وڌيڪ تباهي ۽ عدم استحڪام کي جنم ڏنو. اڄ به ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته آمريڪا، ايران، اسرائيل ۽ علائقي جون ٻيون قوتون تڪرار بدران سفارتڪاري، ڳالهين ۽ بين الاقوامي قانون جي دائري ۾ رهندي مسئلن جو حل ڳولين. عالمي برادريءَ کي به غيرجانبدار ڪردار ادا ڪندي امن جي ڪوشش کي هٿي وٺرائڻ گهرجي. جيڪڏهن موجوده بحران کي دانشمنديءَ سان نه سنڀاليو ويو ته ان جا اثر رڳو وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا پر سڄي دنيا جي امن، توانائي جي فراهمي ۽ معاشي استحڪام کي به متاثر ڪندا.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سِڪَ سِڪَنديَنِ لاءِ، وِڇوڙِئا مَيڙِ پِريَن،
ايڏي سَگهہ سَڄا ڏِئي، تُوهِي ڪِي جُڳاءِ،
تَنُ جَنِينِ جو طالِبُو، مِهَرَ تِنِينِ تَي پَاءِ،
مَيڙائِي جَو مَاءِ ڪَانگَ لُوَنڊو ڪَڍِهِينِ...

لطيف سائين کان وڇڙيل دلين جو ڏک برداشت نه ٿو ٿي سگهي، وڇوڙي جا وڏ ڏاڍا ڏکيا ۽ اجهل هوندا آهن. تڏهن هن دعائيه شعر ۾ هو الله سائين اڳيان فرياد ڪري ٿو ته " اي مالڪ، جهان جا خلقڻهار تون ئي سڀ شيءِ تي قادر آهين. وڇوڙي واري سورن جي سٽ سهڻ واري سگهہ انسان جي وس ۾ ناهي، اي سچا ڏٽي ايتري سگهہ توکي ئي سونهين ٿي، اسان جي جاءِ ناهي. هي تن، هي من جن محبوبن جو طالبگار، حاجتمند آهي، گهرجائو آهي تون ئي انهن سان ملائي سگهين. اي جيجل امان تو ئي ڪٿي ٻڌاءِ ته محبوبن جي وصل جو پيغام ڪٿي ڪانءَ ڪڏهن منهنجي اڱڻ تي اچي ٻوليندا، ڪا اڇڻ جي واڌائي ڏيندا.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اهڙو جگر چيئرمين مائو ئي رکي سگهي ٿو!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان ته سوچون ئي قومون بڻائينديون آهن. اڄ گفتگو انهيءَ جملي کي سچ ثابت ڪري ڏيکاريندڙ چيني قوم تي آهي، هنن جي ڪاميابيءَ کي سمجهڻ جي لاءِ اسان کي ماضيءَ جي سمنڊ ۾ غرق ٿيڻو پوندو آئون عرض ڪريان ته چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سربراهي مائوزي تنگ عوامي جمهوريه چين جي قيام جو اعلان پهرين آڪٽوبر 1949ع تي ڪيو. انهيءَ ڪري پهرين آڪٽوبر عوامي جمهوريه چين جي عوام چين سميت دنيا جي ٻين ملڪن ۾ رهندڙ چيني پنهنجي آزاديءَ جو ڏهاڙو پوري قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهن. چين جو پهريون آئين 1954ع ۾ ناهيو ويو ۽ پوءِ وري 1982ع ۾ چيني آئين ۾ نوان اصول ۽ ضابطا شامل ڪيا ويا. انهيءَ کان پوءِ ڦيبروري 1999ع ۾ آئين ۾ ترميم ڪري قانون جي حڪمرانيءَ کي آئين جو حصو بڻايو ويو اڳتي هلي 2004ع ۾ انساني حقن جي ضمانت کي به آئين ۾ شامل ڪيو ويو. هڪ ماهر چيني وڪيل مسٽر لي ٻووان آئين جي انهن ٻن ترميمن کي انتهائي اهم قرار ڏيندي چوي ٿو ته انهن ترميمن جي مهربانيءَ سان چين جي ساک ۾ بهتري آئي آهي ۽ انساني حقن کي تحفظ جي ضمانت ملي آهي. سالن جي سڌارن کان پوءِ عوامي جمهوريه چين پنهنجي لاءِ هڪ جامع آئين ۽ ضابطو جوڙيو آهي، جنهن ۾ 231 اهڙا قانون آئين جو حصو بڻايا ويا آهن، جن جو سڌو سنئون تعلق عام شهرين سان آهي. انهيءَ جو سبب هيءَ هو ته چين جي قيادت پنهنجي عوام سان مخلص هئي. انهيءَ ئي ڪري هارورڊ يونيورسٽي ۾ چيني تاريخ ۽ سياست جي ماهر ايلزبيٿ پيري کي اهو لکڻو پيو ته 'انقلاب جي شروعات ۾ جڏهن 1921ع ۾ سي سي پي جو بنياد پيو، تڏهن چيئرمين مائو هڪ نوجوان دانشور هو، جيڪو پنهنجي ملڪ کي مضبوط ڪرڻ جا طريقا ڳولي رهيو هو.' اڳتي هو چوي ٿو ته چيئرمين مائو 'غريبن ۽ اميرن، شهرين ۽ ڳوٺاڻن، مردن ۽ عورتن وچ ۾ اڻ برابريءَ جي باري ۾ شديد فڪرمند رهندو هو ۽ هن چين جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي صورتحال کي پوري نيڪ نيتي سان بهتر ڪرڻ چاهيو ٿي.' آڪٽوبر 1949ع کان وٺي چين ۾ چيئرمين مائو جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حڪومت آهي، هيءَ پارٽي نه رڳو ملڪ هلائي رهي آهي پر هن چين کي هر طرح سان دنيا جي اڳيان طاقتور ملڪ پڻ بڻائي ڇڏيو آهي.

آئون عرض ڪريان ته چيئرمين مائو سياسي جدوجهد جي صحرا ۾ 22 سالن تائين دربدر ڦرندو رهيو. 1939-40ع ۾ حالتون اينرو تبديل ٿي ويون جو چيئرمين مائو کي پنهنجي سرزمين تي ڪميونسٽ اقتدار جا قدم هميشه جي لاءِ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت محسوس ٿي. هن چين ۾ پنهنجي قيادت کي قائم رکڻ جي لاءِ مختلف اُپاءَ وٺڻ شروع ڪري ڇڏيا. انهيءَ جو سڄو احوال چيئرمين مائو پنهنجي ڪتاب 'چين جو انقلاب ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽي' ۾ پوري تفصيل سان لکيو آهي، جنهن کي پارٽيءَ جا ميمبر پنهنجي لاءِ هڪ مقدس ڪتاب سمجهن ٿا. انهيءَ کان علاوه چيئرمين مائو ٻين عام ماڻهن لاءِ به 'نئين جمهوريت' جي نالي سان ڪتاب لکيو. ڏٺو وڃي ته انهن ٻنهي ڪتابن جو موضوع تقريبن هڪ ئي آهي ۽ هڪ جهڙا ئي دليل پيش ڪيا ويا آهن، ليڪن چيئرمين مائو جي نقطهءِ نظر سان چيني انقلاب به موجوده دنيا جي انهن ملڪن ۽ قومن جي انقلاب جهڙو ئي هو، جيڪي برطانيا، جرمني يا جاپاني سامراجيت جي خلاف آيا. چيئرمين مائو آڪٽوبر 1938ع ۾ مارڪسزم کي اهڙي انداز ۾ ترتيب ڏيڻ جو اعلان ڪيو ته جڻ هن جو حليو ئي چيني بڻجي ويو ۽ پوءِ نتيجتن هن مارڪسزم کي چيني مارڪسزم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان علاوه چيئرمين مائو چيني حالتن کي مدِ نظر رکي مارڪسزم کي اهڙو ترتيب ڏنو جو اهو نظام چين کي صحيح معنيٰ ۾ راس اچي ويو. 1957ع ۾ جڏهن آمريڪا چين جي پاسي ۾ پنهنجا اڏا قائم ڪيا، تڏهن چيئرمين مائو پنهنجي هڪ تقرير ۾ چيو ته 'ڇا اسان انهيءَ سان ڊڄي ويندا سين؟ هو بيشڪ ايٽم بم استعمال ڪن، جيڪڏهن 70 ڪروڙ چينين مان 40 ڪروڙ مارجي ويا، تڏهن به 30 ڪروڙ چيني پنهنجن دشمنن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪافي هوندا.' 'انهيءَ جي ٽن سالن جي اندر اندر دنيا اهو ٻڌي تعجب ۾ پئجي وئي ته چين ميزائل بردار ايٽم بم تيار ڪري ورتو آهي.' انهيءَ کان پوءِ چيئرمين مائو چوي ٿو ته 'هيءَ دنيا اسان جي دنيا آهي، هيءَ قوم اسان جي قوم آهي، هيءَ معاشرو اسان جو معاشرو آهي؛ جيڪڏهن اسان نه ڳالهائينداسين ته ٻيو ڪير ڳالهائيندو؟ جيڪڏهن اسان عمل نه ڪنداسين ته ٻيو ڪير عمل جي ميدان ۾ سندرو ٻڌي لهندو؟' اڳتي هو چوي ٿو ته 'منهنجي دل ۽ دماغ تي مارڪسزم ائين سوار ٿي چڪو آهي، جڻ ته منهنجو عقيدو هجي ۽ مارڪسزم ئي حقيقت آهي ۽ منهنجو اهو عقيدو ڪڏهن به تبديل ٿي نٿو سگهي.'

هاڻي آئون پنهنجي پڙهڻ وارن کي عرض ڪندو هلان ته اوهان صرف اينرو غور ڪريو ته ڪهڙي طرح چيئرمين مائو پنهنجي قوم جي تربيت ڪئي؟ انهيءَ جي لاءِ هن ڪتاب لکيا؟ نتيجو اڄ اسان جي اڳيان آهي. هتي آئون پنهنجي پڙهندڙن جي لاءِ هڪ مثال عرض ڪريان ٿو ته چين جي شهر تانگ شان ۾ 28 جولاءِ 1976 تي رات جو 3 لڳي 42 منٽن تي قيامت خيز زلزلو آيو هو، جنهن جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 7.6 هئي، انهيءَ زماني ۾ تانگ شان شهر جو شمار چين جي صنعتي ۽ ڪاروباري شهرن ۾ ٿيندو هو. هن زلزلي جي نتيجي ۾ پورو شهر کنڊر بڻجي چڪو هو جنهن ۾ 6 لک 55 هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا، جڏهن ته 7 لک 70 هزار ماڻهو شديد زخمي ٿيا هئا. هيءَ 20هين صديءَ جو سڀ کان وڏو نقصان هو. انهيءَ وقت چيئرمين مائو سخت بيمار هو ليڪن هُو انهيءَ حالت ۾ به تانگ شان شهر پهچي ويو. حالتن جو چيئرمين مائو خود جائزو ورتو. انهيءَ وقت پوري دنيا چين ۽ چيئرمين مائو کي امداد جي پيشڪش ڪئي، ليڪن چيئرمين مائو اهو چئي امداد وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته 'هيءَ امتحان قدرت چيني قوم کان ورتو آهي، انهيءَ جو مقابلو به چيني قوم خود ڪندي.' هاڻي غور ڪريو چيئرمين مائو جي انهن لفظن تي ته 'هيءَ امتحان قدرت چيني قوم کان ورتو آهي، انهيءَ جو مقابلو به چيني قوم خود ڪندي.' اهي صرف لفظ ئي نه آهن، بلڪ هيءَ هڪ فلسفو آهي؛ چيئرمين مائو جو ڏنل پنهنجي قوم کي جنهن ۾ چيئرمين پنهنجي قوم کي هميشه زندا رهڻ جو اصول سمجهائي ڇڏيو ته جيڪڏهن دنيا ۾ زندا قوم بڻجي رهڻ چاهيو ٿا ته پنهنجي مدد پاڻ تحت جيئڻ سکو. انهيءَ جي ڪري اڳوڻي آمريڪي صدر جان ايف ڪينيڊي کي اهو چوڻو پيو ته 'الله دنيا جي هر انسان کي هٿ ڏنا آهن، ليڪن هن هٿن جو استعمال صرف چينين کي سيکاريو آهي.' اوهان غور ڪريو، انهيءَ چين جي ترقيءَ جي پويان ڪنهن جو هٿ آهي؟ ڇو ته انسان اسان به آهيون، انسان چين ۾ رهڻ واري مخلوق به آهي پوءِ فرق ڇو؟ اهو فرق ڇو جو چند مثالون آئون هتي عرض ڪندو هلان. 10 هزار ڪلوميٽر هاءِ اسپيڊ ٽرين جي منصوبي کي عملي جامعو پهرائڻ وارو (liuzhijun) 1996ع کان 2011ع تائين وفاقي وزير رهيو. ان ڪانپوءِ اچانڪ هاءِ اسپيڊ ٽرين کي حادثو پيش آيو. انهيءَ حادثي ۾ 40 ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا. پوءِ ان حادثي جي انڪوائري شروع ٿي، انهيءَ انڪوائري ۾ هن وفاقي وزير کي به شامل ڪيو ويو ۽ پوءِ عدالت انهيءَ وفاقي وزير کي ڪرپشن الزام ۾ 10 سال قيد جي سزا ٻڌائي. بي بي سيءَ جي هڪ رپورٽ مطابق 2013ع کان ٽن سالن جي عرصي ۾ 10 لک سرڪاري آفيسرن کي سزائون ڏنيون ويون آهن.

2002ع ۾ چين جي سڀ کان وڏي شهر شنگهائي جي ميئر ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل chenliang yu، جنهن کي دنيا جو طاقتور ترين ماڻهو سمجهيو ويو ٿي. انهيءَ کي شنگهائي سوشل سڪيورٽيءَ جي فنڊن جي غلط استعمال تي نه صرف ميئرشپ تان لاٿو ويو، بلڪ هن کي 18 سال قيد جي سزا پڻ ٻڌائي وئي. اهڙي طرح 2009ع ۽ 2014ع جي دوران ٽاپ آفيسر wang کي به ڪرپشن جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو. اهڙا ڪيترائي مثال آهن ايستائين جو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي عهديدارن ۽ پولٽ بيورو جي ممبرن کان علاوه ڪئين بااثر ترين ماڻهو به قانون کان بچي نه سگهيا. ايستائين جو چيني سپريم ڪورٽ جي سينيئر ترين جج کي نه صرف ڪرپشن ثابت ٿيڻ تي گرفتار ڪيو ويو، بلڪ هن جي سموري ملڪيت پڻ ضبط ڪئي وئي. اهڙي طرح HEBI ۾ مائنز حادثي ۾ فوت ٿيڻ وارن مزدورن جي رشوت وٺي خبر نه شايع ڪرڻ تي 9 صحافين کي گرفتار ڪيو ويو. اهي چند مثال مون صرف اوهان کي سمجهائڻ جي لاءِ ڏنا آهن. انهيءَ ڪانپوءِ ڇا اوهان سمجهو ٿا ته چين جي ترقيءَ جو راز ڪرپشن جو خاتمو، قانون جي حڪمراني، تعليمي ۽ سائنسي انقلاب آهي؟ انهن سڀني ڳالهين باوجود منهنجو سوال پنهنجي جاءِ تي باقي آهي ته 'ڇا اوهان سمجهو ٿا ته چين جي ترقيءَ جو راز ڪرپشن جو خاتمو، قانون جي حڪمراني، تعليمي ۽ سائنسي انقلاب آهي؟' منهنجا پڙهندڙ نوجوانو منهنجو جواب آهي 'نه.' آئون سمجهان ٿو چين جي ترقيءَ جو راز چيئرمين مائو آهي؛ جنهن پنهنجي نظرئي کي اهڙي خلوص، نيڪ نيتيءَ سان چين جي ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ داخل ڪيو جو پوءِ هو (چيني عوام) صرف ۽ صرف چين کي ئي پنهنجو محبوب سمجهي هن سان عشق ڪرڻ لڳا. ياد رکو اها چيئرمين مائو جي ئي قيادت هئي؛ جنهن تانگ شان شهر ۾ 6 لک 55 هزار لاشو کڻڻ ڪانپوءِ به دنيا طرفان امداد جي آڇ کي ٺڏي ڇڏيو. تاريخ گواهه آهي ته خيرات يا امداد تي پلجڻ واري قوم جو ڪوبه مستقبل ناهي هوندو ليڪن مايوس نه ٿيو. ونسٽن چرچل چوي ٿو ته 'ڪاميابي آخري منزل نه آهي ۽ نه ئي ناڪامي آخري مايوسي، حقيقت ۾ همٿ جو قائم رهڻ ئي سڀ کان وڏي ڪاميابي آهي.' چيئرمين مائو پنهنجي نظرئي کي هر هڪ چيني تائين ائين پهچايو جو چين جي هر ايندڙ نسل جو هر ماڻهو پاڻ کي چيئرمين مائو سمجهڻ لڳو. آئون سوچان ٿو ته اڃا اسان جي ايندڙ نسل کي پاڻ وٽ اچڻ واري انهيءَ چيئرمين مائو جو انتظار ڪرڻو پوندو، جيڪو پنهنجو هڪڙو پٽ پنهنجي قوم جي ٻچن مٿان قربان ڪري اهو درس ڏئي ته ليڊر، رهنما، رهبر اهو هوندو آهي، جيڪو پنهنجي ڏنل نظرئي تي قوم جي ٻچن کان پهرين پنهنجا ٻچا قربان ڪري. منهنجا نوجوانو آئون سمجهان ٿو ته اهڙو جگر چيئرمين مائو ئي رکي سگهي ٿو!

اولاد سڀني والدين کي پياري هوندي آهي!

ايڊووڪيٽ الاهي بخش انيل پٺي

قدرت جي طرفان انسان جي جوڙجڪ ايئن نهيل آهي جو جڏهن هڪ ٻار ڪنهن گهر ۾ پيدا ٿئي ٿو ته ان جي هر هڪ ننڍي وڏي شين جو ان جي شخصيت تي تمام گهڻو ۽ گهرو اثر ٿئي ٿو. يعني ان جي گهر جو ماحول ڪيئن آهي؟ گهر ڪهڙي طريقي جو نهيل آهي، هوادار آهي يا بند آهي. اگر ڪيترو وڏو اٿس، ٻار ڪيتري پيچ ڏِک ڪري سگهي ٿو. ان سان گڏ پاڻ پينر ڪيترا اٿس. سندس والدين تعليم يافته ڪيترا اٿس؟ ايئن والدين جو ذريعا معاش ڇا آهي؟ کير مکڻ سان گڏ پروٽين ڪيترو پرووائيڊ ٿا ڪن ۽ ٻار جي پرورش تي ڪيترو ڌيان ٿا ڏين يا ٻار کي آزاد ڇڏي ڏنو اٿن ته جيئن وڻئي تيئن وڃي ڪر. هاڻي پاڻ وري ان جي گهر کان ٻاهران واري ماحول کي جاچينداسين ته ڪيئن آهي؟ سندس ارد گرد جو ماحول ڳوٺ وارو آهي يا شهر وارو آهي مٽ، مائٽ ڪيئن آهن؟ پڙهڻ لکڻ وارا آهن يا اڻ پڙهيل آهن. وري جڏهن ٻار اسڪول وڃي ٿو ته اتي ڪيس دوست ڪهڙا ٿا ملن. انهن ۾ هم خيال، مزاج ڪيترا اٿس؟ ايئن مختلف مزاجن وارا ڪيترا اٿس. اها وري هڪ وڏي قسمت واري ڳالهه هوندي آهي ته دوست ڪهڙا ٿا ملن. ڇو ته منهنجي حساب سان قدرتي طور تي انسان ايئن نهيل آهي جو ان کي زندگيءَ ۾ هر شيءِ ميسر ناهي هوندي. ان جي ڪري تمام گهٽ ٻار زندگيءَ ۾ ڪامياب ۽ مڪمل انسان بڻجندا آهن. ڇو ته اگر هو جسماني طور پنهنجي وقت تي جوان ٿي به ويو، تڏهن به ذهني طور تي ميچوئر نه ٿيندو ۽ زندگيءَ جون هيٺاهيون مٿاهيون برابر نه ڪري سگهندو. جيڪڏهن ننڍپڻ کان وٺي هن صرف اس به پوري نه ڪاڏي هوندي ته تڏهن به هو ڪٿي نه ڪٿي اها شيءِ ضرور لڪائيندو. ڇو ته هڪ انسان جسماني طور ته ارڙهن سالن ۾ جوان ٿئي ٿو پر ذهني طور تي ٽيهن سالن کان پوءِ وڃي ميچوئر ٿئي ٿو. ان جي ڪري ايئن تمام گهٽ ٿيندو آهي ته هڪ ارڙهن سالن جو ٻار ذهني طور تي ميچوئر به هجي. ان جي ڪري هزارين نوجوان ڪاميابيءَ جي منزل جا خواب ڪٿي نڪرندا آهن. پر منزل تي ڪوئي ڪوئي پهچندو آهي. سو انسان جي بناوت اڃان هڪ ڳجهارت آهي، جيڪا اڃان تائين سمجهہ کان ٻاهر آهي. وڌندڙ ترقيءَ جي رفتار روز نيون نيون ايجادون پيون ٿين پر قدرت واري جو نظام هڪ ڳجهو ۽ لاجواب آهي.

بجيٽ ۾ عوام کي ڇا ملندو؟

محمد هاشم ملاح

هر سال جڏهن نئين مالي سال جي بجيٽ ويجهو ايندي آهي ته عوام جون نظرون حڪومتن ڏانهن هونديون آهن ماڻهو انتظار ڪندا آهن ته هن ڀيري کين ڪهڙو رليف ملندو؟ ڇا مهانگائي گهٽ ٿيندي؟ ڇا روزگار جا موقعا وڌندا؟ ڇا بجلي، گيس ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي ٿيندي؟ هن وقت تائين سنڌ ۽ وفاقي حڪومت مالي سال 2026-27ع جي بجيٽ پيش ناهي ڪئي پر عوام جون اميدون، خدشا ۽ ضرورتون اڳ ئي سامهون اچي چڪيون آهن ملڪ جي معاشي صورتحال وڌندڙ قرض، مهانگائي بيروزگاري ۽ عالمي معاشي دٻاءَ سميت موجوده عالمي توڙي سياسي بحران واري صورتحال ڇانيل آهي جيڪا هن بجيٽ کي عام بجيٽن کان وڌيڪ اهم بڻائي ٿي ملڪي معاشي صورتحال گذريل ڪجهه سالن کان دٻاءَ هيٺ آهي هڪ طرف حڪومتن کي قرضن جي ادائيگي ترقياتي خرچن ۽ انتظامي معاملن کي هلائڻو پوي ٿو ته ٻئي طرف عوام جي وڌندڙ ضرورتن کي به نظر ۾ رکڻو پوي ٿو عام ماڻهوءَ لاءِ بجيٽ رڳو انگن اکرن جي راند ناهي هوندي پر اها سندس زندگي خرچ، آمدني ۽ مستقبل سان سڌو سنئون ڳنڍيل هوندي آهي

هن وقت ملڪ ۾ سڀ کان وڏو مسئلو مهانگائي آهي ڪاڌي پيتي جي شين کان وٺي بجلي، گيس، ٽرانسپورٽ ۽ علاج تائين هر شيءِ مهانگي ٿي رهي آهي هڪ عام مزدور، سرڪاري ملازم، ننڍو واپاري يا هاري پنهنجي خرچن کي سنڀالڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن بجيٽ عوام دوست نه ٿي ته معاشي دٻاءُ وڌيڪ وڌي سگهي ٿو عام ماڻهوءَ جي خواهش آهي ته حڪومت مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ واضح قدم کڻي ضروري شين تي ٽيڪسن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اهڙو نظام ناهيو وڃي جنهن سان روزمره استعمال جون شيون سستيون ٿي سگهن صرف بيانن سان مارڪيٽون ڪنٽرول نٿيون ٿين ان لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرز لاءِ به بجيٽ وڏي اهميت رکي ٿي گذريل ڪجهه سالن ۾ مهانگائي جي رفتار پگهارن جي واڌ کان گهڻي تيز رهي آهي جيڪڏهن پگهارن ۾ واڌ نه ٿي يا محدود واڌ ٿي ته ملازمن لاءِ گهر هلائڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي سگهي ٿو ان ڪري حڪومت کي گهٽ پگهار وارن ملازمن رٽائرڊ ماڻهن ۽ پينشنرز لاءِ خاص رليف ڏيڻ گهرجي ميڊيڪل الائونس، هائوس رينٽ ۽ ٻين سهولتن ۾ بهتري وقت جي ضرورت بڻجي چڪي آهي بيروزگاري به هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي هر سال هزارين نوجوان ڊگريون وٺي نڪرندا آهن پر کين مناسب نوڪريون نٿيون ملن نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ بجيٽ جو اهم حصو هجڻ گهرجي حڪومت جيڪڏهن صنعت، ننڍن ڪاروبارن ۽ ٽيڪنيڪل شعبي کي سهارو ڏئي ته نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. نوجوانن لاءِ انٽرن شپ پروگرام، آسان قرض ۽ ڪاروباري سهولتون روزگار وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون

تعليم جو شعبو به مسلسل ڌيان جو گهرجائو آهي ڪيترائي سرڪاري اسڪول ۽ ڪاليج بنيادي سهولتن کان محروم آهن استادن جون خالي جايون، خراب عمارتون ۽ وسيلن جي کوٽ تعليمي معيار کي متاثر ڪري رهي آهي جيڪڏهن بجيٽ ۾ تعليم لاءِ وڌيڪ فنڊ رکيا وڃن نوان استاد ڀرتي ڪيا وڃن ۽ جديد تعليم تي ڌيان ڏنو وڃي ته اهو ڊگهي مدي ۾ ملڪ لاءِ فائدي وارو ثابت ٿيندو صحت جو شعبو به عوام لاءِ وڏو مسئلو آهي سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ، ڊاڪٽرن جي گهٽتائي ۽ سهولتن جي محدود هجڻ سبب ماڻهو مهانگو ۽ خانگي علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن حڪومت کي صحت لاءِ بجيٽ ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي جيئن عام ماڻهوءَ کي سستو ۽ بهتر علاج ملي سگهي سنڌ جي معيشت جو وڏو حصو زراعت سان لاڳاپيل آهي. ننڍن ڪري هارين لاءِ به خاص قدم کڻڻ ضروري آهن ڀاڻ، ٻج، زرعي دوائن ۽ پاڻيءَ جي مسئلن سبب هاري مسلسل دٻاءَ ۾ آهن جيڪڏهن هاري ڪمزور ٿيندو ته زرعي پيداوار متاثر ٿيندي، جنهن جا اثر ملڪي معيشت تي پوندا حڪومت کي زرعي قرض آسان ڪرڻ، زرعي اوزار سستا ڪرڻ ۽ فصلن جي مناسب قيمتن کي يقيني بڻائڻو پوندو بجلي ۽ گيس جا وڌندڙ بل به عوام لاءِ وڏو مسئلو بڻيل آهن ڪيترائي ماڻهو پنهنجي ڪمائيءَ جو تمام گهڻو حصو انهن بلن تي خرچ ڪري رهيا آهن حڪومت جيڪڏهن ننڍن واپارين لاءِ آسان قرض، گهٽ ٽيڪس ۽ سهولتون ڏئي ته ڪاروباري سرگرميون وڌي سگهن ٿيون. ٽيڪس نظام به اهم موضوع آهي عام ماڻهوءَ جو خيال آهي ته ٽيڪسن جو بار غريب عوام تي پوي ٿو جڏهن ته ڪيترائي ادارا ٽيڪس نيٽ کان ٻاهر آهن حڪومت کي اهڙو نظام آڻڻ گهرجي جنهن ۾ ٽيڪس جو بار منصفاڻو هجي ٽيڪس نيٽ وڌي ۽ ايمانداريءَ سان ٽيڪس ڏيندڙن کي سهولت ملي

سنڌ حڪومت لاءِ به ڪيترائي چئلينج آهن پاڻيءَ جي شديد کوٽ، شهري مسئلا، صحت، تعليم ۽ انفراسٽرڪچر جا سوال اڃا حل طلب آهن ڪراچيءَ کان وٺي ڪشمور تائين سنڌ جي مختلف علائقن ۾ عوام لاءِ ڪي به بنيادي سهولتون موجود نه آهن بجيٽ جي مرحلي دوران ان تي پڻ نظر رکڻ گهرجي وفاقي حڪومت لاءِ به صورتحال آسان ناهي قرضن جي ادائيگي عالمي مالياتي ادارن جون شرطون، درآمدات ۽ برآمدات جو فرق ۽ معاشي واڌ جي سست رفتار اهڙا عنصر آهن جيڪي بجيٽ ٺاهڻ کي پيچيده بڻائين ٿا پر ان باوجود عوام چاهي ٿو ته معاشي پاليسين جو بار غريب ۽ وچولي طبقي تي گهٽ وڌو وڃي ماڻهو اهو به نٿا چاهين ته بجيٽ ۾ نوان ٽيڪس، پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ يا بجلي تي اضافي بار وڌايو وڃي جيڪڏهن اهڙا قدم کنيا ويا ته عوامي ردعمل به اچي سگهي ٿو عورتن، نوجوانن ۽ هارين کي معاشي پاليسين جو مرڪز بڻائڻ ضروري آهي جيڪڏهن انهن ٽن طبقن کي موقعا مليا ته معيشت ۾ حقيقي تبديلي اچي سگهي ٿي خاص طور تي نوجوانن کي جديد مهارتن، ٽيڪنالاجي ۽ ڪاروباري موقعن سان ڳنڍڻ وقت جي ضرورت آهي

هر بجيٽ کان اڳ وڏا اعلان ٿيندا آهن پر اصل سوال عملدرآمد جو هوندو آهي عوام رڳو تقريرون يا دعوائون نٿو چاهي پر عملي تبديلي چاهي ٿو جيڪڏهن بجيٽ عوامي ضرورتن مطابق ٺهي شفافيت هجي ۽ پاليسين تي سنجيدگي سان عمل ٿئي ته معاشي بهتري ممڪن آهي سنڌ ۽ وفاقي حڪومت جي ايندڙ بجيٽ 2026-27ع رڳو مالي دستاويز نه هوندي پر اها حڪومتن جي ترجيحن جو امتحان هوندي جيڪڏهن ان ۾ عوامي رليف، روزگار، تعليم، صحت، زراعت ۽ صنعت کي اهميت ڏني وئي ته ان جا مثبت نتيجا نڪري سگهن ٿا پر جيڪڏهن روايتي واعدن ۽ محدود قدمن تي ئي زور رهيو ته عوام جون اميدون هيڪر مايوسيءَ ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون

هڪ ڪامياب شخص محمد مبين جُماڻي

محمد مبين جُماڻي پاڪستان جي مشهور صنعتڪار، تعميراتي ماهر، هوٽل ۽ هوٽلينگ شعبي جي سرپرست، سماجي اڳواڻ ۽ فلاحي شخصيت طور سڃاتا وڃن ٿا. هن 1974ع ۾ جُماڻي گروپ جو بنياد رکيو ۽ پنهنجي محنت، بصيرت ۽ انتظامي صلاحيتن سان ان کي ملڪ جي نمايان ڪاروباري ادارن مان هڪ بڻايو. سندن اڳواڻي ۾ جُماڻي انڊسٽريز، جُماڻي بلڊرز اينڊ ڊولپرز، هاسپيٽيلٽي ۽ ٻين ڪاروباري منصوبن وڏي ترقي حاصل ڪئي آهي محمد مبين جُماڻي تعميراتي شعبي ۾ خاص سڃاڻپ رکن ٿا، جتي سندن نگراني هيٺ ڪيترائي هاءِ رائز ۽ رهائشي منصوبا مڪمل ٿيا آهن سندن ڪاروباري گروپ پاڪستان سان گڏ ٻاهرين ملڪن ۾ به هوٽل ۽ هاسپيٽيلٽي شعبي ۾ سرگرم آهي جتي جُماڻي هاسپيٽيلٽي جي نالي سان هوٽلن ۽ رهائشي منصوبن جو انتظام ڪيو وڃي ٿو سنڌ جي ضلعي خيرپور ۾ قائم خيرپور شوگر ملز لميٽيڊ پڻ سندن اهم ڪاروباري منصوبن مان هڪ آهي جيڪا 1989ع ۾ قائم ڪئي وئي هي ادارو سنڌ جي اهم صنعتي ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ مقامي معيشت، روزگار ۽ زرعي شعبي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيو آهي سماجي ڀلائي جي شعبي ۾ به محمد مبين جُماڻي جون خدمتون انتهائي قابل تعريف آهن هن پنهنجي والد جي نالي سان 'هدايت جُماڻي ويلفيئر ٽرسٽ' قائم ڪئي، جيڪا 2009ع کان تعليم، صحت، يتيم نياڻين جي شادين غريب خاندانن جي مدد، راشن جي ورڇ، قدرتي آفتن جي متاثرن جي سهائتا ۽ ٻين فلاحي منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي محمد مبين جُماڻي کي ڪاروبار، صنعت، تعمير، هوٽل مينيجمينٽ ۽ انسانيت جي خدمت جي ميدان ۾ هڪ ڪامياب، باوقار ۽ دور انديش شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو سندن خدمتون سنڌ، پاڪستان ۽ عالمي سطح تي جُماڻي نالي کي عزت ۽ سڃاڻپ بخشڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

حاجي خان لاڪو/جام خالد سمون

(شخصيتون) ——— اڄوڪو ڏينهن ...... 06 جُون

ڪامريڊ علي محمد عباسي

ڪامريڊ علي محمد عباسي اڄوڪي ڏينهن تي 1901ع ۾ ڳوٺ وليد عباسي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. جيتوڻيڪ پاڻ هڪ وڏو زميندار هو پر هميشه هارين جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيائين. هو هاري حقدار ڪميٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هو. هن وارهه تعلقي ۾ پنهنجي ڪجهه زمين هارين کي مفت ۾ ورهائي ڏني. هو هڪ پلوڙ شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ ۾ قومي رنگ نمايان نظر اچي ٿو. هن 5 نومبر 1961ع تي وفات ڪئي.

سيد قائم علي شاهه موسوي

سيد قائم علي شاهه موسوي سکر جي ميرڪي سادات جو چشم ۽ چراغ هو. سندس ولادت 6 جون 1907ع تي پراڻي سکر ۾ ميرڪ باقر علي شاهه جي گهر ۾ ٿي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي جم واري شهر پراڻي سکر مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين جڏهن ته انٽر جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ جي آبپاشيءَ واري کاتي ۾ ڪئنال اسسٽنٽ طور ڪئي ان بعد آڊيٽر مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي آبپاشي، جيل، روينيو ۽ پبلڪ ورڪس وارن کاتن جي آڊٽ ڪندو هو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان جي پهرين فضائي ڪمپني ڪريسينٽ ايئر لائنز ۾ اڪائونٽنٽ مقرر ٿيو ان کان پوءِ پاڪستان انڊسٽريل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ۾ آڊيٽر طور ڪم ڪيائين. هن مختلف اسلامي موضوعن تي لڳ ڀڳ 11 ڪتاب لکيا. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا اسلامي ۽ ادبي رسالن ۾ شايع ٿيا. هن کي قرآن شريف ۽ حديث جي علمن تي عبور حاصل هو. پاڻ ڪجهه وقت لاهور جي بائيبل هائوس جو انچارج پڻ رهيو. سيد قائم علي شاهه موسويءَ 7 فيبروري 1965ع تي رحلت ڪئي

قمر ميمڻ

اڄ ريڊيو، ٽي وي ۽ فلمن جي مشهور صداڪار ۽ اداڪار قمر ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي

هن ٽليوارو اداڪار 6 جون 1943ع تي حيدرآباد ۾ اکيون کوليون. سندس پورو نالو قمرالدين ولد عبدالقيوم ميمڻ هو. هن ابتدائي تعليم قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان گريجوئيشن ڪيائين هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سوين ڊرامن ۽ گيتن پرين ڪهاڻين ۾ ڪم ڪيو 1970ع ڌاري عبدالڪريم بلوچ کيس ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو ۽ ٽي ويءَ جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيائين هن لڳ ڀڳ اڌ درجن سنڌي فلمن ۾ به ڪم ڪيو جن ۾ گونگهٽ لاهه ڪنوار، ليلي، حاضر سائين پلاند ۽ سهڻا سائين شامل آهن هن نجي ٽيليويزن چئنلن تان ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. تاريخ 24 سيپٽمبر 2022ع تي دم ڏئيءَ جي حوالي ڪيائين

هدايت بلوچ

اڄ مشهور شاعر، ڪالم نويس ۽ ليکڪ هدايت بلوچ جي جنم جو ڏينهن آهي



هن پلوڙ شاعر جو جنم 6 جون 1948ع تي خيرپورميرس ۾ ٿيو سندس والد غلام نبي اداسي پنهنجي دور جو هڪ ٽليوارو شاعر هو ۽ سندس ڀاءُ عنايت بلوچ سنڌ جو مشهور براڊڪاسٽر ۽ اديب آهي هدايت بلوچ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون هن ڪراچي شپ يارڊ ۽ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين ۾ اهم عهدن تي ڪم ڪيو هن جي شاعري سنڌ جي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي هو ستر ۽ اسيءَ وارن ڏهاڪن ۾ اڀرندڙ جديد شاعرن مان هڪ روشن ستارو آهي شاعريءَ کان علاوه هن مختلف اخبارن لاءِ ڪالم به لکيا. سندس ٻه ڪتاب "سارو ڏيهه ڏڪارو" (شاعري) ۽ "يادگيرين جا البم" (نثر) ڇپجي چڪا آهن بلوچ صاحب کي جنم ڏينهن جون واڌايون هجن

قاضي شوڪت علي قريشي

اڄ هالا پراڻا جي مشهور شخصيت قاضي شوڪت علي قريشيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي قاضي صاحب جو جنم 6 جون 1953ع تي هالا پراڻا ۾ قاضي غلام محمد قريشيءَ جي اڱڻ تي ٿيو مئٽرڪ تائين هالا پراڻا ۾ تعليم حاصل ڪيائين ان بعد هالا نوان ۾ پڙهيو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم بي اي جي سند حاصل ڪيائين کيس مذهب، اسلامي احڪامن ۽ تاريخ تي عبور حاصل هو سندس ٻه ڪتاب "دنيا جي حقيقت جلد پهريون"، "دنيا جي حقيقت جلد ٻيو" ۽ "چونڊ ملفوظات حضرت مخدوم نوح رحه" ڇپجي چڪا آهن پاڻ هالا جي مفصل تاريخ تي به ڪم ڪيو افسوس سندس حياتيءَ وفا نه ڪئي ۽ اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو

سرور سيف

هن مشهور ليکڪ جو جنم 6 جون 1953ع تي ڳوٺ نورلجا، تعلقي پنو عاقل ۾ 6 جون 1953ع تي ٿيو هن ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايم اي (سنڌي) جي سند شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي هن پرائمري استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ان بعد جونيئر اسڪول ٽيچر ۽ هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو اڳتي هلي ڪاليج جو ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ اسسٽنٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو



ادبي دنيا ۾ ننڍي هوندي ئي پير پاتائين اڃا اٺين ڪلاس جو شاگرد هو، جڏهن سندس پهرين ڪهاڻي "انقلابي پيٽ" ڇپجي پڌري ٿي هن جي لکيل ڪتابن ۾ "ڪير جهڙي ڪاري"، "دنيا جا هاري انقلاب"، "جي مون ماڻڪ ميڙيا"، "مهراڻ جاڻ جي ڪاڻ"، "شاهه لطيف جو مطالعو"، "تاريخ سنڌ"، "مفڪرن جا سياسي نظريا" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

محمد قاسم راهمون

اڄ لوڪ ادب ۽ شاهه جي شاعريءَ جي پارکوءَ محمد قاسم راهمونءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 6 جون 1961ع تي چاچڙي تعلقي جي ڳوٺ ساڪريءَ ۾ ڄائو مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو 1980ع کان لکڻ شروع ڪيائين هو هڪ بهترين لوڪ شاعر ۽ نثر نويس آهي شاعريءَ ۾ سندس استاد سگهڙ محمد صادق ٿهيم آهي هن مختلف موضوعن تي 15 ڪتاب لکيا آهن

ميان گل منير ولهاري

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار، شاعر، سماج سڌارڪ ميان گل منير ولهاريءَ جي جنم جو ڏينهن

آهي هن ماڻائتي ساهتڪار 6 جون 1966ع تي عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ ميان پير محمد ولهاريءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٻوري ناري مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون گل منير ولهاريءَ جي ادبي پورهئي ۾ شاعريءَ سان گڏ ڪهاڻين ۽ ترجما شامل آهن هو ڪيترين ئي ادبي، سماجي ۽ تعليمي تنظيمن سان سهڪاري رهيو آهي انهن ۾ رورل ايريا ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن، ٻانهن ٻيلي ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن پاڻ ڪنيڙي شريف جي ينگ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو صدر پڻ رهيو آهي هن ولهاري اسڪول سسٽم جو بنياد رکيو ۽ عمرڪوٽ ۾ ليبرس پبلڪ اسڪول قائم ڪيو

شهناز پٺي

ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي هن مشهور اداڪاره جو جنم 6 جون 1968ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ننڍي هوندي


مختيار انڙ

کان ڪيائين اڃا ٻارهن سالن جي ٻارڙي هئي، جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڊرامي "بلو کوکر" ۾ صداڪاري ڪيائين. کيس ريڊيو تي اسماعيل بن واصف متعارف ڪرايو. پاڪستان ٽيليويزن تي هن کي عبدالڪريم بلوچ متعارف ڪرايو. پاڪستان ٽيليويزن تي سندس پهريون ڊرامون "لکيو منجهه نراڙ" هو جيڪو محمد بخش سميجي پيش ڪيو هو. 2006ع ۾ کيس پي ٽي وي ايوارڊ مليو هن ڪجهه سنڌي فلمن ۾ به ڪم ڪيو آهي، جن ۾ جلال چانڊيو پرو چانڊيو، شهيد، جيئي لطيف ۽ ٻيون فلمون شامل آهن

خيال ڪتري

اڄ ٽليواري شاعر ۽ ليکڪ خيال ڪتريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي

هن جي ڇٽيءَ جو نالو بشير احمد آهي ۽ هن 6 جون 1970ع تي محمد حافظ ڪتريءَ جي گهر ٽنڊي محمد خان ۾ اک کولي هن بي ايس سي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون آهن ۽ 1988ع کان لکي رهيو آهي سندس لکڻيون اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجنديون رهيون آهن هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ذڪر پاڪ شاهه لولاڪ"، "حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه"، "حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه"، "موليٰ علي ڪرم الله وجه سوال جواب"، "پره ڦٽيءَ جا پنڌ"، "ساراهه سچي سرور جي" (شاعري)، "سرهاڻ مديني جي" (شاعري)، "تاجدار ختم نبوت" ۽ "پيارا پرور جا" (شاعري) شامل آهن هو رسالي "احد احمد پاڻ" جو ايڊيٽر پڻ آهي عملي زندگيءَ ۾ هو پرائمري استاد آهي

امر خورشيد

هن مشهور ليکڪ جو جنم 6 جون 1977ع تي ميرپوربٺوري ضلعي سجاول ويجهو ڳوٺ پير آف تلو مڪان ۾ ٿيو هن جو والد عليءَ ڏنو شاهه عرف علڻ شاهه بخاري پنهنجي تر جو مشهور شاعر هو هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم سجاول مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي ايس سي جي سند حاصل ڪئي 2000ع ۾ سندس شادي ناميارو ليکڪ ۽ ريڊيو ڪمپيئر ماڪن شاهه رضويءَ سان ٿي هن پنهنجي والد کان متاثر ٿي لکڻ شروع ڪيو هن 1995ع ڌاري ريڊيو لاءِ لکڻ شروع ڪيو ۽



پوءِ سندس لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيون هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر غزل سندس پسنديده صنف آهي سندس ڪتاب "آئون ڪو جاڳان پنڌ ڪيچ جو" 2019ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هن جي شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن ڳائي آهي جن ۾ اهڙنو جوڻيجو، سوڀو جوڳي، فياض سومرو ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن

اسحاق راهي

اڄ مشهور شاعر اسحاق راهيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي

هو 9 اپريل 1935ع تي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو سندس پورو نالو محمد اسحاق ولد محمد صالح سومرو هو مئٽرڪ تائين تعليم ميهڙ مان حاصل ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو بعد ۾ زراعت کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ فيلڊ اسسٽنٽ طور رٽائر ڪيائين 1956ع ڌاري ادبي ميدان ۾ پير پاتائين هن جي شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي ۽ ريڊيو تي به سندس ڪلام رڪارڊ ٿيل آهن سندس ڪتابن ۾ "تون مان نه هونداسين"، "گلدستو"، "مجموعه غزل" ۽ "رباعيات راهي" شامل آهن هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان به لاڳاپيل رهيو ۽ ميهڙ ۾ سرمد پبليڪيشن جي نالي سان هڪ اشاعتي ادارو به کوليو هئائين هن 6 جون 1994ع تي وفات ڪئي

اياز جتوئي

اڄ مشهور شاعر اياز جتوئيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي

هن پلوڙ شاعر 4 آڪٽوبر 1967ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ خيرمحمد آريجا ۾ اکيون کوليون سندس اصل نالو اياز حسين ولد قربان علي ميمڻ هو هن مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ٽريٽيو گورنمينٽ هاءِ اسڪول نئون ديرو ۽ ڊگري ڪاليج رتي ديري مان پاس ڪيا. ايم اي جي سند شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات ٽيليفون آپريٽر طور ڪئي پر پوءِ تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو هن 1980ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو سندس شاعريءَ جو مجموعو "دراڙ دل جي تنهائي" ڇپجي چڪو آهي هو ماهوار "سارس"، "لهرون" ۽ "همرجو" جو ايڊيٽر پڻ رهيو هن 6 جون 2016ع تي وفات ڪئي. اياز جتوئي يادگار ڪاميٽيءَ پاران سندس ياد ۾ "دراڙ دل جي موڪلائي" نالي ڪتاب ڇپرايو ويو آهي

روزاني عبرت

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 65 سال 2026

مسمات تهمينه ڏيءِ وزير احمد چانڊيو وينل مير محمد چانڊيو تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو...پلينٽف .بخلاف .. عبدالحميد ولد گل محمد چانڊيو وينل حسين آباد ڪالوني ويجهو بشير احمد شاهه پيٽرول پمپ تعلقو ضلعو دادو..ڊفينڊنٽس

.نالي معتبين ڊفينڊنٽس کي:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف پنهنجي ٻارن جي خرچ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 02 سال 2026

مسمات مومل ڏيءِ غلام شبير ملاح وينل ڳوٺ رحيم ڪنڊيجڪي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو...پلينٽف .بخلاف .. عبدالغفار ولد عبدالعزيز ملاح وينل ڳوٺ رحيم ڪنڊيجڪي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو..ڊفينڊنٽس

.نالي معتبين ڊفينڊنٽس کي:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 53 سال 2026

مسمات شفاعت خاتون ڏيءِ محمد سليمان زال اسدالله ذات لغاري وينل ڳوٺ جمال خان لغاري تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو...پلينٽف .بخلاف .. اسدالله ولد منظور احمد لغاري وينل ڳوٺ جمال خان لغاري تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو..ڊفينڊنٽس

.نالي معتبين ڊفينڊنٽس کي:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف پنهنجي خرچ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن درخواست نمبر 25 سال 2026

مسمات شهلا بيواهه شڪيل احمد ميمڻ رهاڪو ميمڻ محلو هالا اولڊ ضلعو مٽياري حال رهاڪو پير پٺي لنڪ ڪالوني نزد منير ارباب بنگلو تعلقو هالا ضلعو مٽياري ...ايپليڪينٽ .بخلاف .. (1) نواز احمد ولد نور محمد ميمڻ (2) مسمات شيرين زال نواز احمد (3) بيبي شاهزمين ڏيءِ شڪيل احمد ميمڻ (عمر 14 سال) (4) بيبي شازما ڏيءِ شڪيل احمد ميمڻ (عمر 14 سال) (5) بيبي عنيبا ڏيءِ شڪيل احمد ميمڻ (عمر 09 سال) اپونٽس نمبر 3 کان 5 مائنر معرفت ماءُ مسمات شهلا (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپونٽس

.نالي معتبين اپونٽس کي:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي فوتي شڪيل احمد ولد نواز احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4130140426077 وفات جي تاريخ 20-10-2025 جي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي جنهن ۾ خوشحالي مائيڪرو فنانس برانچ هالا جي اڪائونٽ نمبر PK09KHBL0000012078813175 رقم -/1324025 روپيا ۽ سونهري بينڪ برانچ واڌو واهه روڊ قاسم آباد حيدرآباد اڪائونٽ نمبر PK02 80NE 0507 7300 0094 6369 رقم -/141673 تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

عام اطلاع

هرعام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي هدايت الله ولد قاضي نظير احمد رهاڪو گهرنمبر 16 بلاڪ D يونٽ نمبر 5 لطيف آباد حيدرآباد جئين ته هڪ عدد گهر نمبر 37 بلاڪ سي واقع سير فضل ٽائون ايراضي 1125 اسڪوائر فوٽ جيڪو شمشاد علي جي نالي تي آهي سندس وارثن هر هڪ نالي (1) آصف ولد شمشاد علي (2) ڪاشف ولد شمشاد (3) شازيه زال تاج محمد ڏيءِ شمشاد کان خريد ڪري رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ان بابت ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن آشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض هيٺ ڏنل نمبر تي درج ڪرائي معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ رجسٽري جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

هدايت الله ولد قاضي نظير احمد
شناختي ڪارڊ نمبر 4320373265703
موبائل نمبر 03333107004

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿي ڏجي ته درخواست گذار نالي رسول بخش ولد محمد بخش درخواست ڏني آهي ته فوتي نالي اميربخش ولد محمد بخش جيڪو بتاريخ24/03/2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي لاءِ هيٺين ٻن معززين نالي (1)حضور بخش ولد سونهارو خان (2) سائين بخش ولد ڪريم بخش ديهه پوروچو ميرواهه زرعي زمين 11.32 پارٽ ايڪڙ ايڪڙ بتيهه گهٽتاجا بيان قلم بند ورتا آهن ان موجب هيٺ ڏيکاريل جائز حقيقي وارث ڇڏيا آهن انهي سلسلي ۾ اگر ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض وغيره هجي ته اسان جي صحيح مهر ٿيڻ کانپوءِ ستن 7 ڏينهن جي اندر اسانجي آفيس ۾ ثبوتن ساڻ پيش ٿيڻو پوندو ٻي صورت ۾ هڪ طرفو فيصلو ڪيو ويندو. حقيقي حيات وارث (1)مسمات شيرين ڌي اميربخش، فوتي جي ڌيءِ (2) انيلا ڌي امير بخش، فوتي جي ڌيءِ (3) رحيم بخش ولد محمد بخش، فوتي جو ڀاءُ (4) رسول بخش، فوتي جو ڀاءُ (5) مسمات پاڳي، ڌيءِ محمد بخش فوتي جي ڀيڻ (6)الهجائي ڌيءِ محمد بخش، فوتي جي ڀيڻ (7) ڏيلان ڌيءِ محمد بخش، فوتي جي ڀيڻ

مختيارڪار تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي جاويد ولد محمد حيات رهاڪو ڳوٺ بچل لاشاري ٽيبل تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد حيات ولد خير محمد تاريخ18-06-2020 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 66/2, 70/1,2, 62/3,4 ۽ ٻيا ايراضي 13-39 ايڪڙ ديهه ٽهيم تپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) علي اڪبر (پٽ) (2) جاويد (پٽ) (3) اسد علي (پٽ) (4) ارشاد (ڌي) (5) رخسانه (ڌي) (6) مسمات حاجو (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محمد اسلم پٽ عبدالهادي ڌوٽ رهاڪو ڳوٺ قاسم پيرا تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالهادي ولد محمد يوسف ڌوٽ تاريخ14-05-2019 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر /318 ,14/1to4 A1,2,B, 319/AB, ايراضي حصي موجب ديهه مولان تپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) محمد اسلم (پٽ) (2) خالد حسين (پٽ) (3) شاهد حسين ڌوٽ (پٽ) (4) زاهد حسين ڌوٽ (پٽ) (5) محمد سليم (پٽ) (6) آصف علي ڌوٽ (پٽ) (7) رشيدان (ڌي) (8) مظيم خاتون (ڌي) (9) زاهده (ڌي) (10) مسمات مرحوم آمنت (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

تصحيح

جيئن ته بروز جمع 06 جون 2026 جي اشاعت ۾ عام اطلاع مختيارڪار تعلقو لطيف آباد نالي عرضدار مسمات شگفته (بيواهه) ۾ غلطي سان وارث نالي بلال پٽ جي بدران ڌي لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري بلال (پٽ) لکيو پڙهيو وڃي

بقايا 1 مارچي ويا

- موقعي تي فورن پوليس کي ڏسي وايس پوئتي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران ڪميجا شاخ وٽ فورن پاران ڦر ڪيل ريوو گاڏي خراب ٿيڻ سبب قومي شاهراهه تي چڙهي پيرسان زرعي زمين ۾ پوکيل ووڻتن جي فصل ۾ فرار ٿيڻ جي ڪوشش دوران پوليس ۽ ڌوهارين ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ بعد مبينا مقابلي ۾ ٻه ڌوهاري مارجي ويا ، پوليس موجب مارجي ويل ڌوهارين جي سڃاڻپ سهيل لاشاري ۽ منظور عرف بابا بگٽي طور ٿي آهي اطلاع ملڻ تي ايس ايس پي مٽياري عبدالعليم ٻلو واقعي واري هنڌ پوليس جي وڏن اڏالن سان پهچي ويو ان موقعي تي ايس ايس پي مٽياري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي کان خفيا اطلاع ملڻ تي مٽياري ضلعي ۾ ناڪا بندي ڪرڻ بعد نيوسعيدآباد ۾ ڌوهاري پوليس مقابلي ۾ مارجي ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته مارجي ويل ڌوهارين ڪراچي ۽ اتر سنڌ ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي جڏهن ته هنن فورن جو تعلق بين الصوبائي گروهه جي ڌوهارين سان پڻ جڙيل هو ، مارجي ويل ڌوهارين خلاف سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڪيترائي ڦرون ڌاڙن ۽ قتل جا ڪيس داخل ٿيل آهن جڏهن ته مارجي ويل ڌوهارين جو وڌيڪ ڪرمنل رڪارڊ چيڪ ڪري رهيا آهيون ٻئي طرف ايمبولينس ذريعي مارجي ويل ڌوهارين جا لاش تعلقي اسپتال نيو سعيد آباد منتقل ڪيا ويا ـ

بقايا 2 احتجاجي مظاهرو

آهي. جتي هاڻ عورتن سان گڏ معصوم ٻارڙيون به محفوظ نه رهيون آهن روهڙي مان 4 سال اڳ ڀريا ڪماري جيڪب آباد مان 22 سال اڳ اغوا ٿيل فضيلا سرڪي اڃا تائين بازياب نه ٿيون سگهيون آهن هنن چيو ته هاڻ وري دادو مان 52 ڏينهن اڳ اجالا پروين سولنگي کي اغوا ڪيو ويو آهي. جنهن جا والدين ڪيترن ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل آهن پر اجالا پروين سولنگي کي بازياب نه ڪرايو ويو آهي. جنهن سبب سنڌن گهر ۾ اڄ به قهرام مچل آهي. هنن چيو ته اجالا کي اسڪول جي وقت اغوا ڪيو ويو هو هاڻ پوليس ڪوبه تحرڪ نه ورتو آهي هنن سنڌ حڪومت ۽ گهرو کاتي کان مطالبو ڪيو ته اجالا سولنگي کي بازياب ڪرائي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

مائي اميران ۽ ملوڪا شامل آهن ٻڌايو پيو وڃي ته گرمي سبب ٻارڙن، عورتن ۽ مردن کي الٽي دست ۽ تيز بخار سبب سٽي اسپتال توڙي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو علائقي واسين موجب سخت گرمي، گندو پاڻي ۽ غير معياري کاڌي سبب گيسٽرو جا ڪيس تيزي سان وڌي رهيا آهن، جڏهن سول اسپتال خيرپور دوائون جي کوٽ پڻ ٿي وئي مريض ٻاهران دوائون وٺڻ جي مجبور.

بقايا 4 مظاهرو

جڏهن ته ايس ٽي پي پارٽ اهڙي قدم جي واڪاڻ ڪندي اڳواڻ دلمراد ڏاهاڻي ٻه ڪارڪنن سميت ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڌرڻي جي اڳواڻن چيو ته قبائلي جهيڙي سبب علائقي جو امن تباهه ٿي چڪو اسڪول ويران ٿي ويا آهن جهيڙي جي آڙ ناحق بيگناهه ماڻهن کي گولين جو کاڄ بڻائي رت جي هولي کيڏي ٿي وڃي هنن چيو ته ضلعي اندر مختلف ذاتين جو پاڻ ۾ جهيڙو هلندڙ آهي جنهن جي خاتمي لاءِ اسين اڄ ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ محمد مراد گهانگهرو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو آهي ته جيئن اهي خوني تڪرار جلد کان ختم ٿين ۽ علائقي ۾ امن جي فضا قائم ٿي سگهي

بقايا 5 احتجاجي مظاهرو

۽ تشدد جو نشانو بڻائي رهيا آهن. مظاهرين موجب بااثر پوليس اهلڪار سجاد ملاح، سندس ڀاءُ شيراز ملاح، زوهيب ملاح، فياض ملاح، گدو ملاح، محمد علي ملاح، نويد ميمڻ، طاهر اعوان وارن سان گهر سامهون موجود هڪ ننڍڙي پلاٽ تان تڪرار هلندڙ آهي، جنهن تي مبينا طور ناجائز اثر رسوخ قائم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. مظاهرين جو چوڻ آهي ته عدالتي ۽ سرڪاري حڪمن تحت پلاٽ سرڪاري تحويل ۾ آهي ۽ ڪنهن به فرد کي ان جي استعمال يا قبضي جي اجازت ناهي، تنهن هوندي به ڪجهه ماڻهو اتي گيٽ هڻائي سندن گهر جي مکيه دروازي سامهون رستو ڪولڻ سميت مختلف حرڪتن ذريعي کين پريشان ڪري رهيا آهن. متاثر ڌر ڪيترائي ڀيرا پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون جمع ڪرائي چڪي آهي. پلي لي پوليس ٿاڻي ۾ پڻ معاملي بابت لکت ڏئي چڪي آهي، پر الزام آهي ته ان باوجود قانون جي ڀڃڪڙي ۽ هراسائي جو سلسلو جاري آهي. مظاهرين جو چوڻ آهي ته سندن والد تي حملي دوران مٿي ۾ سخت زخم آيا، جڏهن ته ٻين گهر ڀاتين سان به بدتميزي ۽ تشدد جا واقعا پيش آيا. متاثر ڌر جو وڌيڪ چوڻ آهي ته کين اغوا، چوري ۽ ٻين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن. مظاهرين اهو به ٻڌايو آهي ته مختلف واقعن جون وڊيون تصويرون ۽ ٻيا ثبوت موجود آهن، جنهن ۾ اي ايس آءِ سميت ٻين جي چٽا جن ۾ بابو جتوئي، آصف جتوئي، عاطف جتوئي ۽ ٻيا گهر ڀاتين کي زخمي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ٿاڻي تي شڪايت ڪئي وئي ته ايس ايڇ او رپورٽ داخل نه ڪئي ۽ نه ئي ميڊيڪل ليٽر نه ڏنو ويو. متاثر خاندان وزيراعليٰ سنڌ ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي غيرجانبداراڻي جاچ ڪرائي وڃي، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ خاندان کي جان ۽ مال جو تحفظ فراهم ڪيو وڃ

بقايا 6 ڪري ڇڏي

اسرائيل سان جنگ بندي کي رد ڪيون ٿا، لبنان ۽ اسرائيل وچ ۾ ڪو به معاهدو هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ شڪست مڃڻ سمجهيو ويندو. واضح رهي ته لبنان ۾ اسرائيلي هوائي حملن ۾ 8 ماڻهو شهيد ۽ 8 زخمي ٿيا

بقايا 7 جو احتجاج

گرمي جي موسم ۾ بجلي جي ڊگهن بندشن ماڻهن جي روزاني زندگي، ڪاروبار، تعليم ۽ ٻين معاملن کي شديد متاثر ڪيو آهي. انهي عوامي تڪليف کي نظر ۾ رکندي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي طرفان ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ خلاف نعريبازي ڪئي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان فوري طور بجلي جي فراهمي بهتر بڻائڻ جو مطالبو ڪيو. مظاهرين جو چوڻ هو ته عوام کي بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن لوڊشيڊنگ جو مسئلو حل نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو. عوام جو مطالبو آهي ته تنگواڻي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بجلي جي غيراعلانيه لوڊشيڊنگ جو فوري خاتمو ڪري ماڻهن کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 8 اسپتال منتقل

روائتي اطلاع تي نيوسعيدآباد پوليس ۽ شهري وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا، تعلقي اسپتال ۾ فوتي جي مڙهه جي سڃاڻپ مسڪري عرفان خان پٽ مشل خان ڪراچيءَ جي رهواسي طور ٿي، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان نيوسعيدآباد ٻاءِ پاس تي ورڪشاپ جو مسڪري هو ۽ نيوسعيدآباد ٻاءِ پاس ڪالي خان هوٽل پرسان دڪان تي ڪم ڪندو هو،ٻئي پاسي ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته فوتي آئيس جو موالي هو جنهن سبب سندس موت ٿي آهي،هوڏانهن نيوسعيدآباد پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي جي وارثن کي اطلاع لاءِ رابطي جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي وارث اسپتال پهچي سگهيا.

بقايا 9 ڪري ڇڏيو

پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي هڪ ڇٽو گرفتار ڪيس داخل نه ٿيو رپورٽ موجب فيض گنج ثاني جي حد پڪاچانگ لڳ ڳوٺ الهڏيو شر ۾ ڪارٿهن الزام لڳائي ڀاءُ علي رضا شر ساٿين سان گڏ جي پنهنجي سڳي ڀيڻ 40 ورهين جي ڇهين ٻارن جي ماءُ صغرا شر کي ڪهاڙين سان وارا ڪري بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو آهي زريعن موجب قتل ٿيل عورت تي نوجوان فوجي جابر شر سان ڪارٿهن الزام لڳايو ويو هو جنهن جو چڱن مڙسن وٽ جرگو ٿيو هو جنهن ۾ جابر واري ڌر تي 20 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو هو جنهن تي 5 لک چڱن مڙسن معاف ڪرايا هئا 15 لک الزام هيٺ آيل ڌر موقعي تي ادا ڪيا هئا جرگي بعد ڌريون خير ڪنڌ ٿي ويو هيون زريعن موجب جابر نالي شخص جي سوشل ميڊيا تي عورت جي حوالي سان پوسٽون وائرل ٿيو جنهن بعد سندس ڀاءُ غيرت ۾ اچي ساٿين سان گڏجي هن کي معصوم ٻارن سامهون ڪهاڙيون هڻي قتل ڪيو آهي صغرا شر واقعي جو گهرو وزير ضياء الحسن لنجار نوٽيس ورتو آهي گهرو وزير عورت جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي خيرپور کان واقعي رپورٽ طلب ڪندي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري جون هدايتون جاري ڪيون آهن ان سلسلي ۾رابطو ڪرڻ تي فيض گنج پوليس ٻڌايو ته واقعي جي جاچ ڪرائي پئي وڃي هڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي باقي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويندو پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا 10 منتقل

شريمتي ڏيءِ چنو ڀيل جو وڻ تنگيل لاش هٿ آيو جنهن بعد وارثن لاش کي سول اسپتال اسلام ڪوٽ آندو واقعي جو اطلاع ملڻ تي اسلام ڪوٽ پوليس سول اسپتال پهچي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو جنهن بعد لاش کي وارثن حوالي ڪيو ويو انهي سلسلي ۾ اسلام ڪوٽ پوليس جو چوڻ هو ته نوجوان ناري چار جي وڻ ۾ رسو ٻڌي پنهنجي زندگي جو انت آندو آهي، وارثن پاران ڏنل بيان موجب ناري جو ذهني توازن درست نه هو ۽ هوءَ چڙچڙي طبيعت جي مالڪ هئي، جنهن ڪري اڪثر معمولي ڳالهين تي ناراض ٿي پوندي هئي. وارثن موجب ناري ڪاوڙ ۾ اچي اهڙو قدم کنيو آهي. ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي شروعاتي جاچ ۾ معلوم ٿيو آهي ته واقعو خودڪشي آهي، اسان لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائي وارثن حوالي ڪيو آهي، وڌيڪ جاچ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد ڪئي ويندي

بقايا 11 سبب تدفين

پرسان ريلوي ٽريڪ تي سکر کان ڪراچي ايندڙ سکر ايڪسپريس جي ٽڪر ۾ هڪ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو پوليس موجب حادثو ڊائون ٽريڪ تي پيش آيو. جتي 30 کان 35 ورهين جو هڪ شخص ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب موقعي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي، سڃاڻپ ۽ قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم منتقل ڪيو. اسپتال ذريعن موجب ضروري طبي ۽ قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب لاش کي ايڌي حوالي ڪيو ويو جن لاش لاوارث ڄاڻائي دفنائي ڇڏيو پوليس موجب فوتي شخص جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته سڃاڻپ لاءِ ڪوششون جاري آهن. پوليس شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص جو ڪو عزيز لاپتا هجي يا فوتي بابت ڪا ڄاڻ هجي ته فوري طور تي پوليس يا تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم سان رابطو ڪيو وڃي.

بقايا 12 ڳالهين جي مذمت

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي صدر اعجاز علي چانڊيو جنرل سيڪريٽري الطاف حسين مري پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ قديم تهذيبن جي ڌرتي آهي ۽ پاڪستان جي قيام کان اڳ به پنهنجي الڳ تاريخي ۽ ثقافتي حيثيت رکي ٿي بيان ۾ چيو ويو ته سنڌ هميشه پاڪستان جي سالميت، استحڪام ۽ صوبائي حقن جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي بار ايسوسيئيشن جي وڪيل اڳواڻن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ڪجهه عنصر پنهنجي مفادن خاطر سنڌ کي انتظامي طور ورهائڻ يا ڪراچي کي الڳ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڪري ملڪ ۾ بيچيني ۽ انتشار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪو قومي اتحاد ۽ وفاق لاءِ نقصانڪار آهن پاڪستان مضبوط وفاق ۽ مضبوط صوبن سان ئي مستحڪم رهي سگهي ٿو جڏهن ته سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به آئيني يا انتظامي قدم کي قبول نه ڪيو ويندو وڪيل برادري سنڌ جي وحدت، پاڪستان جي استحڪام ۽ آئيني نظام جي تحفظ لاءِ هر محاذ تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي ۽ سنڌ کي ورهائڻ جي هر ڪوشش جي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي.

بقايا 13 سان اجلاس

ڪرنل عاطف، ضلعي امن ڪميٽي جي چيئرمين مولانا زبير احمد ڦلپوٽو سميت امن ڪميٽي جي ميمبرن ۽ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪئي.اجلاس ۾ محرم الحرام دوران امن امان برقرار رکڻ، ماتمي جلوسن، امام بارگاهن ۽ عزاخانن جي سيڪيورٽي بابت اهم فيصلا ڪيا ويا.ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ضلعي خيرپور کي مڪمل طور امن وارو ضلعو بڻائڻ لاءِ حڪمت عملي تي ڪم جاري آهي. هن چيو ته محرم الحرام دوران سرڪاري فورسز سان گڏ امن ڪميٽي جي ميمبرن جو به ڀرپور تعاون حاصل ڪيو ويندو ۽ عزادارن جي تحفظ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويندا.هن وڌيڪ چيو ته امن ڪميٽي جي ميمبرن کي محرم الحرام ۾ مثالي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. انتظاميا پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ نه ٿيڻ ڏيندي، بجلي جي لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ شهر جي صفائي لاءِ مينهن جي واڙن کي شهري علائقن مان ٻاهرمنتقل ڪيو ويندو.ڪرنل عاطف پنهنجي خطاب ۾ چيو ته رينجرز فورس محرم الحرام دوران امن امان برقرار رکڻ لاءِ ضلعي انتظاميا سان مڪمل سهڪار ڪندي ۽ پنهنجي ذميوارين کي بهتر نموني نڀائيندي.ايس ايس پي امير سعود مگسي چيو ته امن قائم رکڻ پوليس جي ذميواري آهي ۽ ان ذميواري کي هر صورت ۾ نڀايو ويندو. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان سان قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 14 مقابلي ڪامياب

رستم علي مگسي جوائنٽ سيڪريٽري محمد مرسلين راجپوت بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا جيسڪو سب ڊويزن اڏيرو لعل ايٽ ٽنڊوآدم جي چونڊ ۾ چيئرمين نور حسين ٻگهيو وائيس چيئرمين عبدالقيوم آرائين جنرل سيڪريٽري راڻا طاهر جوائنٽ سيڪريٽري پرويز علي بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا جيسڪو روينيو آفيس جي چونڊ ۾ چيئرمين محمد عرفان ملڪ جنرل سيڪريٽري لال ڪمار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته جيسڪو فيلڊ اسٽور جي چونڊ ۾ چيئرمين اوم پرڪاش ڏيوڙا بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويو ان موقعي تي عملي پاران ڪامياب عهديدارن کي لونگيون اجرڪون ۽ گلن جا هار پارايا ۽ هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو ۽ مرڪزي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي جي بي لوث قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪندي چيو ته هائيڊرو يونين هميشه پورهيتن جي جائز حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي.

بقايا 15 دروازي کان ٻاهر

گهر ۾ وڃي لڳيون ڪو جاني نقصان نه ٿيو واقعي سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي متاثر ڌر کان تفصيل وٺي روانو ٿي وئي جڏهن ته گهر مالڪ دوران ملڪ پنهنجي وارثن سان گڏجي ٿاڻي تي پهچي حملو ڪندڙ جوابدار فرمان ملڪ ۽ سندن جي ساٿين مٿان فرياد داخل ڪرائيندي چيو ته جوابدار فرمان ملڪ وارن جو اسان جي ٻين مائٽن سان تڪرار هلي رهيو هو هن اسان مٿان بلا جواز حملو ڪيو آهي هنن ايس ايس پي ڪشمور ۽ انچارج اي-سيڪشن خليل لغاري کان مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدار مٿان ڪيس داخل ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي ـ

بقايا 16 ڪائونسل جي ريلي

ڪڍي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ جهنڊا، بينر ۽ هٿا، جن تي حضرت عثمان غنيؓ جي شان ۾ نعرا درج هئا ان موقعي تي علامه مولانا احمد فاروقي، مولانا سرفراز قريشي ۽ مولانا عمران ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي شهادت تاريخ اسلام جو هڪ عظيم ۽ دردناڪ سانحو آهي حضرت عثمان غنيؓ اسلام جي سربلندي، امت مسلمہ جي خدمت ۽ دين اسلام جي اشاعت لاءِ بي شمار قربانيون ڏنيون، جن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. حضرت عثمان غنيؓ جون خدمتون مسلمانن لاءِ مشعل راهه رهنديون هنن چيو ته سرڪار کي اچوڪي ڏينهن تي موڪل جو اعلان ڪرڻ گهرجي.

بقايا 17 خلاف احتجاج

احتجاجي مظاهرو ڪري ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو ۽ يوسي چيئرمين عبدالمجيد چانڊيو خلاف سخت نعريبازي ڪندي مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته هن جديد ٽيڪنالاجي واري دور ۾ به اسان جي قديمي ڳوٺن کي پيئڻ جي پاڻي، بجلي، گئس ۽ رستن کان محروم رکيو ويو آهي، جنهنڪري اسان پٿر جي دور واري زندگي گهارڻ تي مجبور آهيون. هنن الزام مڙهيندي چيو ته يونين ڪائونسل موڙهو جبل جو چيئرمين عبدالمجيد چانڊيو واٽر سپلائي ۽ ڳوٺ طرف ايندڙ رستو نهرائڻ واري اسڪيم منظور هوندي به ڪم نه ٿو ڪرائي ۽ ٻنهي اسڪيمن جي رقم مان ڪرپشن ڪري رهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته قديمي ڳوٺن کي پاڻي، بجلي، گئس ۽ رستن جي سهولت ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي. ٻئي طرف يونين ڪائونسل موڙهو جبل جي چيئرمين عبدالمجيد چانڊيو ڳوٺاڻن جا الزام رد ڪندي چيو ته واٽر سپلائي وارو ڪم ڪجهه ڏينهن اندر شروع ڪيو ويندو جڏهن ته ڳوٺ طرف ايندڙ رستي کي پڪي ڪرڻ واري اسڪيم ايندڙ بجيٽ ۾ منظور ٿيندي ته ڪم شروع ڪرايو ويندو. هن چيو ته احتجاج ڳوٺاڻن جو حق آهي، اسان کي جيئن ئي اسڪيم جي رقم ملندي ته ڪم شروع ڪرايو ويندو.

بقايا 18 احتجاجي ريلي

شاعر ۽ اديب سعيد احمد ميمڻ جي بازيابي لاءِ ايس ٽي پي پاران ٻاڊهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو پارٽي اڳواڻ اصغر نوناري ۽ شمس پنهور جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي ريلي ۾ پارٽي ڪارڪنن محمد عالم بروهي، مولا بخش ڦلپوٽو، منور نوناري، محمد صفر مغيري، فدا حسين مغيري، محمد قاسم چنڙ ۽ سوڀل سولنگي کان علاوه زيب علي ساريو سائينداد بروهي ۽ مور سنڌي سميت ٻين شرڪت ڪري مغوي سعيد احمد ميمڻ جي بازيابي لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته سعيد احمد ميمڻ شاعر اديب ۽ سنڌ جو هڪ باشعور فرد آهي، جنهن کي بلوچستان جي ضلعي سوراب مان کنيو گم ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته اهڙا عمل سنڌي ۽ بلوچ قومن وچ ۾ نفرتون پيدا ڪرڻ جي سازش آهن، جن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. هنن بلوچستان ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سعيد احمد ميمڻ کي فوري طور بازياب ڪرائي سندس وارثن ۽ سنڌ جي شعور ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 19 خلاف احتجاج

جاويد علي شاهه جيلاني جي ميڊيا ٽرائل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن زوار فقير ٻهلول اڄڻ، استاد شاهه محمد عباسي، علي رضا شيخ، ڊاڪٽر حسين بخش شيخ، محمد صالح اڄڻ، سوشل ورڪر مصعب شيخ، واحد بخش ۽ ٻين چيو ته ايم اين اي سيد جاويد شاهه جيلاني يوسي صدرجي پٽيون ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن شهر ۾ پيور بلاڪ جي وڏي اسڪيم ڏني، نيڪاسي جو نظام بهتر ڪرايو ان سان گڏ ڊسپوزل جي سولر اسڪيم ڏني سان گڏ شهر ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ پڻ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڏنا آهن پر هن وقت سندس خلاف ميڊيا ٽرائل ڪئي پئي وڃي. هنن چيو ته جيڪي ايم اين اي سيد جاويد شاهه جيلاني مٿان الزام لڳايا ويا آهن انهن جي شفاف نموني جاچ ڪرائي وڃي ٻئي صورت ۾ الزام هڻندڙن خلاف ڪورٽ جو دروازو کڙڪايو ويندو.

بقايا 20 گيلاني

ڊاڪٽر عمر حسين اوبا سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي. سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب سينيٽ چيئرمين ايٿوپيا جي سفير جي آجيان ڪندي ايٿوپيا جي قيادت ۽ عوام لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان جي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ گڏيل احترام، گڏيل مفاد ۽ امن، خوشحالي ۽ پائيدار ترقي جي گڏيل ويزن جي بنياد تي پراڻن ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو. سينيٽ چيئرمين پاڪستان ۽ ايٿوپيا جي تاريخي لاڳاپن جو حوالو ڏيندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع ۾ ايٿوپيا جي تاريخي دوري ۽ اديس ابابا ۾ پاڪستان جي سفارتخاني جي افتتاح ذريعي ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن ۾ مثبت اڳڀرائي جي آجيان ڪندي چيو ته تجويز ڪيل ٻطرفي سياسي مشاورت جي معاهدي سان سفارتي رابطا وڌيڪ مستحڪم ٿيندا ۽ علائقائي ۽ عالمي معاملن ۾ تعاون کي هٿي ملندي. سينيٽ چيئرمين پارلياماني سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڀريندي سينيٽ آف پاڪستان ۾ پاڪستان ايٿوپيا فرينڊشپ گروپ جي قيام جو ذڪر ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هي فورم ٻنهي ملڪن وچ ۾ پارلياماني رابطن ۽ مستقل ڳالهين کي هٿي ڏيندو. هن عالمي پارلياماني فورمز سميت گڏيل قومن، آءِ پي يو سي پي اي ۽ ايشيائي پارلياماني اسيمبلي ۾ تعاون وڌائڻ جي ضرورت تي به زور ڀريو سيد يوسف رضا گيلاني انٽر پارلياماني اسپيڪر ڪانفرنس جي باني چيئرمين طور پارلياماني سفارتڪاري کي عالمي امن، تعاون ۽ جامع ترقي کي هٿي ڏيڻ جو موثر ذريعو قرار ڏنو ۽ ايٿوپيا جي پارلياماني قيادت کي هن پليٽ فارم تي فعال تعاون جي دعوت ڏني. سينيٽ چيئرمين ايٿوپيا جي پارليامينٽ جي اسپيڪر کي وفد سان گڏ پاڪستان جي دوري جي پڻ دعوت ڏني.

بقايا 21 درخواست تي ٻڌڻي

ٻگهڙ حسيني مهندي ٻگهڙ ۽ٻين آبادگارن پاران داخل درخواست تي فيض گنج جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿي جتي عدالت سگهوري آبپاشي عملدارن کان پڇڙي ۾ پاڻي ڪوٽ بابت پڇائو ڪيو پڇڙي ۾ پاڻي ڇو ناهي اوهان جي ڪهڙي ڪارڪردگي آهي اوهان جا آفيسر ڪاٿي آهن عدالت جو سخت پڇائو 2022 واري برسات سبب واهه جا ڪپر ڪمزور ٿي ويا جنهن ڪري پاڻي پهچائڻ ۾ مسئلو آهي ايس ڊي او ايريگيشن اگر 2022 ۾ برسات پئي ته اوهان چار سالن ۾ ڪهڙي ڪارڪردگيءَ ڏيکاري ڪيترو ڪم ڪيو اوهان جا جواب بلڪل مطمئن ڪندڙ نه آهن اڳين حاضري تي چيف انجنيئر ۽ ايڪسين خيرپور خود پيش ٿين اوهان ٽن ڏينهن اندر پڇڙي ۾پاڻي پهچائي تصويرون سان گڏ رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم اٿ تاريخ تي فيضگنج واهه ۽ ويهواهه ۾ پاڻي پهچائي مڪمل رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم آبادگارن طرفان ڪورٽ ۾ پنجاهه کان وڌيڪ آبادگار ڪورٽ اندر ۽ ٻاهر موجود هئا جڏهن ته آبادگارن طرفان فيضگنج بار جا ڏهه کان وڌيڪ وڪيل موجود هئا ان سلسلي ۾آبادگارن ڳالهائيندي چيو ته پڇڙي ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري ڏڪار واري حالت پيدا ٿي وئي آهي مال متاح اڄ وڃي مري رهيو آهي فصل سڙي تباهه ٿي ويا آهن عدالت سگهوري مان اميد آهي ته پڇڙي تائين پاڻي پهچايو ويندو

بقايا 22 سان ملاقات

جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ علائقي اندر امن امان کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، ڌوهاري سرگرمين جي روڪٿام، پوليس جي ڪارڪردگي ۽ عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ بابت مختلف معاملن تي غور ڪيو ويو سيد جاويد علي شاهه جيلاني آءِ جي سنڌ کي پنهنجي تڪ جي عوام کي درپيش مسئلن ۽ امن امان بابت خدشن کان آگاهه ڪيو ۽ علائقي ۾ وڌيڪ موثر پوليسنگ جي ضرورت تي زور ڏنو ان موقعي تي سيد جاويد علي شاهه جيلاني سان گڏ سندس فرزند ڊاڪٽر سيد اميد علي شاهه جيلاني پڻ موجود هو جنهن علائقي جي عوامي مسئلن ۽ امن امان سان لاڳاپيل معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو وفد کي يقين ڏياريو ته سنڌ پوليس عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ۽ ضلعي خيرپور سميت ٻين علائقن ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ لاءِ ضروري اپاءُ ورتا ويندا. بعد ۾ ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ۽ ڊاڪٽر سيد اميد علي شاهه جيلاني ڊي آءِ جي ڪيپٽن پرويز احمد چانڊيو سان پڻ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران علائقي جي سيڪيورٽي صورتحال، پوليس کي درپيش چيلينجن ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ اختيار ڪيل حڪمت عملين تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ملاقاتن ۾ عوامي تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ امن امان جي بهتر صورتحال لاءِ گڏيل ڪوششن کي جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو. جڏهن ته پوليس اختيارين عوامي مسئلن جي حل ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف سخت ڪارروائي جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 23 ۾ ڪري فوت

اسپتال خيرپور منتقل جتي هو فوت ٿي ويو.

بقايا 24 3گرفتار

نوشهرو فيروز جي عدالت ۾ پيش ٿيو ته ڪوکر برادري جا وڏي انگ ۾ ماڻهو عدالت ٻاهران گڏ ٿي ويا، جنهن بعد امن امان جي صورتحال خطرناڪ پيدا ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو ذريعن موجب سيشن جج صورتحال جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي نوشهرو فيروز مير روحل کوسو کي امن امان برقرار رکڻ جون هدايتون جاري ڪيون، جنهن بعد ڊي ايس پي جي نگراني ۾ وڏي پوليس نفري ۽ بڪتربند گاڏي عدالت پهتي. پوليس ماڻهن کي منتشر ڪرڻ بعد عمران ڪوکر عدنان ڪوکر ۽ شاهد ڪوکر کي گرفتار ڪري ورتو ۽ عدالت جي چوڌاري سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي. امداد علي سولنگي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن 12 جنوري 2026ع تي فوزيه ڏيءِ برڪت ڪوکرسان پسند جي شادي ڪئي هئي. سندس چوڻ موجب شادي کانپوءِ ٻنهي خاندانن ۾ ڪجهه عرصي لاءِ ناهه ٿي ويو هو پر عيدالاضحيٰ تي زال سان گڏ سندس مائٽن وٽ وڃڻ دوران نئون تڪرار پيدا ٿيو هن الزام هنيو ته ڪجهه مائٽن کيس فوزيه کي طلاق ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ۽ انڪار ڪرڻ تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏنيون ويون امداد سولنگي جو چوڻ هو ته مٿس اغوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ عدالت ۾ پيش ٿيڻ دوران به کيس ۽ سندس پٽ حسنين کي جاني خطرو هو. هن عدالت ۽ اختيارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ٻئي طرف ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج نوشهرو فيروز امداد علي سولنگي جي اغوا واري ڪيس ۾ عبوري (ڪچي) ضمانت منظور ڪندي ڪيس وڌيڪ ڪارروائي لاءِ مورو جي عدالت ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو عدالت پوليس کي سخت هدايتون جاري ڪيون ته جوڙي کي مڪمل سيڪيورٽي فراهم ڪري محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيو وڃي، جنهن بعد پوليس جي نگراني ۾ ٻنهي کي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو.

بقايا 25 نوجوان فوت

ناراض ٿي عورت خالده چانڊيو ۽ سندس مڙس وحيد چانڊيو زهر پي ڇڏيو جنهن ۾ عورت خالده چانڊيو موقعي تي فوت ٿي وئي هئي جڏهن ته سندس مڙس سول اسپتال خيرپور ۾ زير علاج هو جيڪو پڻ فوت ٿي ويو آهي.

بقايا 26 جاچ شروع

طلب، واقعي جي جاچ شروع، متاثر ناري، ايس ايس پي ۽ الزام هيٺ آيل نوجوان جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه، ڪيس داخل. خبر موجب، جيڪب آباد جي بولان واري پاڻي جي رهواسڻ نوجوان ناري تسليم ڪوهري احتجاج ڪندي چيو ته هڪ سال اڳ آئون پنهنجو موبائيل فون ٺهرائڻ لاءِ جميل تصيراڻي جي دوڪان تي ويس جتان هن منهنجو نمبر ڪڍي مون کي ميسيج ڪرڻ شروع ڪيا ۽ ڪجهه مهينن تائين هو مون سان رابطي ۾ رهيو جنهن بعد مون کي سومرا شاخ پرسان ڪنهن جاءِ تي وٺي ويجي جميل تصيراڻي، فراز ڪوسو سميت 8 ڄڻن گينگ ريپ ڪيو ۽ منهنجا ويڊيو رڪارڊ ڪيا جنهن کانپوءِ منهنجي مڱڻي ٽٽي وئي منهنجي عزت کي نقصان پهچايو ۽ مون کي بدنامي ڏني آهي، هن چيو ته جوابدار نوجوانن مون سان زيادتي ڪئي آهي، ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪري. جڏهن ته اهڙو بيان سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ کان پوءِ ايس ايس پي فيضان علي مبينه جنسي زيادتي جو شڪار ٿيل ناري تسليم کي وارثن سميت ايس ايس پي هائوس طلب ڪري ورتو ۽ ناري کان واقعي تفصيل ورتا جنهن بعد ناري ميڊيا آڏو بيان ڏيندي چيو ته ايس ايس پي واقعي جا تفصيل ورتا آهن ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي، هن چيو ته فراز بلوچ، جميل تصيراڻي سميت 10 ڄڻن مون سان جنسي زيادتي ڪئي آهي پوليس مان انصاف جي پوري اميد آهي. ان سلسلي ۾ ايس ايس پي فيضان علي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واقعو تقريبن ڏيڍ سال اڳ پيش آيو آهي، ناري کان تفصيل ورتا آهن الزام هيٺ آيل جوابدارن کي گرفتار ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪنداسين، جنسي زيادتي جو ڪيس آهي ان لاءِ ڪوشش ڪنداسين ته ڪنهن به بيگناهه ماڻهون سان ناانصافي نه ٿئي، هن چيو ته جاچ ڪرڻ بعد ئي واقعي جو ڪيس داخل ڪنداسين، متاثر ناري سان پوليس جو مڪمل سهڪار هوندو زيادتي ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ڏني ويندي. ٻئي پاسي الزام هيٺ آيل هڪ نوجوان جميل احمد تصيراڻي پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته آئون بيگناهه آهيان جنسي زيادتي جو الزام بي بنياد آهي، مان ناري کي ڏٺو به ناهي ڪجهه ڏينهن اڳ ناري جي مامي سڪندر ۽ سهيل بروهي نالي نوجوان منهنجي موبائيلن واري دوڪان تي پهچي مون کي ڌمڪيون ڏنيون آهن، هن چيو ته پوليس جاچ ۾ هر لحاظ سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، هن چيو ته ايس ايس پي جيڪب آباد واقعي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪري، اهڙي پريس ڪانفرنس بعد نوجوان جميل سي آءِ اي پوليس وٽ پنهنجي گرفتاري پيش ڪري ڇڏي. هوڏانهن حد جي صدر ٿاڻي تي مبينه جنسي زيادتي جو نشانو بڻيل ناري تسليم ڏيءِ مشتاق ڪوهري جي فرياد تي جوابدارن فراز ڪوسو عامر ڪوهري، وهاب ڪوسو جميل تصيراڻي ۽ 4 انڄاتل جوابدارن مٿان ڏوهه نمبر 145/2026 قلم، 375، 354A، A 506/2تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي واضع رهي ته الزام هيٺ آيل هڪ نوجوان جميل تصيراڻي ڪجهه دير پهريان ئي پريس ڪانفرنس ذريعي وضاحتي بيان ڏئي سي آءِ اي پوليس وٽ گرفتاري پيش ڪري ڇڏي هئي.

بقايا 27 ڏينهن به جاري

شهر جي معزز شخصيتن ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ سوشل ورڪر اتحاد بدين جي هن انساني خدمت واري قدم کي ساراهيو ڪيمپ کي وڌيڪ عرصي تائين جاري رکڻ لاءِ هر ممڪن تعاون ۽ ڀرپور سپورٽ جو يقين پڻ ڏياريو سوشل ورڪر اتحاد بدين جي اڳواڻ ايم سومار ملاح چيو ته عوامي خدمت سندن بنيادي مقصد آهي ۽ گرمي جي شدت کي نظر ۾ رکندي هي خدمت جاري رکي ويندي، جيئن وڌيڪ کان وڌيڪ ماڻهن کي رليف فراهم ڪري سگهجي. شهرين سوشل ورڪر اتحاد بدين جي رضاڪارن جي جذبي کي واکاڻيندي اميد ظاهر ڪئي ته اهڙيون فلاحي سرگرميون مستقبل ۾ به جاري رهنديون.

بقايا 28 ڏيرن تي الزام

رد ڪندي ڏيرن تي زبردستي زهر پيارڻ جو الزام هنيو آهي. خيرپورميرس ۾ رهندڙ 35 سالا وحيد علي چانڊيو ۽ سندس 30 سالا زال مسمات خالده گهرو اٻٽڻ تان پنهنجي گهر اندر زهر پي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ڄڻا فوت ٿي ويا. واقعي کانپوءِ ناري جا مائٽ سندس لاش کڻائي نصيرآباد لڳ ابائي ڳوٺ پهتا ته گهر ۾ روڄ راڙو پئجي ويو. ان موقعي تي فوتي ناري جي امڙ آمنا ڦلپوٽو ۽ ڀاءُ رياض ڦلپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي روئي ڏنو هنن سخت الزام هڻندي چيو ته منهنجي ڌيئي ۽ ناٺي خودڪشي ناهي ڪئي، پر سندن ڏيرن سعيد چانڊيو، مشتاق چانڊيو، قربان علي چانڊيو ۽ منظور علي چانڊيو گهرو اختلافن تان کين هٿيارن جي زور تي زبردستي زهر پياريو آهي. زال ۽ مڙس ڏيڍ ڪلاڪ تائين تڙپندا رهيا پر ظالمن کي رحم نه آيو ٻئي ڄڻا تڙپي تڙپي فوت ٿي ويا. متاثر خاندان اعليٰ اختيارين، آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ کين انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 29 ڪري فرار

شهرين ايس ايس پي نوشهروفيروزکان مطالبو ڪيو آهي ته محرابپور ۾ امن قائم ڪرايو وڃي ۽ ٿيل ڦرون واپس ڪرايو وڃن

بقايا 30 احتجاج

خوني قبيلائي تڪرار هلن پيا جڏهن ته تڪرارن سبب تعليم تباهه ـ امن تباهه ـ معاشي نقصان ٿي رهيو آهي ڌريون هٿيارن خريد ڪري انساني زندگيون ڪيسي رهيون آهن بي گناهه ماڻهن جو قتل عام ٿي رهيو آهي تڪرارن سبب ڪيترا ٻار يتيم ـ مائرن جو جهولي خالي ڪيون پيون وڃن بلوچستان مان اغوا ٿيل سعيد ميمڻ کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي

بقايا 31 خلاف احتجاج

پڻ الزام لڳايو ته بابا سائين شڪي مزاج جو ماڻهو آهي شل نه ڪو گهٽيءَ مان ماڻهو لنگهي يا ڪو ڪر ڪپائيندڙ هوڪو ڏئي ان تي امان سميت اسان ڌيئرن تي شڪ ڪندو آهي ته هي اوهان جي لاءِ آيا آهن ۽ پوءِ مارڪٽ شروع ڪندو آهي ان ڪري هاڻي اسين مار کائي کائي ٿڪجي پيا آهيون نيائي غلام صغري اهو پڻ الزام لڳايو ته اسان جو پيءُ خود پرائي پير تي آهي سندس ڪردار درست ناهي ان ڪري هو امان ۽ اسان ڀائرن ڀينرن تي شڪ ڪري ٿو مان بيزار ٿي گهران نڪري آئي آهيان ٽي ڏينهن درگاهه پٽ شاهه تي هئس ان کان پوءِ سڪرنڊ پريس ڪلب کي دردن جو درمان سمجهي هتي آئي آهيان هن وزير اعلي سنڌ ، آئي جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي شهيد بينظيرآباد کي اپيل ڪئي ته اسان سان انصاف ڪري ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي نيائي پريس ڪانفرنس ۾ اهو به چيو ته اسان جي چاچن ۽ مامن پڻ بابا سائين کي سمجهائڻ جي ڪئي ڀيرا ڪوشش ڪئي آهي پر ان جي باوجود هو سمجهڻ لاءِ تيار ناهي ،

بقايا 32 موٽرسائيڪلون هٿ

چوري ۾ ملوث گينگ کي بي نقاب ڪري مسروقه سامان هٿ ڪيو ويو.موٽرسائيڪل سنيچنگ ۽ ڦورو گينگ خلاف شڪارپور پوليس ڪافي عرصي کان ڪم ڪري رهي هئي. ڪارروائي دوران هڪ جوابدار آفتاب جيهو کي گرفتار ڪيو ويو. جاچ دوران ٻن وڌيڪ جوابدارن ظهير بروهي ۽ سبحان علي عرف ساجد شاهه جا نالا سامهون آيا. ايس ايڇ او ٿاڻو لکيدر پنهنجي ٽيم سميت ساٿين جي نشاندهي تي جوابدار وحيد عرف وحار پٽو کي گرفتار ڪري ورتو. جوابدار جي نشاندهي تي 12 موٽرسائيڪلون ۽ ٻيو مسروقه سامان هٿ ڪيو ويو برآمد ٿيل سامان ۾ ڪنهيا لال جي دڪان تان ڦريل رقم، شنڪر پارٽي مندر اڳيان ديرج ڪمار جي مهمانن کان ڦريل موبائل فون ۽ عيد ۾ ٻئي ڏينهن شاهي باغ پرسان سنيچ ڪيل موبائل فون شامل آهن، جيڪي متاثر ماڻهن حوالي ڪيا پيا وڃن. گينگ جي ٻين ٻن ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڪارروائيون جاري آهن. منشيات فروشن خلاف شڪارپور پوليس جون روزاني بنيادن تي ڪارروائيون جاري آهن، منشيات جي مڪمل خاتمي لاءِ ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي. پوليس جو عزم آهي ته سماج کي منشيات جهڙي لعنت کان پاڪ ڪيو وڃي. شڪارپور پوليس عوام کي اپيل ڪري ٿي ته ڪنهن به چوري، ڦر سنيچنگ يا ٻي واردات جي صورت ۾ فوري طور تي ايف آءِ آر داخل ڪرائين. محمد آصف ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم، ايس ايڇ او لکي در ۽ سندس ٽيم لاءِ سي سي ٿرڊ ڏيڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 33 ٽي ڄڻا زخمي

پيا آهن جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 34 ڪري ڇڏيا

گهربل هو، جنهن جي گرفتاري تي 1 ڪروڙ رپين جي انعام جو اعلان ڪيو ويو هو. ايس ايس پي موجب گهربل ڌاڙيل سان گڏ 60 ساٿين به هٿيار ڦٽا ڪيا آهن، اهي سڀئي خطرناڪ ڌاڙيل آهن. ايس ايس پي موجب هٿيار ڦٽا ڪندڙ ڌاڙيلن ۾ بدنامي، سبزوئي ۽ ٻين بدنام ٽولن جا ڌاڙيل شامل آهن. جن جي گرفتاري تي لکين رپين جو انعام هو. ايس ايس پي موجب هٿيار ڦٽا ڪندڙ ڌاڙيلن سان قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

ڦٽا ڪري ڇڏيا

بقايا 35 ڦٽا ڪري ڇڏيا

ڪڍيو ريسڪيو اهلڪارن پيشه ورانه صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي لاش کي پاڻي مان ڪڍي وڌيڪ ڪارروائي لاءِ انتظام ڪيا. هٿ آيل لاش کي پوليس رانيپور اسپتال منتقل ڪيو جتي لاش جي سڃاڻپ ن ٿي سگهي آهي

بقايا 36 اسپتال منتقل

موقعي تي فرقان مغل. ساجد حسين ۽ ٻين الزام هنيو ته ميمڻ پلازا ۾ حنا نالي عورت سري عام فحاشي جو اڏو هلائي رهي آهي. جنهن سبب پاڙيسري سخت تڪليف ۾ آيل آهن. هنن چيو ته مبينا فحاشي جي اڏي خلاف شڪايت ڪرڻ باوجود انصاف نه مليو آهي. هنن حيدرآباد پوليس کان مطالبو ڪيو ته فحاشي جو اڏو بند ڪرائي شهرين سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 37 خلاف احتجاج

موقعي تي فرقان مغل. ساجد حسين ۽ ٻين الزام هنيو ته ميمڻ پلازا ۾ حنا نالي عورت سري عام فحاشي جو اڏو هلائي رهي آهي. جنهن سبب پاڙيسري سخت تڪليف ۾ آيل آهن. هنن چيو ته مبينا فحاشي جي اڏي خلاف شڪايت ڪرڻ باوجود انصاف نه مليو آهي. هنن حيدرآباد پوليس کان مطالبو ڪيو ته فحاشي جو اڏو بند ڪرائي شهرين سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 38 خلاف احتجاج

آهي ته روينيو کاتي جي عملدارن اسان جا گهر ڊاهي لاڏاڻ جي وارننگ ڏني آهي،عملدارن اڄي وارننگ ڏني ته گهر ڊاهي خالي ڪيو ته آپريشن ڪيو ويندو، سائڊ برادري جي چرچ تي ظلم ڪيو پيو وڃي،شڪر سائڊ جي بچ تي سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي،

بقايا 39 زين شاهه

رڳو هڪ علامتي ڏينهن نه آهي، پر اهو انسانيت کي پنهنجي وجود، بقا ۽ ڌرتيءَ سان لاڳاپيل ذميوارين جي احساس ڏيارڻ جو ڏينهن آهي. اڄ سڄي دنيا موسمياتي تبديليءَ، پاڻيءَ جي کوٽ، زمين جي زرخيزيءَ ۾ گهٽتائي، ٻيلن جي خاتمي ۽ ماحولياتي آلودگي جهڙن سنگين خطرن کي منهن ڏئي رهي آهي، جن جا اثر خاص طور تي سنڌ جهڙن زرعي ۽ ساموئنڊي علائقن تي وڌيڪ شدت سان ظاهر ٿي رهيا آهن ۽ اسان جي سنڌ حڪومت جو رويو انتهائي غير ذميوار پئي رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ معيشت جو بنياد درياهه، زمين ۽ فطرت سان جڙيل رهيو آهي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته پاڻيءَ جي غيرمنصفاڻي ورڇ، سنڌو درياهه تي مسلسل ڌاڙا، ساموئنڊي پٽيءَ ۾ لوڻياٺ جي واڌ، وڻڪاريءَ جي تباهي ۽ صنعتي آلودگي اسان جي ماحولياتي توازن کي سخت متاثر ڪيو آهي. ماحولياتي بحران رڳو فطرت جو مسئلو نه، پر اهو معاشي، سماجي ۽ سياسي انصاف جو به سوال آهي. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو يقين آهي ته ماحولياتي تحفظ کي رياستي پاليسين جو مرڪزي حصو بڻائڻ بنا پائيدار ترقي ممڪن ناهي. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته سنڌو درياهه جي قدرتي وهڪرن کي بحال ڪيو وڃي، وڻڪاريءَ جي مهم کي قومي ذميواريءَ طور هلايو وڃي، زرعي زمينن ۽ ساموئنڊي ماحول کي تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ ماحولياتي قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي. اڄ هن ماحوليات جي عالمي ڏينهن تي اسان نوجوانن، شاگردن، اديبن، دانشورن ۽ سماج جي هر شعبي کي اپيل ٿا ڪريون ته هو ماحولياتي شعور کي پنهنجي فڪري ۽ عملي زندگيءَ جو حصو بڻائين. فطرت سان محبت، ڌرتيءَ سان وفاداري ۽ ايندڙ نسلن جي حقن جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. اچو ته ماحوليات جي عالمي ڏينهن تي اهو عهد ڪريون ته پنهنجي ڌرتي، درياهه، وڻن، جهنگلي جيوت ۽ قدرتي وسيلن جي حفاظت لاءِ گڏيل جدوجهد ڪنداسين، ڇو ته صحتمند ماحول ئي هڪ محفوظ، خوشحال ۽ باوقار مستقبل جي ضمانت آهي.

بقايا 40 زخمي ڪري ڇڏيو

منگهن واري ،نظاماڻي محلا خاڻ شاهه واري ڳوٺ مل ڪالوني ۾ ڇهن ڪتن 14 ڄڻن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ امجد، زارا خاتون مائي جائل تعيم ،سلطان، بشير ،صبا، وسيع □ کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي سول اسپتال خيرپور داخل ڪيو ويو.

بقايا 41 جو سامان سڙي رک

باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ لکين رپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو. واقعي سان علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته شهرين ۾ پريشاني جي لهر پکڙجي وئي. تفصيل موجب ميان عبدالقوي پارڪ ۾ شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي، جنهن ڏسندي ئي پارڪ ۾ موجود سامان کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو باهه کي ايرڊي ڏسي مقامي ماڻهن فوري طور تي ريسڪيو ادارن کي اطلاع ڏنو جنهن تي ريسڪيو ٽيمون ۽ لاڳاپيل اهلڪار موقعي تي پهچي ويا. ريسڪيو اهلڪارن پيشيوراڻه صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي بروقت ڪارروائي ڪندي باهه تي ضابطو آندو جنهن جي ڪري باهه کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪيو ويو ۽ آس پاس جا علائقا وڏي نقصان کان بچي ويا. ريسڪيو ذريعن موجب باهه ۾ لکين رپين جو سامان سڙي ويو پر خوشقسمتيءَ سان واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو اکين ڏٺن شاهدن موجب باهه لڳڻ کان پوءِ علائقي ۾ سخت خوف ۽ هراس جو ماحول ڇانئيل هو ۽ ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ باهه وسائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئا بعد ۾ ريسڪيو ٽيمن جي اثرائتي ڪارروائي سان صورتحال کي مڪمل طور تي ڪنٽرول ۾ آندو ويو لاڳاپيل اختيارين واقعي جي سببن ۽ نقصانن بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته شهرين بجلي جي نظام جي بروقت سار سنڀال ۽ حفاظتي اپائن کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو آهي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان

بقايا 42 شهرين جو احتجاج

نمبر 9 جيئي شاهه، نئون پنڊ ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن جا رهواسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. متاثر علائقن جي رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪجهه علائقن ۾ گذريل ٻن مهينن کان پاڻي جي فراهمي بند آهي، جڏهن ته نئون پنڊ جي مختلف پاڙن ۾ گذريل ٻن هفتن کان پاڻي جي فراهمي بند آهي، جنهن جي نتيجي ۾ روزاني زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. شهرين موجب پاڻي جي کوٽ سبب گهربلو ضرورتون پوريون ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي. جڏهن ته عورتون، بزرگ ۽ ٻار سڀ کان وڌيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. شهري پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏورانهن علائقن ڏانهن وڃڻو پئجي رهيو آهي ۽ مهانگائي تي ٽينڪر خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. متاثرين جو چوڻ آهي ته سخت گرمي جي موسم ۾ پاڻي جي کوٽ صورتحال کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ڪيترائي علائقا ڪربلا جو منظر پيش ڪري رهيا آهن. متاثر شهرين خالي ٿانو کڻي پاڻي جي بحران خلاف هڪ منفرد ۽ احتجاج ڪيو احتجاج جي اڳواڻي مولانا عبيدالله پٽو ابن آزاد ۽ حبيب الله انصاري ڪئي. مظاهرين پاڻي جي فراهمي جي حق ۾ خالي ٿانو ۽ پلي ڪارڊ کڻي رهيا هئا جڏهن ته انهن "پاڻي ڇو ناهي، ڪربلا ڪربلا" جا نعرا پڻ هنيا. ان موقعي تي خطاب ڪندي مقررين چيو ته پيئڻ جو صاف پاڻي هر شهري جو بنيادي حق آهي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته سکر جا ڪيترائي علائقا گذريل ڪيترن ئي هفتن ۽ مهينن کان پاڻي جهڙي بنيادي سهولت کان محروم آهن. هن چيو ته لاڳاپيل ادارن ۽ انتظاميه کي بار بار شڪايتون ۽ درخواستون ڪيون ويون، پر مسئلي جي حل لاءِ ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي. مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن پاڻي جي فراهمي فوري طور تي بحال نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌائي هڪ مضبوط احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي، جنهن جي پوري ذميواري لاڳاپيل ادارن ۽ انتظاميه تي هوندي. شهرين ڪمشنر سکر ڊپٽي ڪمشنر سکر ميونسپل انتظاميه ۽ ٻيا لاڳاپيل اختيارين کان پاڻي جي کوٽ جو فوري طور تي نوٽيس وٺڻ ۽ متاثر علائقن ۾ هنگامي بنيادن تي صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو آهي ته جيئن شهرين کي درپيش مسئلن کي ختم ڪري سگهجي. ٻئي طرف شهري حلقن انتظاميا جي خاموشي ۽ بي ڌياني تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته جيڪڏهن بروقت قدم نه کنيا ويا ته پاڻي جو بحران وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿو جنهن جي ڪري عوامي صحت جا مسئلا پڻ پيدا ٿي سگهن ٿا.

SSGC|LPG

SSGC LPG Ltd.

Tender Notice

“Sealed quotations are invited for the following:

Tender No.	Description	Bid Submission Date/Time	Bid Opening Date/Time
SSGC/LPG/SC/PT/1435 EPADS F-26061903631	Sandblasting, Painting & other repair works on LPG Bulk Storage Spherical Tank No. 2 installed at SLL Port Qasim Terminal. (Under Single Stage One Envelope Bidding System) in accordance with Terms & Conditions.	30.06.2026 03:00 Hrs.	30.06.2026 03:30 Hrs.
EXTENSION			
SLL/PT/1265/ EPADS F-26061903534	Inspection of Trestle & Tank Area LPG & Firewater Piping & Pipe Supports and Associated Mechanical Structure of LPG Tanks at SLL Port Qasim Terminal. (Under Single Stage One Envelope Bidding System) in accordance with Terms & Conditions.	29.06.2026 03:00 Hrs.	29.06.2026 03:30 Hrs.
CANCELLATION			
SLL/1247/ EPADS/ F251106397	Procurement of Prime Mover for 25 Metric Ton LPG Bowser under Single Stage One Envelope Bidding Procedure, in accordance with Terms & Conditions.	CANCELLATION	

Notes:

Tender document contains detail terms & Conditions method of procurement, procedure for submission of bids, bid submission, bid validity, opening of bid, evaluation criteria clarification / rejection of bid, performance bank guarantee etc. As per SRO296(1)/2023 dated 08th March 2023 “E-Pak Procurement Regulations, 2023” all bidders are advised to register in e-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS).

Bidder are advised to submitted following documents with the bid details are as under:-

a) Copy of valid GST, NTN & SST registration certificate (where applicable) & bidder should be active taxpayer as per FBR Database.
b) Undertaking on non-judicial stamp paper of Rs 100/- Certifying that supplier(s) is / are not temporarily or permanently debarred from any Government agency / authority / department (without bearing any responsibility on SSGC LPG whatsoever in this regard).
c) Copies of all relevant Certificates / Authorization letter must be attached (where required) mentioned with Tender Enquiry.

(The bidder is required to submit / upload Valid Certificate mentioned in the Tender Document / Advertisement (where required) along with the Bid on EPADS else the bid will be liable for rejection. This tender is available on the EPADS Bidders / Suppliers / Contractors should participate in this tender through EPADS. Supplier should download tender document through EPADS, fill BOQ / Bid form / schedule of requirement and upload all Tender Documents with sign and stamp through EPADS otherwise bid will be treated as rejected. The bidder must deposit / submit the physical bid bond in the Procurement Department SSGC LPG Head Office LDC Building before the bid opening, otherwise the bid will be liable to be rejected). SSGC LPG reserves the right to reject all bids or proposals and cancel the bidding process. Quoted price shall be inclusive of all taxes, except GST / SST, which shall be mentioned separately. Further, any Corrigendum / Clarifications / Addendums / Extensions issued to be notified to only those bidders who have purchased Tender documents.

For further details, please contact (Procurement) in writing:
SSGC LPG Head Office, LDC Building, SSGC Karachi Terminal,
Main University Road, Karachi.
E-mail:zeeshan.haider@ssgclpg.com; fahad.zia@ssgclpg.com;
aamir.arshad@ssgclpg.com.

PID-K-3767/25

نيوسعيدآباد پوليس جو مبينا مقابلو، بين الصوبائي گروهه سان تعلق رکندڙ 2 ڌوهاري مارجي ويا

ڪراچيءَ کان ريورو گاڏي ڦر جي خفيا اطلاع تي نيوسعيدآباد ٿاڻي جي پوليس ٽول پلازه وٽ ناڪا بندي ڪري ڇڏي

پوليس کي ڏسندي جوابدارن پرڻتي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، گاڏي خراب ٿيڻ سبب زرعي ۾ ڀڄڻ دوران هڪيڙي تي فائرنگ

پوليس جي فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب ڌوهاري سهيل لاشاري ۽ منظور عرف بابا بگٽي مارجي ويا

مارجي ويل ڌوهارين ڪراچي ۽ اندر سنڌ ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي، ڦورن جو تعلق بين الصوبائي گروهه جي ڌوهارين سان پڻ جڙيل هو: ايس ايس پي

هالا (ت ر) نيوسعيدآباد پوليس جو مبينا ڌوهارين سان مقابلو پوليس فائرنگ ۾ بين الصوبائي گروهه سان تعلق رکندڙ 2 ڌوهاري مارجي ويا. ڪراچيءَ کان ريورو گاڏي ڦر جي خفيا اطلاع تي نيوسعيدآباد ٿاڻي جي پوليس ٽول پلازه وٽ ناڪا بندي ڪري ريورو گاڏي ڦر ڪندڙ ڌوهارين سان مهاڏو اٽڪايو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

هالا: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهارين جا لاش

خيرپور ۾ گيسٽرو ويا تيزي سان پکڙجي رهي، 50 کان وڌيڪ مريض اسپتال داخل

گرمي، گندو پاڻي ۽ غير معياري خوراڪ سبب مرد، عورتون ۽ ٻار وڏي انگ ۾ مرض ۾ مبتلا

سول اسپتال ۾ الٽي، دست ۽ تيز بخار جي مريضن جي پيهه، دوائن جي کوٽ سبب مريض پريشان

اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ، مريض ٻاهران علاج ۽ دوائون وٺڻ تي مجبور، علائقي واسين ۾ ڳڻتي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ گيسٽرو ويائي صورت اختيار ڪري ورتي، مردن، عورتن ۽ ٻارڙن سميت 50 کان وڌيڪ ماڻهو گيسٽرو ۾ مبتلا ٿيڻ بعد سول اسپتال خيرپور داخل ڪيا ويا آهن جن ۾ سلمان، وحيد علي، ساجده، نواز، نجم محمد بخش، نظيران خاتون، سونا خاتون

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ قبائلي جهيڙي جي خاتمي لاءِ احتجاجي مظاهرو

قربان خان مهمداڻي جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻيو ويو

قبائلي جهيڙي سبب علائقي جو امن تباهه، ٽڏي ٽو اسڪول ويران ٿي ويا آهن: اڳواڻ

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪند ڪوٽ ڪشمور ضلعي اندر هلندڙ قبائلي جهيڙن جي خاتمي لاءِ مهمداڻي برادري جي سردار وڪيل قربان خان مهمداڻي جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ آفيس جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ گهر مٿان هٿيارٻندن جي فائرنگ، گوليون دروازي کان آرپار

عيدگاهه پاڙي هيبت روڊ وٽ حملو ڪيو ويو، واقعي ۾ ڪو جاني نقصان نه ٿيو

پوليس پهچي تفصيل ورتي جاچ شروع ڪري ڇڏي، متاثر ڌر جو جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ اي - سيڪشن ٿاڻي جي حد عيد گاهه پاڙي هيبت روڊ لڳ هٿيارٻندن جو دوران ملڪ جي گهر مٿان حملو فائرنگ ڪري جوابدار فرار ٿي ويا فائرنگ سبب گوليون دروازي کان آرپار ٿي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ حضرت عثمان غنيؓ جي يوم شهادت تي سني رابطا ڪائونسل جي ريلي

حضرت عثمان غنيؓ جي قربانين ۽ اسلامي خدمتن کي خراج عقيدت پيش، شان ۾ نعريبازي

مقررن پاران يوم شهادت کي سرڪاري سطح تي ملهائڻ ۽ موڪل جو اعلان ڪرڻ جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه جي يوم شهادت جي موقعي تي سني رابطا ڪائونسل ضلع ٽنڊو محمد خان پاران ريلوي اسٽيشن کان پريس ڪلب تائين هڪ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ سوين سني تحريڪ جي اڳواڻن ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ اجالا سولنگي جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) عوامي تحريڪ سنڌياڻي تحريڪ ضلعي حيدرآباد طرفان دادو مان اغوا ٿيل اجالا سولنگي جي بازيابي لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي سرمد راڄپر، عمره سمون، صفيا سرمد، شمس دين سولنگي ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ بدامني عروج تي پهچي چڪي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد باءِ پاس تي ورڪ شاپ مستريءَ جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

نيوسعيدآباد (ت ر) نيوسعيدآباد باءِ پاس تي ورڪ شاپ مستريءَ جو لاش هٿ نامعلوم ماڻهن پاران لاش تعلق اسپتال نيو سعيدآباد جي مرده خاني ڇڏي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ قديمي ڳوٺ مصري ڪوسو جي رهواسين جو بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو جي قديمي ڳوٺن مصري ڪوسو ۽ ڳوٺ يوسف ڪوسو کي بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي آهي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي پر ۾ صدين کان قائم ڳوٺ مصري ڪوسو ۽ ڳوٺ يوسف ڪوسو کي بنيادي سهولتون نه ڏيڻ خلاف رهواسين زاهد بليدي، عمران عمراڻي، علي گوهر لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز ۾ پسند جي شادي واري ڪيس دوران عدالت ٻاهران ڇڪتاڻ، سيڪيورٽي سخت، 3 گرفتار

اهلڪار امداد علي سولنگي ۽ گهرواري فوزيه ڪوڪر سيشن عدالت ۾ پيش ٿيا ته ڪوڪر برادري جا وڏي انگ ۾ ماڻهو عدالت ٻاهران گڏ ٿي ويا

عدالت ۽ ايس ايس پي جي هدايتن بعد پوليس نفري پهچي صورتحال تي ضابطو آندو ٽي ڄڻا گرفتار

عدالت پاران عبوري ضمانت منظور، جوڙي کي سيڪيورٽي هيٺ نامعلوم هنڌ منتقل، معاملو مورو جي عدالت ڏانهن موڪليو ويو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نوشهرو فيروز ۾ پنج مهينا اڳ پسند جي شادي ڪندڙ اسپيشل برانچ جي اهلڪار امداد علي سولنگي ۽ سندس گهرواري فوزيه ڪوڪر جي عدالت ۾ پيش ٿيڻ دوران صورتحال ٽڪراءَ واري بڻجي وئي تفصيل موجب امداد علي سولنگي پنهنجي زال فوزيا سان گڏ اغوا واري ڪيس ۾ ضمانت لاءِ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: فيڪٽري تي فائرنگ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ زهر پيئڻ خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان فوت

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ زهر پيتل نوجوان به دم ڏئي ڇڏيو خيرپور جي واپڊا ڪالوني ۾ نوجوان زال مڙس پاران زهر پي آپگهات جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان جاويد چانڊيو به فوت ٿي ويو ياد رهي ته گذريل ڏينهن شاهه جو نوجوان جوڙي هڪ ٻئي سان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: موڪلون ٿيڻ بعد ٻارڙا ملھ راند ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ جتوئي برادري جو ٻاڙن ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

ٻاڙن شيراز ملاح، نويد ميمڻ ۽ ٻين سان پلاٽ مامري تان تڪرار هلندڙ آهي: مظاهرين

جوابدارن بابو جتوئي، آصف، عاطف ۽ ٻيا گهر ڀاتين کي زخمي پڻ ڪيو آهي

شڪايتون ڪرڻ باوجود ڪا به ڪارروائي نه ڪئي، اعليٰ اختياريون معاملي جو نوٽيس وٺن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جتوئي برادري جو هراساني ۽ تشدد خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج حيدرآباد جي اسٽيشن روڊ واري علائقي ۾ رهندڙ جتوئي برادري پاران الزام لڳايو ويو آهي ته سندن پاڙيسري نويد ميمڻ طاهر ۽ سندن مائٽ ڪيترن ئي مهينن کان کين مسلسل هراساني ڌمڪيز

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لبنان ۾ اسرائيلي حملن کان پوءِ حزب الله جنگ بندي رد ڪري ڇڏي

حملن ۾ 8 ماڻهن جي شهادت کان پوءِ اسرائيل سان ڳالهيون ذلت آميز ۽ شرمناڪ آهن: اڳواڻ

ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪو به معاهدو هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ شڪست مڃڻ سمجهيو ويندو: نعيم قاسم

بيروت (اي پي پي) لبنان تي اسرائيلي حملن جي نتيجي ۾ 8 ماڻهن جي شهادت کان پوءِ حزب الله اسرائيل سان ڳالهين کي ضرورت کان سواءِ ، ذلت آميز ۽ شرمناڪ قرار ڏيندي جنگ بندي کي رد ڪري ڇڏيو آهي ميڊيا رپورٽن موجب حزب الله اڳواڻ نعيم قاسم پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو احتجاج

غير اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب ڪاروبار ٺپ، روزاني زندگي متاثر ٿي رهي آهي: مظاهرين

عوام کي بنيادي سهولتن کان محروم رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو احتجاج گذريل هڪ مهيني کان ضلعي ڪشمور ڪنڌڪوٽ جي تعلقي تنگواڻي سميت مختلف علائقن ۾ جاري غيراعلانيه ۽ ڊگهي لوڊشيڊنگ سبب عوام سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهي آهي سخت

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پ پ ايم اين اي سيد جاويد شاهه جيلاني سنڌ پوليس جي انسپيڪٽر جنرل جاويد عالم اوڍو سان ملاقات ڪري رهيو آهي

فيض گنج ۾ پڇڙي تائين پاڻي نه پهچڻ خلاف آبادگارن جي درخواست تي ٻڌڻي

فيض گنج جي عدالت ۾ آبپاشي عملدار پيش، پڇڙي ۾ پاڻي کوٽ بابت تفصيلي پڇاڙو

عدالت پاران ٽن ڏينهن اندر پاڻي پهچائڻ ۽ تصويري ثبوت سان رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

فيض گنج (ن ع) فيض گنج جي آبادگارن جي درخواست تي سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ فيض گنج جي عدالت ۾ ٻڌڻي آبپاشي عملدارن پاران ايس ڊي او ايريگيشن پيش ٿيو ڪن ڏينهن اندر پڇڙي تائين پاڻي پهچي تصوير عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم پڇڙي جي آبادگارن مصطفي حسن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هنگورجا سيد جاويد علي شاهه جيلاني جي آءِ جي سنڌ سان ملاقات

خيرپور ضلعي سميت ڪنگري، گمبٽ ۽ صوبيديرو جي امن امان تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

ڏوهن جي روڪٿام، پوليس ڪارڪردگي ۽ عوامي تحفظ لاءِ مؤثر پوليسنگ تي زور

هنگورجا (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد جاويد علي شاهه جيلاني سنڌ جي انسپيڪٽر جنرل پوليس (آءِ جي سنڌ) جاويد عالم اوڍو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران ضلعي خيرپور سميت تعلقي ڪنگري، گمبٽ ۽ صوبيديرو ۾ امن امان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ٽينگر راند دوران گهر ٻاهران کليل گٽر ۾ ڪري فوت

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي چانڊيا موڙ وٽ 3 سالا ٽينگر زاول ولد سرور گهر ٻاهران راند ڪندي گٽر ۾ ڪري پيو جنهن کي سول

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پڪاچانگ لڳ ڪارنهن الزام ۾ پاءُ کهاڙين جا وارا ڪري ڀيڻ کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ الهڙيو شر ۾ علي رضا شر ساٿين سان گڏجي پنهنجي سڳي ڀيڻ صغرا شر کي ڪهاڙين سان وارا ڪري ماري ڇڏيو

گهرو وزير عورت جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي خيرپور کان واقعي رپورٽ طلب ڪري ورتي

هڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي باقي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويندو: پوليس

فيض گنج (ن ع) پڪاچانگ لڳ ڪارنهن الزام لڳائي پاءُ ساٿين سان گڏجي ڀيڻ کي ڪهاڙين جا وارا ڪري بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو هڪ سال اڳ ۾ ڪارنهن الزام هيٺ آيل ڌر سان جرڳو 20 لک رپيا ڏنڊ به ورتو ويو هو واقعي جو گهرو وزير نوٽيس ورتو ايس ايس پي کان رپورٽ طلب

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

عاشورا اور اربعین بائی روڈ بحال کرو

حيدرآباد: عاشورا ۽ اربعين جي روڊ رستي زيارت تي پابندي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ لڳ ناري جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش هٿ، اسپتال منتقل

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ نيو سهري ڊرس ۾ نوجوان ناري

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ سکر ايڪسپريس جي ٽڪر ۾ نامعلوم شخص فوت، سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب تدفين

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي پراڻي هڏا مل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: سکر ايڪسپريس جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل شخص جو لاش

خيرپور ۾ ضلعي امن ڪميٽي جو محرم الحرام جي حوالي سان اجلاس

ڊي سي الطاف احمد چاچڙ جي صدارت هيٺ اجلاس، ايس ايس پي، ڪرنل ۽ امن ڪميٽي ميمبرن جي شرڪت

انتظاميا ۽ سيڪيورٽي ادارن جو امن برقرار رکڻ ۽ قانون ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي جو عزم

خيرپور(ڊ ر) ضلعي امن ڪميٽي جو اهم اجلاس ڊي سي آفيس جي سچل سرمست هال ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ ڪئي اجلاس ۾ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور بار ايسوسيئيشن جي سنڌ ورهائڻ ۽ ڪراچي کي الڳ ڪرڻ وارن ڳالهين جي مذمت

سنڌ پاڪستان جي قيام کان اڳ به پنهنجي الڳ تاريخي ۽ ثقافتي حيثيت رکي ٿي: اعجاز چانڊيو

سنڌ هميشه پاڪستان جي سالميت، استحڪام ۽ صوبائي حقن جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: [illegible]

خيرپور(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور پاران سنڌ کي ورهائڻ ۽ ڪراچي کي صوبي کان الڳ ڪرڻ وارن ڳالهين خلاف سخت ردعمل ظاهر ڪندي اهڙين سازشن بابت مذمتي بيان جاري ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو سيد جاويد شاهه جي ميڊيا ٽرائل خلاف احتجاج

سيد جاويد شاهه جيلاني يوسي صدرجي ڳوٺن ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن: مظاهرين

شهر ۾ پيور بلاڪ جي وڏي اسڪيم ڏني، نيڪاسي جو نظام بهتر ڪرايو آهي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي علائقي پيرڳوٺ ۾ يوسي صدرجي ڳوٺن جي رهواسين پاران پ پ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ايم اين اي سيد

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ۽ ايٿوپيا جي پراڻن ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو: گيلاني

سينيٽ چيئرمين سان وفاقي جمهوريه ايٿوپيا جي سفير ڊاڪٽر عمر حسين اوبا ملاقات ڪئي

ٻطرفي سياسي مشاورت جي معاهدي سان سفارتي رابطا وڌيڪ مستحڪم ٿيندا: سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني سان وفاقي جمهوريه ايٿوپيا جي پاڪستان ۾ سفير

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين جي چونڊ، مختلف سب ڊويزن ۾ عهديدار بنا مقابلي ڪامياب

ٽنڊوآدم (ن ع) پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين حيسڪو سب ڊويزن ٽنڊوآدم ڪو جي چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ چيئرمين اختر علي ڪلوئي وائيس چيئرمين عدنان جنرل سيڪريٽري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ سعيد احمد ميمڻ جي بازيابي لاءِ ايس ٽي پي جي احتجاجي ريلي

باڊهه (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي سنڌ ٽي پارٽي جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالحميد ميمڻ جي پاءُ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ناري پاران جنسي زيادتي جي الزام تحت 8 ڄڻن تي ڪيس داخل، جاچ شروع

سال اڳ جميل نصيراڻي سميت 8 ڄڻن گينگ ريپ ڪيو ۽ منهنجا وڊيو رڪارڊ ڪيا: ناري

ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس ورتو، ناري وارثن سميت ايس ايس پي هائوس طلب، واقعي جا تفصيل ورتا

ناري کان تفصيل ورتا آهن الزام هيٺ آيل جوابدارن کي گرفتار ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪنداسين: ايس ايس پي

هڪ جوابدار جميل نصيراڻي جو الزام رد ڪندي پاڻ کي بيگناهه قرار ڏيندي سي آءِ اي پوليس آڏو گرفتاري پيش ڪري ڇڏي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي بولان پاڙي جي رهواسڻ نوجوان ناري سان مبينه جنسي زيادتي، 8 ڄڻن مٿان گينگ ريپ ڪرڻ جو الزام ايس ايس پي طرفان واقعي جو نوٽيس، متاثر ناري ايس ايس پي هائوس

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

جيئي سنڌ
جيئي پورهيت
احتجاج
سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ماما عبدالحميد ميمڻ جي ڀاءُ
سعيد ميمڻ کي جلد آزاد ڪيو وڃي.
پاران - سنڌ ترقي پسند پارٽي باڊهه -

باڊهه: ايس ٽي پي پاران سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ سوشل ورڪر اتحاد پاران لڳايل ٿڌي پاڻي جي ڪئمپ ٽئين ڏينهن به جاري

بدين (ڊ ر) سوشل ورڪر اتحاد بدين پاران شاهنواز چوڪ تي لڳايل ٿڌي پاڻي جي ڪيمپ اڄ ٽئين ڏينهن به جاري رهي شديد گرمي جي موسم ۾ مسافرن، مزدورن، واٽهڙن ۽ عام شهرين کي ٿڌو ۽ صاف پاڻي فراهم ڪيو ويو ان موقعي تي مختلف سماجي سياسي سيول سوسائٽي ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ويجهو زال مڙس زهر پي خودڪشي ڪري ڇڏي، ناري جي وارثن جو ڏيرن تي الزام

وحيد علي چانڊيو ۽ مسمات خالده خيرپورميرس ۾ گهرو اڻبڻت ڪانپوءِ مبينا طور زهر پي ڇڏيو

لاشن جي گهرن ڏانهن منتقلي بعد ڪهرام، علائقي ۾ سوڳوار ماحول ڇانيل

ناري جي وارثن جو ڏيرن تي زبردستي زهر پيارڻ جو الزام، آءِ جي سنڌ کان شفاف جاچ جو مطالبو

نصيرآباد (ن ع) لڳ ڳوٺ آيو ڦليوٽو جي رهواسڻ هڪ ٻار جي ماءُ مسمات خالده ۽ سندس مڙس وحيد علي چانڊيو خيرپورميرس گهر ۾ گهرو اختلافن تان مبينا طور زهر پي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو. واقعي بعد ناري مسمات خالده جو لاش سندس مائٽ ڪنداڻي اباڻي ڳوٺ آيو ڦليوٽو پهتا، جتي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته مڙس وحيد علي جو لاش خيرپور ۾ سندس گهر اندر ئي موجود هو ٻئي طرف ناري جي وارثن خودڪشي واري ڳالهه کي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پوليس جي ڪارروائي، ڦر ۽ چوري ۾ ملوث گينگ بي نقاب، 12 موٽرسائيڪلون هٿ

لکي غلام شاهه ۾ اي ايس پي سٽي محمد آصف جي پريس ڪانفرنس، گرفتار جوابدار ۽ ساٿين جا نالا ظاهر

جوابدارن جي نشاندهي تي موٽرسائيڪلون، نقد رقم ۽ موبائل فون سميت مختلف سامان برآمد

لکي غلام شاهه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم جي هدايتن تي اي ايس پي سٽي محمد آصف پريس ڪانفرنس ڪئي شڪارپور پوليس جي وڏي ڪارروائي، موٽرسائيڪل ڦر ۽

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪوهستان ۾ صدين پراڻن وڻن جي بي رحماڻي واڍي خلاف رهواسين جو احتجاج

مقامي رهواسين ۽ سماجي اڳواڻن طرفان وڻڪاري جي تباهي تي سخت مظاهرو ڪيو

رهواسين جو حڪومت کان سخت ڪارروائي جو مطالبو، ماحول بچائڻ لاءِ سماجي بائيڪاٽ ۽ جدوجهد جو اعلان

نوري آباد (ن ع) سڄي دنيا هن وقت ماحولياتي تبديلين، وڌندڙ گرمي ۽ موسمي بحرانن کان بچڻ لاءِ وڏي پيماني تي وڻڪاري مهمون هلائي رهي آهي پر سنڌ جي خوبصورت علائقي ڪوهستان ۾ ڪجهه لالچي بي حس ۽ پئسي جا پوڄاري ماڻهو معمولي مالي فائدي خاطر صدين

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان سولنگي ۽ لوڌرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، ٽي ڄڻا زخمي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ ڳوٺ سوٽو خان سولنگي ۾ سولنگي ۽ لوڌرا برادري ۾ اڻبڻ پنڇ تان جهيڙو ٿي پيو فائرنگ جي نتيجي ۾ نوجوان خالد سولنگي، عبدالسميع سولنگي ۽ شهزور سولنگي سخت زخمي ٿي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ پيلو تيغاڻي سميت 60 خطرناڪ ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

پيلو تغاڻي 102 ڪيسن ۾ گهربل هو، جنهن جي گرفتاري تي 1 ڪروڙ جو انعام رکيل هو: ايس ايس پي ڪليم ملڪ

شڪارپور(ڊ ر)شڪارپور جي ڪچي واري علائقي ۾ ڪيل آپريشن دوران گهربل ڌاڙيل بيلو تغاڻي سميت 60 ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪيا ايس ايس پي ڪليم ملڪ چيو آهي ته ڌوهاري بيلو تغاڻي 102 ڪيسن ۾

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه: حيسڪو عملو غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽي رهيو آهي

ماحولياتي تحفظ کي رياستي پاليسين جو مرڪزي حصو بڻائڻ بنا پائيدار ترقي ممڪن ناهي: زين شاهه

ماحولياتي ڏهاڙو رڳو علامتي ڏينهن نه پر اهو انسانيت کي پنهنجي وجود، بقا جي احساس ڏيارڻ جو ڏينهن آهي

سڄي دنيا موسمياتي تبديلي، پاڻيءَ کوٽ، زمين جي زرخيزيءَ ۾ گهٽتائي، ٻيلن جي خاتمي ۽ ماحولياتي آلودگي جهڙن خطرن کي منهن ڏئي رهي

ماحوليات جي عالمي ڏينهن تي اسان نوجوانن، اديبن، دانشورن کي اپيل ٿا ڪريون ته هو ماحولياتي شعور کي پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻائين

ڄامشورو (ڊ ر) ماحوليات جو عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ايس يو پي صدر سيد زين شاهه چيو آهي ماحولياتي ڏهاڙو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

روهڙي ۾ تاريخي لينس ڊائون پل ويجهو پارڪ ۾ باهه، لکين رپين جو سامان سڙي رک

ميان عبدالقوي پارڪ ۾ مبينا شارٽ سرڪٽ سبب اوچتو باهه ڀڙڪي پئي

ريسڪيو ٽيم جي بروقت ڪارروائي، باهه تي ضابطو اچي وڌيڪ نقصان کان بچائي ورتو

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي ۾ تاريخي لينس ڊائون پل جي ويجهو جمالو پارڪ علائقي ۾ ميان عبدالقوي پارڪ ۾ اوچتو

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جو سنگين بحران، فراهمي بند، شهرين جو احتجاج

يوسي نمبر 9، جيئي شاهه ۽ ٺڪون پل سميت ڪيترن علائقن ۾ هفتن کان پاڻي جي کوٽ

خالي ٽانڪ کڻي احتجاج، مظاهرين جي نعريبازي، هنگامي بنيادن تي پاڻي فراهمي بحال ڪرڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي جنهن جي ڪري يونين ڪائونسل

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

محرابپور پرسان هٿيارٻندن ٻن ڳوٺاڻن کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار

محرابپور (ت ر) محرابپور سيال آباد روڊ تي ٽيڪنيڪل ڪاليج پرسان ڌوهاري ڦورن طرفان ڳوٺ موليڏنو راڄپر واسين غلام رسول راڄپر ۽ سڌير راڄپر کان موٽو ٽيڪنيڪل ڪاليج وٽان ڏينهن ڏٺي ڏيد دليري سان ڦورن ٽئين سي ڊي موٽرسائيڪل ڪيش پئسا ڦر ڪري فرار ٿي ويا ايس ايڇ او وهارين آڏو بيوس

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا پوليس اهلڪار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ۾ ڪولهي برادري جو روينيو عملدارن خلاف احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ ڪولهي برادري جي عورتن مردن جو احتجاج، ڳوٺ مٺارو ساند جي رهواسين عورتن مردن لڳڊيرو ڪولهي ٽانگڇي سرڃو مل چندر ۽ عورتن صاحبان گلي ريکان پريمي بجي ۽ جمون هنگورجو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪنڌڪوٽ ۾ قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ ايس ٽي پي جو احتجاج

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ضلعي ۾ قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب آڏو اڪرم باجڪاڻي ، دلمراد ڏاهاڻي ، جيوڻ خان ، قمردين سهرياڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين چيو ته ڪنڌ ڪوٽ ضلعي اندر ڪافي برادرين ۾

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪراچي واسي ناري جو پنهنجي پيءَ جي زيادتين خلاف احتجاج

سڪرنڊ (ن ع) ڪراچي واسڻ نوجوان ناري غلام صغريٰ ڌيءَ محمد لطيف پٽي سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيو آهي ته سندس والد جابر قسم جو ماڻهو آهي اسان جي والده سميت سمورن ڀينرن ۽ ڀائرن مٿان روزانو تشدد ڪري ٿو جنهن سبب منهنجي والده ۽ ڀائر ڪئي ڀيرا گهر ڇڏي ويا آهن هن اهو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

گڏيجي پرسان نو لکي شاخ مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

هنگورجا (ن ع) گڏيجي پرسان نو لکي شاخ ۾ هڪ نامعلوم شخص جو لاش ڦاٿل هجڻ جي اطلاع تي ريسڪيو 1122 خيرپور جي ٽيم فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي وئي مقامي ماڻهن پاران اطلاع ملڻ بعد ريسڪيو 1122 جي اهلڪارن ضروري سامان سان گڏ بروقت ڪارروائي ڪندي شاخ مان لاش کي محفوظ نموني ٻاهر

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد لياقت ڪالوني جي رهواسين جو مبينا فحاشي اڏي خلاف احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي مسافر روڊ ميمڻ پلاڙهه لياقت ڪالوني جي رهواسن مبينا فحاشي جي اڏي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري ۾ شامل عورتن سخت نعريبازي ڪئي ان

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، 14 ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي مختلف علائقن

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: تاريخي اولڊ ڪئمپس جي عمارت کي روشنين سان سينگاريو ويو آهي

Khinext
SPORTS & YOUTH
AFFAIRS DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH

تمام وڏي
ملٽي ڊومين AI ۽
اِنوويشن سَمِٽ
هڪ سَمِٽ، لا محدود موقعا
8 طاقتور شعبا

ڊيو زون: اي آءِ هيڪاٿنز، ورڪشاپس، ۽ عملي ڪوڊنگ سيشن.
شهر: حفاظت ۽ سيڪيورٽي، آٽو موبائيل، شهري ٽيڪنالاجي، ۽ پائيداري.
مستقبل: ڊجيٽل دور ۾ انسان ۽ اي آءِ جو گڏيل سهڪار ۽ اڳواٽي.
سيڙپڪار: باني جا پچ سيشن، وي سي نيٽ ورڪنگ، ۽ واڌ ويجهه بابت رهنمائي.
تخليقيت: ڊزائن، ڪهاڻي بيان ڪرڻ، ۽ جنريٽو اي آءِ جو سنگم.
فِن ٽيڪ: اي آءِ ۽ آٽوميشن ذريعي مالي شعبي جي ارتقا.
صحت: اي آءِ تي ٻڌل تشخيص، ڊجيٽل صحت، ۽ بايو ٽيڪنالاجي ۾ جدت.
طرززندگي: جسماني ۽ ذهني ڀلائي کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان.

Khinext ۾ هوندا
اي آءِ ڪانفرنس
ڪميونٽي لائونج
اي آءِ گيمنگ
خوابن جي سي اي او/انٽرپرينيورسان ڪافي
اي آءِ ايڪسپو

7 جون، 2026 ع
پرل ڪانٽينينٽل، ڪراچي

نگراني:
سردار محمد بخش خان مهر
راندين ۽ نوجوانن جي معاملن وارو وزير سنڌ
منور علي مهيسر
راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جو سيڪريٽري

Innovate. Collaborate. Elevate.
INF/KRY/2303/26

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.